سچل جو رسالو

(سرائڪي ڪلام)

مرتب

مولانا محمد صادق راڻيپوري

روشني

سچل جو رسالو

(سرائڪي ڪلام)

Gul Hayat Institute

سچل جو رسالو

(سرائڪي ڪلام)

مرتب

مولانا محمد صادق راڻيپوري

سنواريندڙ

گل محمد ٽنيو

Gul Hayat Institute

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1997ع

Roshni Book No. 115

سچل جو رسالو
(سرائڪي ڪلام)

مرتب: مولانا محمد صادق راڻيپوري

سنواريندڙ: گل محمد ٽنيو

ڇاپو پهريون: (سنواريل) © روشني 1997ع

ڪمپوزنگ: حسين سومرو ۽ حبيب قادر قريشي،
نيو سنڌ ٽيڪ ڪمپوزرس، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو

Sachal Joo Risalo
(Seraiki Poetry of Sachal Sarmast)

Compiled by: Moulana Mohammad Sadique Ranipoori

Composed by: Hussain Soomro & Habib Qadir Qureshi
Printed by: Fine Communication Hyderabad.
Published by: Roshni Publication Kandiaro
First Edition © Roshni 1997

Gul Hayat Institute

اسٽاڪسٽ

گنج بخش ڪتاب گهر، چوڪي گهٽي، حيدرآباد.
شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو، حيدرآباد
ڪتاب مرڪز، فريئر روڊ، سکر.
عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر.
ڪاٺياواڙ اسٽور، بندر روڊ، لاڙڪاڻو.
نيشنل بڪ ڊيپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو.

ســـتـــاءُ

پبلشر پاران	١
سچل جو سرائڪي ڪلام، اڳوڻي ۽ نئين ترتيب	1
سچل جي زندگي ۽ سندس ڪلام	9
سچل جو رسالو (سرائڪي ڪلام)	65
دعا	67
نعت	68
پنهنجي متعلق	69
حسن عشق	71-216
ڏوهيڙا	73
سي حرفي	103
ڪافيون	109
هير رانجهو	218-356
ڏوهيڙا	219
سي حرفيون	238
ڪافيون	259
تصوف	357-495
ڏوهيڙا	359
سي حرفيون	374
ڪافيون	396
مترفق ڪلام	496
سچل لغت	1-44

Gul Hayat Institute

پبلشر پاران

سچل سائين جي عرس جي موقعي تي اسان ”رسالو سچل سرمست“ (سنڌي ڪلام) ۽ ”سچل جو رسالو“ (سرائڪي ڪلام) گڏي هڪ پيتيءَ ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. اسان پنهنجي پاران سچل سائينءَ جي ڪلام جي هن اشاعت کي سنواري سڌاري، سهڻي گيٽ اپ ۾ سچل سائينءَ جي عقيدتمند ۽ پڙهندڙن لاءِ تحفي طور پيش پيا ڪريون.

هن اشاعت، ”رسالو سچل سرمست“ (سنڌي ڪلام) ۽ ”سچل جو رسالو“ (سرائڪي ڪلام) جي آخر ۾ ”سچل لغت“ پڻ شامل رکي وئي آهي ته جيئن اسان جي پڙهندڙن جي رسالي ۾ موجود ڏکين لفظن جي معنيٰ تائين رسائي آسانيءَ سان ٿي سگهي، بلڪ جيئن پڙهندڙ سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ موجود پيغام کي نه رڳو پڙهي پر پروڙي به سگهن، جنهن لاءِ رسالي ۾ شامل ’لغت‘ سندن رهنمائي ڪندي.

اميد ته اسان جي هيءَ پيشڪش (سچل جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ’سچل لغت‘ سميت) پڙهندڙن کي پسند پوندي.

Gul Hayat Institute

سچل جو سرائڪي ڪلام

اڳوڻي ۽ نئين ترتيب

سنڌ جي صوفي بزرگن جي ڪلام سان عرصي کان محبت اٿم. خاص طور تي شاهه ۽ سچل جي ڪلام سان. ان لاءِ سراسر سبب سندن لازوال شاعري آهي. ان تعلق ڪري مون بار بار سندن ڪلام کي پئي پڙهيو ۽ پروڙيو آهي. سندن شاعريءَ جي سٽ سٽ مون کي نه رڳو نَئين سر نَئين لڳندي آهي پر مون لاءِ نتِ نوان معنيٰ جا موتي ميڙي ايندي آهي.

جيئَن مٿي ذڪر ڪيم ته مون شاهه سان گڏ سچل سائينءَ جي شاعريءَ کي پئي پڙهيو آهي ۽ سندس ڪلام کي پڙهندي پڙهندي جتي ڪلام کي ترتيب ڏيندڙ مانوارن مرتبن کان رهجي ويل ڪي اهم اوڻايون منهنجي نظر مان گذريون آهن، اُتي ڪجهه اهم ڇاپي غلطيون پڻ موجود ڏٺيون اٿم. تڏهن ئي مون تحقيق جي بنيادي اصولن کان اڻ واقف هوندي به پنهنجي پاران هي جي رنڊا روڙي رهيو آهيان. مون سڪ ۽ عقيدت جي آڌار تي جا ڪوشش ورتي آهي، تنهن مان هڪ طرف ته منهنجو مقصد انهن اوڻائين متعلق پڙهندڙن کي آگاهي ڏيڻ آهي ۽ ٻئي طرف پنهنجي محققن جو ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي ته جيئَن اسان جا مانوارا محقق ڪو وقت ڪڍي سچل سائينءَ جي ڪلام کي جديد تحقيق جي بنيادن تي سوڌي سنواري پيش ڪن ۽ اسان جي هن عظيم شاعر جي ڪلام مان پڙهندڙ پورو پورو هز حاصل ڪري سگهن.

هن کان اڳ عثمان علي انصاريءَ جن جي مرتب ڪيل ”رسالو سچل سرمست“ (سنڌي ڪلام) ۾ مون کي جيڪي ترتيب ۽ ڇپائيءَ جون اوڻايون نظر آيون سي مون پنهنجي سمجهه آهر درست ڪري ۽ پوءِ ”رسالو سچل سرمست“ (سنڌي ڪلام) سنواري سڌاري پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو ۽ هيءُ سنواريل ڇاپو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ڇپائي پڌرو ڪيو.

ساڳي طرح مولانا محمد صادق راڻيپوري جن جي مرتب ڪيل ”سچل جو سرائڪي ڪلام“ ۾ پڻ مون کي جتي ترتيب جون اوڻايون نظر آيون، اُتي ڇاپي غلطيون به نظر مان گذريون ته انهن جي درستگيءَ لاءِ ڪوشش

Gul Hayat Institute

ورتم ۽ ان وچ ۾ روشني پبليڪيشن جي پبلشر سان اهڙي ڳالهه ڇوريم، هن پڻ همت ڀڏائي. ائين ”رسالو سچل سرمست“ (سرائڪي ڪلام) سوڌي سنواري پبلشر حوالي ڪيم، جو هاڻ ڇپجي اوهان پڙهندڙن اڳيان پڌرو آهي.

”سچل جي سرائڪي ڪلام“ جي ترتيب متعلق

مانواري مرتب مولانا محمد صادق راڻيپوري اڄ کان چاليهارو سال اڳ سچل جو سرائڪي ڪلام سهيڙيو (۽ ان ئي عرصي دوران عثمان علي انصاري سچل سائينءَ جو سنڌي ڪلام ترتيب ڏنو). ان بعد (چاليهارو سال گذرڻ باوجود) اهڙي ڪا ڪوشش اڳيان ڪانه آئي آهي. جڏهن ته هاڻ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سچل سائينءَ جي سنڌي توڙي سرائڪي ڪلام کي تحقيق جي جديد تقاضاعن مطابق پرکي پروڙي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو وڃي.

ابتدائي طور تي ئي سچل سائينءَ جي ڪلام کي جن به سهيڙڻ جي ڪوشش ورتي، انهن مان اڪثريت سچل جي معتقدن جي هئي. انهن پاران مرتب ڪيل سچل جي ڪلام ۾ سراسر سندن عقيدت جي اظهار جو عمل دخل آهي. باقي سچل سائينءَ جي ڪلام تي ڪيل ڪم مان سڀ کان اول ۽ بهتر ڪم مرزا علي قلي بيگ جو ئي آهي. هن صاحب اڄ کان لڳ ڀڳ هڪ صدي اڳ سچل سائينءَ جي سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام کي سهيڙڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو. ان لاءِ هن صاحب ڏاڍا ڪشالا ڪيا ۽ هو بار بار سچل جي درگاهه توڙي سچل سائينءَ جي اهڙن عقيدتمندن وٽ ايندو ويندو رهيو، جن کي سچل سائينءَ جي ڪلام سان خاص لڳاءُ هو. هن صاحب کي نه رڳو وڏيڪ ڪلام هٿ ڪرڻ جي اون لڳل هئي، بلڪ سندن جي هر وقت اها به ڪوشش پئي رهي ته من ڪٿان ڪين ڪا اڳ کان وڏيڪ بهتر پڙهٽي ملي پوي. اهڙي طرح هن صاحب ان جستجو ۾ ڪيترائي سال صرف ڪيا ۽ نيٺ سندس مرتب ڪيل ”رسالو سچل سائين“ (سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام گڏ) ٻن جلد ۾، سچل جي شاعريءَ جي عاشقن ۽ عقيدتمند لاءِ سوکڙي ٿي پيش ٿيو.

مرزا علي قلي بيگ جي مرتب ڪيل ”رسالو سچل سائين“ جا ٻئي جلد، ميسرس هريسنگهه سنس، ڪتب خانه ڇاپخانه سکر وارن 1902ع ۾ ڇپرائي پڌرا ڪيا.

هڪ وڌيڪ گذارش

مانوارن: عثمان علي انصاري، مرتب ”رسالو سچل سرمست“ (سنڌي ڪلام) توڙي مولانا محمد صادق راڻيپوري، مرتب ”سچل جو سرائڪي ڪلام“ جن

Gul Hayat Institute

سچل جو ڪلام ترتيب ڏيندي گهٽي قدر مرزا علي قلي بيگ جو "رسالو سچل سائين" ئي سامهون رکيو آهي، پر ان هوندي به عثمان علي انصاري سندس ذڪر سرسري طور ڪيو آهي ۽ مولانا محمد صادق راڻيپوريءَ ته ڪيس ذڪر لائق ئي نه ڄاتو آهي. بلڪ مولانا صاحب ڪي سچل جو ڪلام سهيڙڻ وقت ڪهڙن رسالن يا ماڻهن جي مدد ۽ سهڪار حاصل رهيو، تنهن متعلق پڻ رسالي ۾ ڪٿي ڪو ذڪر ڪين ڪيو اٿس.

مولانا صاحب "مؤلف جي گذارش" توڙي "تعارف" ۾ جن جن ماڻهن جو ذڪر ڪري ٿو سو فقط سچل سائينءَ جي سوانح متعلق ئي آهي ته ڪيس سچل سائينءَ جي سوانح بابت ڪنهن ڪان ڪهڙي ڄاڻ پلئہ پئي. بلڪ حقيقت هيءَ آهي ته مولانا صاحب سچل سائينءَ جي سوانح متعلق بنيادي ڄاڻ مرزا علي قلي بيگ واري ئي مهيا ڪئي آهي. مرزا صاحب پهرئين جلد جي "ديباچي" بلڪ خاص طور تي "احوال سائين سچل فقير شاعر جو" ۾ جو مواد شامل رکيو آهي، اهو سمورو مواد "تعارف" ۾ شامل رکيل آهي، اگر مولانا صاحب ان مواد ۾ ڪو واڌارو ڪيو آهي ته اهو پڻ عام ماڻهن جون اُتاريل عامي ڳالهيون آهن.

رسالي ۾ رهجي ويل اوڻاين ڏانهن نظر

سڀ ڪان اول مرزا علي قلي بيگ راڳ ۽ راڳڻين جي نسبت سان سچل سائينءَ جي سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام ڪي "رسالو سچل سائين" ۾ ترتيب ڏئي سڄو ڪلام هڪ جاءِ حاضر رکيو. ان بعد اول مانواري مولانا محمد صادق راڻيپوريءَ "سچل جو سرائڪي ۽ اردو ڪلام" ۽ ان بعد مانواري عثمان علي انصاريءَ "رسالو سچل سرمست" (سنڌي ڪلام ترتيب ڏنا ۽ هنن صاحبن ان ڪلام ڪي موضوع جي مناسبت سان الڳ الڳ سُرن ۾ سهيڙيو، پر ائين ڪندي ڪين ڪان ڪي اوڻايون رهجي ويون. مانواري عثمان علي انصاريءَ ڪان "رسالو سچل سرمست" (سنڌي ڪلام) مرتب ڪندي جيڪي اوڻايون رهيون، تن جو تفصيلوار ذڪر آءٌ اڳ ئي "رسالو سچل سرمست" (سنڌي ڪلام) ڪي سنواريندي ڪري چڪو آهيان. هت صرف انهن اوڻاين جو ذڪر ضروري ٿو سمجهان جي "سچل جو سرائڪي ڪلام" مرتب ڪندي مانواري مولانا محمد صادق راڻيپوريءَ ڪان رهجي ويون آهن.

ترتيب جي سڀ ڪان اهم اوڻائي

مولانا صاحب جي مرتب ڪيل "سچل جو سرائڪي ڪلام" ۾ سڀ

ڪان اهم اوڻائي، تصوف بعد رسالي ۾ "مزيد ڪلام" جو شامل هئڻ آهي.
ائين ٿو لڳي ڇڻ "مزيد ڪلام" رسالي ۾ ڪنهن ضميمي طور شامل آهي. جڏهن ته هي ڪلام رسالي ۾ موجود موضوعن ڪان الڳ ناهي، بلڪ انهن ئي موضوع سان واسطيدار آهي، جي رسالي ۾ اڳ شامل رکيل آهن. جيڪر "مزيد ڪلام" جي نالي سان رسالي ۾ شامل هيءَ ڪلام رسالي ۾ موجود موضوعن سان لاڳاپيل آهي ته پوءِ هيءَ ڪلام لاڳاپيل موضوع ۾ شامل هئڻ ڪپي.

جيئن ته "مزيد ڪلام" ۾ شامل ڪافيون ١، ٢، ٣، ۴، ٦، ٧، ٨، ٩ ، ١٦، ١٨، ٢١، ٢٢، ٢٣، ٢٩، ٣٢، ٣٣، ٣۴، ٣٦، ٣٧، ٣٨، ۴١، ۴٣، ۴۵، ۴٦، ۴٨، ۴٩ ۽ ڪافي ۵٠، رسالي ۾ موجود "حسن ۽ عشق" جي موضوع سان ٺهڪي اچن ٿيون. ان ڪري هي ڪافيون ان ۾ شامل رهڻ ڪپن.

ڪافيون ۵، ١٠، ١١، ١٢، ١٣، ١۴، ١۵، ١٩، ٢۴، ٢۵، ٢٦، ٣۵، ٣٩ ۽ ۴٢ هير رانجهو سان واسطيدار آهن ۽ ڪافيون پڻ "هير رانجهو" جي ڪافين سان شامل هئڻ ڪپن.

'مزيد ڪلام' ڪافيون، ١٧، ٢٠، ٢٧، ٢٨، ٣١، ۴٠، ۴۴ ۽ ۴٧ "تصوف" سان لاڳاپيل آهن. تنهنڪري اهي پڻ 'تصوف' ۾ شامل هئڻ گهرجن.

جيئن مٿي عرض ڪيم ته "مزيد ڪلام" ۾ شامل ڪافيون رسالي ۾ موجود موضوعن سان سڌو لاڳاپيل آهن، ان لاءِ مناسب اهو ڄاتم ته انهن ڪافين کي مزيد ڪلام جي ليبل ڪان آجو ڪري، واسطيدار موضوعن ۾ شامل رکجي.

جيئن ته "مزيد ڪلام" ۾ موجود سمورو ڪلام (ڪافيون) سواءِ هڪ ڪافيءَ جي جا "مزيد ڪلام" ۾ ڪافي ٣٠ (سر پيروي) طور شامل هئي ۽ هيءَ ڪافي سسئي پنهونءَ جي لوڪ داستان سان واسطيدار آهي ۽ ان موضوع سان هن رسالي ۾ اڳ وڌيڪ ڪلام شامل نه آهي، ان ڪري اها ڪافي رسالي جي آخر ۾ "متفرقه ڪلام" طور شامل رکي اٿم.

ترتيب جي ٻي اهم اوڻائي: رسالي ۾ 'اردو ڪلام' جو شامل رکڻ

رسالي جو نالو "سچل جو سرائڪي ڪلام" ظاهر ٿو ڪري ته رسالي ۾ سچل سائينءَ جو فقط سرائڪي ڪلام موجود آهي، پر مانواري مرتب رسالي ۾ سچل سائينءَ جي 'اردو ڪلام' کي پڻ شامل رکيو آهي. جنهن جي شامل رکڻ لاءِ مولانا صاحب ڪو سبب به نه ڄاڻايو آهي، نه ئي ان لاءِ ڪو سبب بنجي ٿو. ان لاءِ مناسب اهو ڄاتم ته "سچل جو رسالو" (سرائڪي

ڪلام) ۾ فقط ۽ فقط سچل سائينءَ جو سرائڪي ڪلام ئي شامل هئڻ ڪپي، ان لاءِ رسالي ۾ 'اردو ڪلام' شامل نہ رکيو اٿم.

باقي پبلشر جي پنهنجي مرضي، اها بيئي آهي تہ رسالي ۾ شامل 'اردو ڪلام' کي الڳ ڇپرائي پڌرو ڪجي تہ جيئَن سچل سائينءَ جو 'اردو ڪلام' پڻ عام پڙهندڙن جي اکين کان اوجل نہ رهي ۽ اهو وڌيڪ مناسب پڻ آهي تہ سچل سائينءَ جو 'اردو ڪلام' الڳ ڪتابي صورت ۾ ڇپجي پڌرو ٿئي. بلڪہ سندس ستن ٻولين ۾ چيل ڪلام کي الڳ الڳ ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪرائڻ ڪپي تہ جيئَن، سندس "هفت زبان" شاعر واري سڃاڻپ نکري نروار ٿي بيهي.

ترتيب جي ٽئين اوڻائي: موضوع وار ڪلام جو اندروني سٽاءُ

مولانا صاحب رسالي ۾ شامل ڪلام کي موضوع مطابق ترتيب ڏيندي اندروني تسلسل جو ذرو بہ خيال نہ رکيو آهي. هن صاحب ڪلام کي ترتيب ڏيڻ وقت تسلسل سان اڳتي وڌائڻ بجاءِ هر موضوع ۾ شامل ڪلام ۽ خاص طور تي ڪافين کي تہ رڳو هڪ هنڌ گڏ ڪري رکيو آهي، جنهن مان لڳي ٿو تہ يا مولانا صاحب ترتيب ڏيڻ وقت تسلسل طرف ڪو ڌيان ڏئي نہ سگهيو آهي، يا وري هو ترتيب جي بنيادي اصولن کان اڻ واقف رهيو آهي،

مثال طور، "حسن ۽ عشق" ۾

١ کان ١٨ تائين شامل ڪافين ۾ اندروني تسلسل ڪي قدر موجود آهي، يعني ڪافي هڪ ۾ محبوب جي عقابي اکين جو ذڪر آهي، ڪافي ۴ ۾ رنل محبوب کي پرچائڻ جو ذڪر ٿيل آهي ۽ ان کان بعد وارين ڪافين ۾ محبوب کي ڏوراپا ڏنل آهن. پر ڪافي ١٩ ۾ وري محبوب جي تلوار جهڙن اکڙين جو ذڪر ٿو اچي. ائين هر موضوع ۾ شامل ڪلام ۾ بار بار ترتيب جا اهڙا جهول نظر اچن ٿا، جنهن مان محسوس ٿئي ٿو تہ ڪلام جي ترتيب لاءِ مرتب فقط فرض ادائگي ڪئي آهي.

ترتيب جي چوٿين اوڻائي: مولانا صاحب جي سهيڙيل رسالي ۾ سرن جي اندروني ترتيب ۾ پڻ واضع فرق آهي.

مثال،

ترتيب موجب مواد جو سٽاءُ هن طرح رکيو اٿس.

1- حسن ۽ عشق

سڀ کان اول: ڏوهيڙا

Gul Hayat Institute

ان بعد: ڪافيون

آخر ۾: سي حرفيون

2- هير رانجهو

سڀ کان اول: ڏوهيڙا

ان بعد: سي حرفيون

آخر ۾: ڪافيون

3- تصوف

سڀ کان اول: ڏوهيڙا

ان بعد: ڪافيون

آخر ۾: سي حرفيون

ترتيب ۾ هن طرح جي اوڻائيءَ مان لڳي ٿو تہ مولانا صاحب موضوع موجب ڪلام جي ترتيب ڏيڻ وقت يا تہ اندروني ستاءَ ۾ هڪجهڙائي کي ڪا خاص اهميت نٿو ڏئي يا وري ان ڳالهہ کان اڻ واقف آهي. جڏهن ت موضوعن ۾ ڪلام جي ترتيبوار ستاءَ ۾ هڪجهڙائي هئڻ لازمي آهي. ان لاءِ مون هر موضوع ۾ آيل ڪلام جي اندروني ستاءَ ۾ ساڳيائپ برقرار رکي آهي.

يعني،

اول: ڏوهيڙا

ان بعد: سي حرفيون

آخر ۾: ڪافيون

ترتيب جي پنجين اهم اوڻائي: ڪافين جي اندروني ترتيب

مولانا صاحب ڪلام ترتيب ڏيڻ وقت ڪن ڪافين جي اندروني ستاءَ کي سمجهي نہ سگهيو آهي.

مثال طور: علي قلي بيگ جي "رسالو سچل سائين" جي صفحي ۷۴ - ۷۵ سر پيروي جي ڪافي ۱۷۰ ۾،

ٿلهہ: نہ ڪوئي مين، نہ ڪوئي تين، ٿيون ڪم اِٿان بي دم.

هن ڪافيءَ ۾ علي قلي بيگ ٿلهہ بعد ست بندَ شامل رکيا آهن ۽ هر بند هڪ سٽ جو آهي. هن ڪافيءَ ۾ شامل هر بند جو قافيو آهي،

جم - غم - دم - چم - هم - تم - رم.

۽ اهم ڳالهہ تہ ڪافيءَ جي آخري بند ۾ شاعرَ تخلص بہ ڪم آندو آهي.

"سچو" سَتِ وچون اِ هستي، اتاهين غير هووے رم.

پر مولانا صاحب، هن ڪافيءَ جي ترتيب ۾، جا 'تصوف' ۾ ڪافي ۱۱۲ (سر پيروي) طور شامل رکيل آهي، تنهن ۾ ٿلهه بعد هر بند ۾ سٽن جو رکيو آهي ۽ ڪافيءَ ۾ ۴ بند ڏيکاريا اٿس. جيئَن ته ڪافيءَ ۾ ٿلهه بعد ڪل ست (۷) سٽون (ساڳيون علي قلي بيگ واريون) شامل رکيون اٿس. ان لاءِ آخري بند ۾ هڪ سٽ ڏئي، ٻي سٽ (..........) نامعلوم ڄاڻائي اٿس. حقيقت ۾ ڪافيءَ جو بندوار سٽاءُ علي قلي بيگ وارو ئي درست آهي. يعني، هر سٽ بند تي مشتمل آهي ۽ ڪافي پڻ پنهنجي جاءِ تي مڪمل آهي.

ڇهين اوڻائي: ترتيب جو ٻئو معيار

مانواري علي قلي بيگ ڪلام جي ترتيب وقت خاص طور تي پهرئين جلد ۾ ڪافين ڪي ترتيب ڏيندي، ڪافيون موضوع بجاءِ راڳ ۽ راڳڻين جي نسبت سان سرّوار ترتيب ڏنيون آهن.

جيئَن ته؛

پيروي، تلنگ، سارنگ، پهاڙي ۽ جوڳ وغيره.

جنهن مان صاف ظاهر آهي ته علي قلي بيگ ڪافين واري جلد ترتيب ڏيڻ وقت راڳ ۽ راڳڻين جي نسبت سان سُر ترتيب ڏنا.

جڏهن ته، مولانا صاحب "سچل جو سرائڪي ڪلام" سهيڙڻ وقت موضوع مطابق ڪلام ترتيب ڏنو. جيئَن ته؛

"حسن ۽ عشق"، "هير رانجهو" ۽ "تصوف".

ان صورت ۾ هر ڪافيءَ جي سري تي راڳ/ راڳڻين جو نالا پڻ باقي رکيو اٿس، جو مناسب نه پيو لڳي. جڏهن ته، عثمان علي انصاريءَ "رسالو سچل سرمست" (سنڌي ڪلام) ڪي موضوع وار ترتيب ڏيڻ بعد راڳ / راڳڻين واري نسبت باقي نه رکي آهي. مون پڻ اهوئي مناسب ڄاتو ته موضوع وار ترتيب بعد راڳ/ راڳڻين واري نسبت شامل نه رکجي.

ڇپائيءَ جي اهم غلطي

"هير رانجهو" صفحي ۱۳۱ سي حرفي ۲، جو حرف 'ن' بعد وارو مواد و، ھ، ع، ي سي حرفي ۳ ۾ حرف 'ج' جي مواد بعد شامل رکيو ويو آهي. جنهن ڪري هڪ طرف سي حرفي ۲ نامڪمل رهجي وئي آهي ته ٻئي

Gul Hayat Institute

پاسي سي حرفي ۳ ۾ واڌو مواد شامل ٿي ويو آهي. جنهن غلطيءَ کي هن رسالي ۾ درست ڪيو ويو آهي.

رسالي جي آخر ۾ ’سچل لغت‘ جو شامل رکڻ

جيئن ته، ”رسالو سچل سرمست“ (سنڌي ڪلام) ۽ ”سچل جو رسالو“ (سرائڪي ڪلام) ۾ ڪيترائي ٻين ٻولين، عربي، فارسي، سرائڪي وغيره جا لفظ توڙي سنڌي ٻوليءَ جا اهڙا لفظ شامل آهن، جن جو مقصد يا مطلب سمجهڻ عام پڙهندڙن لاءِ آسان نه آهي ۽ ان لاءِ ته جيئن عام پڙهندڙ سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ سمايل پيغام کي آسانيءَ سان سمجهي سگهن، مون ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جن جي ”سچل لغت“ رسالي جي آخر ۾ شامل رکي آهي. رسالي منجهه موجود لفظن جون تز معنائون ڏنل آهن. بلڪ سچ ته لغت جي حوالي سان (بلوچ صاحب کان پوءِ) ڊاڪٽر سنديلو صاحب جن جا سنڌي ٻوليءَ تي وڏا وڙ آهن، جو هن صاحب جون ’تحقيق لغات سنڌي‘، ’سچل لغات‘، ’تحقيق لغات سامي‘ ۽ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپرايل ’سنڌي لغت‘ جي ڪجهه جلدن ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان سندن گڏيل پورهيو سنڌي ٻوليءَ لاءِ وڏو سرمايوآهي ۽ اسان سنڌي پنهنجي اهڙي محسن جا احسانمند آهيون، جنهن لغت جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ کي شاهوڪاري بخشي.

مون ”سچل لغت“ مان رسالي جي آخر ۾ فقط لفظ ۽ ان جي معنيٰ شامل رکي آهي. لفظ جو بنياد ۽ ڌاتو شامل ڪين رکيو اٿم جو عام پڙهندڙ لاءِ رڳو معنيٰ/ مقصد ڄاڻڻ ئي ضروري آهي.

آخري گذارش

سچل جو رسالو (سرائڪي ڪلام) مون پنهنجي سمجهه آهر سوڌي سنواري اوهان پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو آهي، جي اوهان پڙهندڙ پارکو ٿي پروڙڻ جي ڪوشش ڪندؤ ته منهنجي ڪيل هن پورهئي منجهه اوهان کي ڪيترين ئي ڪچاين ڦڪاين نظر ايندين، جو منهنجي سمجهه جي وسعت ئي ايتري آهي، پر اميد اٿم ته اوهان پڙهندڙ منهنجي ناسمجهيءَ کي سامهون رکي، مدايون معاف ڪندؤ، جو آءٌ معافي طلب آهيان.

فقط

گل محمد

Gul Hayat Institute

مؤلف جي گذارش

بسم الله الرحمان الرحيم - گذارش آهي تہ هيءُ عاجز مؤلف، 1319هہ کان، حضرت بابرڪت سرمست بادہ وحدت حافظ ميان عبدالوهاب صاحب فاروقي عليه الرحمه، المتخلص به "آشڪار"، "خدائي"، "سچل"، جي سوانح حيات جو ۽ سندس شعر و سخن جو شيدا رهي ٿو. ٻين لفظن ۾ هي چوڻ پڻ صحيح ٿيندو تہ جڏهن سچل سائين عليه الرحمه جي وصال کي مرڳو سٺهتر سال گذريا هئا، تڏهن کان انهي خيال ۽ شوق ۾ رهندو ٿو اچان. ميان آندل فقير فاروقي درازن واري ساڻ منهنجي اڪثر ملاقات ٿيندي هئي، جنهن وٽ سچل سائين عليه الرحمه جي پيرن جي جتي ۽ ڪجهہ ٻيا تبرڪات پڻ هئا.

ميان آندل فقير وڏيءَ عمر وارو هو ۽ هن جي منهنجي ڀاءُ ميان محمد ڪاظم مرحوم ساڻ گهري دوستي هئي، جنهن ڪري هو اسان وٽ راڻيپور شريف ۾ اڪثر ايندو هو، جنهن کان سچل سائين عليه الرحمه جي حالات ۽ سوانح بابت گهڻين روايتن جي تصديق توثيق ٿيندي هئي. ميان آندل فقير چوندو هو تہ، 'سچل سائينءَ کي سندن مرشد علامہ خواجا عبدالحق عليه الرحمه ننڍي لاءِ "سچو"، "سچل" ۽ "سچيڏنو" ڪوئيندو هو، انهي ڪري سنڌي، سرائيڪي، اردو ۾ اهو ئي "سچو"، "سچل"، "سچيڏنو" تخلص اختيار ڪيو هئائين.

ٻيو آندل فقير بلادي ويٺل بنگلو لڳ ڪوٽ ڏيجي، جنهن جو ذڪر مرحوم مرزا علي قلي بيگ پنهنجي "رسالي سچل" ۾ ڪيو آهي، ان جو پٽ حسين بخش بلادي، جو پڻ پوڙهو وڏيءَ عمر وارو هو ۽ اسان جي پير صاحب حضرت پير سيد محمد صالح شاهہ صاحب جيلاني عليه الرحمه وٽ سال ۾ ٻہ ڀيرا ضرور ايندو هو (هڪ ڀيرو ٻارهي جي ميلي تي ۽ هڪ دفعو درازا شريف ۾، جڏهن چوڏهينءَ جو ميلو ٿي گذرندو هو) اهو حسين بخش فقير سنو راڳيندڙ ۽ سڌ ٻڌ وارو سنڌي پڙهيل بہ هو، جنهن کان آءُ حضرت پير صاحب جن جي روبرو توڙي خلاصو صرف سچل سائينءَ جو ئي ڪلام چوائيندو هوس.

Gul Hayat Institute

سچل سائينءَ جا ڪجهه سوانح حيات پنهنجي پير صاحب کان پڻ هٿ ڪير، جيڪي ڪين سندن والد ماجد حضرت پير سيد غلام محي الدين شاهه صاحب عليه الرحمه کان پهتل هئا ۽ ٻيا جيڪي ڪوائف ڪين مير صاحب مرحوم سر مير علي مراد خان صاحب واليءِ رياست کان ۽ سندن صاحبزادن ۽ جهونن مصاحبن کان پنهنجي ڪنين بلاواسطه ٻڌل هئا - ڇو تہ حضرت پير صاحب اسان جي مير صاحب سر مير علي مراد خان کي ڏاڍو چاهيندو هو ۽ پنهنجا دستخطي رقعا لکي گهرائيندو هوس.

مؤلف حقير جا جناب پير صاحب پير سيد ميان خميص علي شاهه صاحب عليه الرحمه گيلاني گمبٽ واري سان پڻ نيازمندانہ تعلقات هئا، ۽ سندن خدمت ۾ بہ اڪثر ويندو هوس. سچل سائينءَ جا انهن کان بہ ڪجهه حالات مليا، جيڪي ڪيس سندس والد صاحب پير صاحب ميان شمس الدين شاهه صاحب گيلاني عليه الرحمه کان ٻڌل هئا.

اهڙيءَ ريت، ڪجهه حالات مرحوم مخدوم ميان غلام محمد کهڙن واري کان بلاواسطه ٻڌم ۽ ڪجهه روايتون مرحوم سرائي حاجي غلام رسول خان (عام مختيار سرڪار شاهزاده مير احمد علي خان صاحب ٽالپر عليه الرحمه) کان، شاهزاده مير غلام حسين خان صاحب ٽالپر جي روبرو ٻڌم.

... جيئن اهي سڀ روايتون موقعي سر اڳتي قلم بند ڪيون ويندیون.

جيتوڻيڪ ڪتاب جي حجم وڌي وڃڻ جو خوف آهي، تڏهن بہ آءٌ اهڙيون سچيون روايتون ضرور لکندس، جيڪي هن کان اڳ ڪنهن بہ تذڪره نويس نہ لکيون آهن، جن جو نہ لکڻ سچل سائينءَ جي سوانح حيات ۾ وڏي گهٽتائي ٿيندي، ۽ آئينده اهي سچيون روايتون ۽ واقعات معدوم ٿي ويندا ۽ جن روائن کان مون اهي روايتون ۽ واقعات ٻڌا، انهن مان صرف شاهزادو مير غلام حسن خان صاحب ٽالپر حيات آهي، ۽ ناچيز مؤلف پڻ پوڙهو شيخ فاني ٿي ويو آهي ۽ پنهنجي پروردگار غفار ستار ڏانهن وڃڻ وارو آهيان.

ز چشم آستين بردار و گوهر را تماشا کن - فقط

فقير محمد صادق غفرلہ

راڻيپور شريف، ضلعو خيرپورميرس، غره رمضان شريف،

1376 هجريہ مقدسہ مطابق 2 اپريل 1957ع

Gul Hayat Institute

سچل سائينءَ جي زندگي
۽
سندس ڪلام

سچل سائينءَ جو شجره نسب

مولوي حافظ عبدالوهاب "سچل" بن ميان صلاح الدين بن ميان محمد حافظ عرف صاحبڏنو بن مخدوم عبدالوهاب بن مخدوم محمد حافظ بن مخدوم عبدالوهاب بن مخدوم شرف الدين بن مخدوم موسيٰ بن حافظ علم الدين بن مخدوم شهاب الدين بن مخدوم سليمان بن مخدوم خواجہ ابو سعيد بن مخدوم نورالدين بن مخدوم محمود بن ابوالفتح بن محمد اسماعيل بن محمد يوسف بن سليمان بن محمد بن احمد بن برهان الدين بن عبدالعزيز بن عبدالوهاب بن عبدالمطلب بن برهان الدين بن احمد بن عبدالله بن يونس بن محمد بن شيخ اسحاق بن شيخ عبداللطيف بن محمد باقر بن محمد بن شيخ شهاب الدين بن عبدالعزيز بن عبدالله بن عمر بن الخطاب فاروق رضي الله عنهم.

سچل سائينءَ جي بزرگن جو سنڌ ۾ اچڻ

جيئن سنڌ جي تاريخ ۾ آهي، غازي محمد بن قاسم جڏهن 93 هجري ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي، تہ شيخ شهاب الدين فاروقي سندس ماتحت سنڌ تي حملي ڪرڻ وقت حملي آوارن سان شريڪ هو. ۽ سيوستان (سيوهڻ) جي فتح کان پوءِ شيخ شهاب الدين کي سيوستان جو حاڪم مقرر ڪيو ويو هو. شيخ شهاب الدين فاروقي تاريخ 9- محرم 95 هجريءَ ۾ فوت ٿيو ۽ سيوهڻ ۾ مدفون ٿيو؛ جنهن کان پوءِ سندس فرزند شيخ محمد فاروقيءَ کي سندس جانشين حاڪم مقرر ڪيو ويو، جنهن جو تاريخ 7- رجب 124هہ ۾ انتقال ٿيو؛ ۽ سندس فرزند شيخ اسحاق فاروقيءَ کي ان جو جانشين مقرر ڪيو ويو، جنهن تاريخ 30- ماهہ جمادي الثاني 193هہ ۾ وفات ڪئي؛ ۽ سندس پٽ

Gul Hayat Institute

شيخ محمد فاروقي جانشين مقرر ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ جڏهن غازي سلطان محمود غزنويءَ سنڌ هٿ ڪئي، تہ هن شيخ محمد فاروقيءَ کي جاگير طور ساليانہ پگهار مقرر ڪري ڏنو. انهي شيخ محمد فاروقيءَ تاريخ 2- رمضان شريف 221 هجريءَ جي رحلت ڪئي، جنهن جي اولاد مان مخدوم ... بن وحيدالدين بن عبدالعزيز بن محمود بن ابوالفتح فاروقي نالي وارا نامور ٿيا، ۽ اهي مڙيئي سيوهڻ شريف ۾ رهندا هئا، ۽ ڳوٺ خدا آباد جي ويجهو جيڪو نوريجن جو ڳوٺ آهي، اهو انهن فاروقي بزرگن پنهنجي ٻانهن ڪان ٻڌايو هو.

مخدوم نورالدين، تاريخ 21- رمضان شريف 464 هجري، سيوهڻ ۾ رحلت ڪئي، جنهن کي چار فرزند هئا: هرهڪ نالي ابوسعيد، بدرالدين، رڪن الدين ۽ ضياءُالدين، جن مان مخدوم ابوسعيد ۽ مخدوم بدرالدين سيوهڻ مان هجرت ڪري گاگڙي پرڳڻي (لڏي گاگن) ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا، ۽ 665 هجري، ۾ اهي ٻئي ڀائر مخدوم جمار عليه الرحمه جا مريد ٿيا، جيڪو حضرت مخدوم غوث بهاءُالدين زڪريا ملتاني عليه الرحمه جو مريد ۽ خليفو هو ۽ وڏو عالم، متقي، صاحب ولايت ۽ ڪرامت جو ڌڻي هو ۽ مرجع الخلائق ۽ مستجاب الدعوات هو. (انهي مخدوم جمار جو مقبرو شهر راڻيپور ڪان ڏکڻ طرف ۾ ميل کن فاصلي تي وڏي شاهي صوبائي روڊ جي اُيرندي ڪپ تي آهي، جيڪو ڪراچيءَ ڏانهن ويجي ٿو.) مخدوم ابو سعيد ۽ مخدوم بدرالدين جي زهد، عبادت، تقويٰ، اطاعت ۽ رياضت جو بيان مرزا علي قلي خان پنهنجي رسالي ۾ تفصيل سان لکيو آهي. مخدوم ابو سعيد جي قبر مڪان موسيجي، ديهہ راڻيپور، تعلقي گمبٽ ۾ شهر راڻيپور ڪان اولهہ طرف اٽڪل ميل کن پنڌ تي وڏيري خان ڪلهوڙي جي ڳوٺ ڪان اولهہ پاسي ڪلهوڙن جي گهرن ويجهو آهي. هڪ جاهل فقير علڻ ڪلهوڙو ان کي ڪعبہ مشائخ جي قبر ڪوئي اتي سال ۾ هڪ دفعو تل جي خيرات ڪندو هو. هينئر سنڌس پٽ ڌڻي بخش تل جي خيرات ڪندو آهي.

مؤلف جي تحقيقات موجب مخدوم ابوسعيد جا پويان موسيجيءَ ڪان لڏي شهر راڻيپور ۾ اچي رهيا هئا، جن مان قاضي مخدوم محمد شريف هڪ زبردست عالم، مشهور محدث، صاحب ڪشف ڪرامات جو ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌس مسجد شريف، جيڪا انهي زماني ۾ جامع مسجد هئي ۽ هن

وقت راڻيپور جي سرڪاري اسپتال کان اتر طرف پنجاهه ڪن گز جي فاصلي تي آهي، ان مسجد لڳ ڏکڻ پاسي مخدوم محمد شريف ۽ سندن عزيزن جون قبرون آهن. مسجد جي اوپر ويجهو پڪو کوهه آهي، ۽ کوهه جي اوپر ۾ هڪ وسيع ڪوٽ ۾ اندر انهن فاروقي بزرگن جون ماڙيون جڙيل هيون، جي مؤلف 1901ع ۾ پنهنجي اکين ڏٺيون هيون، جن ۾ حضرت پير صاحب جا ملازم سرائي چتل خان خاصخيلي ۽ اميد علي خاصخيلي ۽ مولوي الله بخش پنهنجي اهل عيال سميت رهندا هئا. انهن ماڙين جي چوڌاري هڪ وڏو ڪوٽ اوڏڪو نڪتل هو، جيڪو امتداد زماني سبب ڪٿان ڪٿان ڪِريل هو.

(مخدوم محمد شريف فاروقيءَ موصوف جي مسجد ۾ هڪ ٿنڀ ڪاٺ جو ڪرامتي آهي. اوائل عمر ۾ مون کي ٽيئڙ بخار واري جو ٿيو هو؛ حضرت پير صاحب جن پنهنجو ماڻهو ساڻ ڏيئي مون کي روانو ڪيو هو ته جيئن بخار جي واري کان اڳ ۾ انهي ڪاٺ واري ڪرامتي ٿنڀ کي ڀاڪر پائي اچان؛ تي ڏينهن ائين ڪرڻ سان ٽيئڙ بخار جو وارو ڇڏي ويو هو. انهيءَ ٿنڀ جي هيءَ روايت قديم زماني کان هليل آهي ته مخدوم محمد شريف جڏهن اها مسجد تعمير ڪرائي رهيو هو، ته ڊکڻن ۽ رازن اچي ڪيس ٻڌايو هو ته، "ٿنڀ ڊيگهه ۾ هٿ ڪن گهٽ ٿي پيو آهي، انهي ڪري جيستائين ڪو ٻيو ٿنڀ اچي تيستائين مسجد جو ڪم بند ڪيو وڃي." مخدوم صاحب ٻڌي، اٿي ڪڙو ٿيو ته، "مون کي اهو ٿنڀ هلي ڏيکاريو." ڪاريگرن اها ڪاٺي هلي ڏيکاري، جنهن تي بزرگ پنهنجو ساڄو هٿ ڦيرائي، ڪاريگرن ۽ مزورن جي روبرو هيءَ دعا گهري ته، "رب سائين، تون سائي ڪاٺيءَ کي وڌائين ٿو، سڪل ڪاٺيءَ کي نٿو وڌائي سگهين ڇا؟ الله سائين، توکي سڀ قدرت آهي، هن سڪل ڪاٺيءَ کي پنهنجي قدرت سان ڊگهو ڪر!" سندس دعا کان پوءِ واڍي ماپ ڪئي، ته ڪاٺي ڪهربل انداز کان به وڌي ٿي. هي معلوم نه ٿي سگهيو ته انهي ڪرامت لاءِ ٽيئڙ بخار ڇڏي ويندو، مخدوم موصوف ارشاد ڪيو هو يا سندس انتقال کان پوءِ اها ڪرامت ڪنهن بزرگ جاري ڪئي. والله اعلم بالصواب واليه المرجع والماب. هن وقت اهو ٿنڀ ڪِري پيو آهي ۽ ويساهي ماڻهو اجان تائين واري جي بخار اچڻ کان اڳ ٿا هن ٿنڀ کي ڀاڪر پائين، ته بخار جو وارو ٽريو وڃي.)

Gul Hayat Institute

انهي مخدوم محمد شريف جي شعر جو نمونو لکجي ٿو.

ملا موران تن سان محبت ميٺ نہ ڪن،
ويسه وسوڙلن ڪي ڪاتيءَ ساڻ ڪهن:
اٿن خير خلق سان نہ ساڻ ولايت وارن،
سبب تنهن جو پٽرو مر سارا لوڪ سٽن:
ملا سڄاڻ سگهتا، هو ڪراماتون ڪن،
هي هلن ظاهر تي، هو باطون بڪن:
ستون ڏين سماءَ جون ڳجها سر سلن،
تن ڪان اسم الله جو جيڪي پرس پڇن:
ٿئي هدايت تن ڪي رب جي راز رسن،
جيارين جڏن ڪي نهاريو نيٽن:
ڏين نپٽن پٽڙا، مردي نامردن،
اڪيون ڏين انتن ڪي، صحت مريضن:
ڪرامتون اهڙيون بيون پڻ سوَ سنڌين،
ڳٽي ڳٽيان ڪيترا لڪڻ لاهوتين:
تيله فقيرن سان پيئي ناهہ پڙهين،
پال پلايون تن جون سٽيو ڪين سهن:
تا مرن انهم مامري تہ هو تا وڏ وچن!

سچل سائينءَ جي بزرگن جي پيري مريدي

سچل سائينءَ جو ڏاڏو ميان محمد حافظ عرف صاحبڏنو عليه الرحمه، جيڪو 1101هہ ۾ ڄائو هو ۽ 1192 هجريءَ ۾ فوت ٿيو هو، اهو سنڌ جي ڪلهوڙن حاڪمن طرفان وڏي عهدي تي فائز هو. هڪ ڏينهن جيئن هو ڪنهن ،سرڪاري ڪم سان گهوڙي تي سوار ٿيو، ڪوٽڙي ڪبير کان ڏيوٽن جي ڳوٺ ڏانهن ٿي ويو، تہ انهن ٻن ڳوٺن جي درميان جهنگ ۾ هڪ مجذوبہ زال، بيبي بصريءَ نالي، بلڪل الف اگهاڙي ڪيس ڏسڻ ۾ آئي، جنهن چيس تہ، "صاحبڏنا، خدا تنهنجي ڪم ۾ آهي، تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ پٺتي موٽي وڃ!" ۽ ٽڏو ساهہ ڪٽي هي سنڌي بيت چيائين:

”چري ڪري بصري ڪري تہ ڪر نانهہ،
ويئي پرائي ويانهہ تنهن جو هينئڙو تاهس ٿيو.“

”جيئان گهٽو جڳ ۾ پر جسم نہ جيئڻ ڏي؛
باب نہ پڙهج بي، هوئج آسودو الف سان.“

”ور سان وجهي ڪاڻ، ڪليو سمهين ٿي ڪر سان،
اَيل هي اهڃاڻ، جا ڪر چڏي تو ٿري.“

انهي واقعي کي سچل سائينءَ پنهنجي تصنيف ”رازنامہ“ ۾ هيٺينءَ ريت بيان فرمايو آهي:

عرف جدم مشتهر صاحبدنہ — اسم محمد حافظ ست براست
روز يک مي رفت بيرون از شهر — بود خواجہ بر تماشاي دگر
درميان ڪوتري و ديونہ — ديد يک ديوانہ زن بد برهنہ
بي بي بصري بود ظاهر نام او — کس نمي بشناخت اورا تار مو
تاکہ آن ديوانہ زن پيشش رسيد — گفت باآن خواجہ اين آهي کشيد
بشنواز من راز اي مرد خدا — آن خدا در کار تو تو تا ڪجا
بيتها سندهي بگفتا از زبان — آن بہ پيش توهمي سازم عيان
ازشنيدن خواجہ آن بيخود شده — باز پس گرديد عاشق خود شد
پارچہ عمامہ را از سر کشيد — جرعہ از ميخانہ وحدت چشيد
آمده بشگافت جنگل گوشہ ساخت — جز محبت هرچہ بد زو روبتافت
چهل چلہ اندران بيشہ کشيد — بعد مدت شہ عبيدالله رسيد:

انهيءَ واقعي کان گهڻي مدت بعد ميان صاحبڏنو حضرت شيخ عبيدالله جيلاني بغداري عليه الرحمه جو مريد ٿيو، جيڪو محبوب سبحاني شيخ عبدالقادر جيلاني قدس سره جو پڙ پوٽو هو ۽ پنهنجي ٻن ڀائرن هرهڪ شيخ ڪليم الله ۽ شيخ عبدالملڪ عليه الرحمه ساڻ گڏ سنڌ ۾ آيو هو. حضرت بادشاهہ پٺائي عليه الرحمه جو ڏاڏو حضرت شاهہ ڪريم عليه الرحمه بلڙيءَ وارو شيخ ڪليم الله جو مريد ٿيو، ۽ شاهہ عنايت الله صوفي عليه الرحمه جهوڪ وارو شيخ عبدالملڪ جو مريد ٿيو هو.

ميان صاحبڏني فاروقيءَ بہ سنڌيءَ ۾ شعر چيا، نموني طور ڪجهہ بيت

Gul Hayat Institute

هتي لکجن ٿا:

ملا، جي محبت جي وٺي هڪ پئين
چڙي مڪتب معرڪو سوريءَ سر ڏئين
ڪيئن ٿو تون جئين، ريءَ سڪ "صاحبڏنو" چوي!

ري سڪ "صاحبڏنو" چوي ڪوڙئين پڙهن ڪتاب
پڇن غير گناه ڪان سوين ڪرن ثواب
سٽي دهشت دوزخ جي اکين پرن آب
اٿئي سڀ حجاب، ريءَ سڪ "صاحبڏنو" چوي.

ريءَ سڪ "صاحبڏنو" چوي متان آخوند ڪوٺائين
چڙي مڪتب معرڪو تون عشق نہ اُٺائين
نينهن نہ ٿو لائين، ڪامل پنهنجي ڪانڌ سان!

ڪامل پنهنجي ڪانڌ، اوهان خبر آهي خاصي
اوڏا ٿيو نہ عشق کي اها بات نہ اوهان باسي!
آهيو اوهان بہ اداسي، پر ڪاريءَ مس ڪارا ڪيئو.

ادا ڙي آخوند، مار نہ معصومن کي
جيڪر تنهنجي جان تي برهہ اٿي هئي بوند
تہ هئين نہ مارين هُوند، ناحق نادانن کي.

پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، جن پسيو نہ پيهي
"صاحبڏنا" صورت جي، ڪل تنين ڪيهي؟

فڪر فرهي جن، اٿئي پهر مراقبو
دلين جي درياءَ ۾، ٽٻي ڏني تن
سي ٿا لقاءِ پسن، ننڊ عبادت ان جي.

اٿي اَڌيءَ رات کي، چنڊئون چرخو چور
جوڙي ويهج جهد مان، منهن نه ٻئي موڙ
ساهي ٻڌ "صاحبڏنو" چوي، ڏاهي اٿي ڏور
اولاڻي ٿي اور، ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون.

ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون، سانڍڻ اندر ساهه
پڇي پڇائج پور ۾، متان ڪرين آهه
"و نحن اقرب من حبل الوريد" ويجهي ڪندو واهه
ڪاڏي ڪئي ٿئي ڪاهه؟ تو ۾ ديرو دوست جو!

تو ۾ ديرو دوست جو، موجب ڪتابن
پڙهيا جي پريت ڪان، اهي صحيح سٽ پڙهن
"قلوب المومنين عرش الله" چيو پاڻ ڏڻن.

ڪنهن جو نيهن نهر سان، ڪنين دٻايا درياءَ
"صاحبڏني" جي ساهه، آهي سمنڊ سمائيو.

مخدوم ميان غلام محمد کهڙن واري روايت ڪئي، ۽ پڻ حضرت پير صاحب پير سيد محمد صالح شاهه عليه الرحمه پنهنجي والد ماجد صاحب کان روايت بيان فرمائي ته جڏهن ميان صاحبڏنو چله ڪشيءَ ۾ هڪ اونهي غار ۾ گوشه نشين هو، ته حضرت ڀٽائي بادشاهه عليه الرحمه شهر کهڙن ڏانهن ويندي درازا شريف وٽ آيو، ته فرمايائين ته، 'هت پڪل گدري جي خوشبوءِ آهي.' هڪ اهل معرفت بادشاهه جي ڳالهه سمجهي عرض ڪيو ته، 'قبلا، هتي کهڙن اندر هڪ اونهيءَ کڏ ۾ ميان صاحبڏنو فاروقي چلو ڪيو رهيو آهي.' اهو ٻڌي، ڀٽائي بادشاهه عليه الرحمه غار ۾ اندر وڃي، ميان صاحبڏني سان ملاقات ۽ روح رهاڻ ڪئي، ۽ چيائينس ته، 'هاڻي يار کي لڪائڻ نه گهرجي' ۽ غار مان ڪڍي اچي ٻاهر ويهاريائينس، ۽ پاڻ کهڙن جي شهر ٻاهران اوتاري ۾ وڃي لٿو. انهن ڏينهن ۾ رئيس العلماء مخدوم صاحب ميان احمدي عليه الرحمه کهڙن ۾ هو، جنهن حضرت ڀٽائي بادشاهه عليه الرحمه

Gul Hayat Institute

ڏانهن چوائي موڪليو ته اسان سياڻي اوهان سان اچي ملنداسون!. پر پوءِ جڏهن مخدوم صاحب کي معلوم ٿيو ته بادشاهه سان تنبورا ۽ راڳيندڙ آهن، ته مخدوم صاحب، جو هڪ وڏو عالم متشره هو، انهيءَ ڪري بادشاهه سان ملڻ نه ويو، ڇو ته راڳ ۽ سرود شريعت ۾ حرام آهي. پوءِ بادشاهه هيٺيون بيت مخدوم صاحب ڏانهن لکائي موڪليو:

اڄ نه آيا سپرين، صبح ايندس آءُ،
جنهن جو توتي نانءُ، سو ڪٽندو بارَ ڪهين جا.

انهيءَ بيت جو مخدوم صاحب تي اهڙو اثر ٿيو، جو پاڻ هلي اچي بادشاهه سان ملاقات ڪيائين.

ميان آندل فقير فاروقيءَ کان عاجز مؤلف روبرو هيءَ روايت ٻڌي (جيڪا پنهنجي بزرگن کان ٻڌي هئائين، ۽ عام خاص ماڻهن ۾ پڻ متواتر مشهور آهي.) ته ميان چنيهن فقير اڄڻ کهڙن وارو ميان صاحبڏني جو مريد هو ۽ چلهه ڪشيءَ وارن ڏينهن ۾ روزانه پنهنجي مرشد وٽ کير پهچائيندو هو. اتفاقاً جنهن وقت بادشاهه پٺائي عليه الرحمه غار ۾ ميان صاحبڏني سان رهاڻ ڪري رهيو هو، ته چنيهن فقير انهيءَ وقت کير ڪٺي آيو، ۽ اندر غار ۾ وڃڻ لڳو، ته ميان صاحبڏني چيس ته 'اڄ هت باهه تي ٻري، متان اندر آيو آهين!' پر چنيهن فقير ڪونه مڙيو، ۽ اندر لهي ويو، ته کيس ميان صاحبڏني چيو ته 'چنيهن، هاڻ تنهنجي "چ" اڄ ڪڍي ڇڏيسون، تون نسورو ئي "نينهن" ٿي پيو آهين !' انهي کان پوءِ چنيهن اڄڻ امانت وارو ڪامل درويش ٿيو، ۽ سندس اولاد ۾ پشت به پشت ڪرامت وارا متشره فقير ٿيندا تا اچن. هن وقت ميان حاجي حليم الله فقير کهڙن ۾ گاديءَ تي آهي، جيڪو شريعت جو پائبند مستجاب الدعوات درويش آهي ۽ گهڻا ماڻهو وٽس دعا تعويذ جي لاءِ ايندڙ آهن. جڏهن ميان صاحبڏنو تارڪ الدنيا ٿي، لوڙهو هٿائي، ان ۾ عزلت گزين ٿيو هو، تڏهن کان اهو لوڙهو درگاهه شريف درازن جي لڳ چوڌاري رهندو اچي ٿو، ۽ انهي جي مرمت انهن اڄڻ فقيرن تي رکيل آهي، جيڪي سال ۾ اچيو لوڙهو سڌاريندا آهن.

ميان صاحبڏني عليه الرحمه کي به پٽ هئا؛ وڏو ميان صلاح الدين

صاحب سچل سائينءَ جو والد ماجد هو، پر سندس ننڍو پٽ ميان عبدالحق صاحب ميان صاحبڏني ڪان پوءِ گاديءَ تي ويٺو. ان بابت ٻه روايتون آهن، جن کي تذڪره نويسن پڻ بيان ڪيو آهي. هڪ روايت هيءَ آهي ته ميان صاحبڏني جي مرشد، شيخ عبيدالله جيلانيءَ، مسند نشينيءَ جو جيڪو سلسلو تاريخ 11 رمضان شريف 1164هه ۾ حبيب الدين جي مسجد واقع دراز شريف ۾ لکيو هو، ان ۾ ميان عبدالحق جو نالو لکيل هو نه ميان صلاح الدين جو؛ جنهن تي ميان صاحبڏني پنهنجي مرشد کي عرض ڪيو هو ته 'ڇو منهنجي وڏي فرزند صلاح الدين جونالو نه لکيو اٿوَ؟' جواب ۾ فرمايائين ته 'ميان صلاح الدين کي هڪ پٽ ڄمندو، جيڪو سرمست ۽ زماني ڪان تارڪ هوندو، انهي ڪري تنهنجي ننڍي پٽ جو نالو لکيو اٿم.' ٻي روايت هيءَ آهي ته جتي هينئر درگاهه شريف آهي انهي هنڌ هڪ کپڙ جو وڻ هو، جتي ميان صاحبڏنو هميشه صبح جي نماز وجي پڙهندو هو. هڪ ڏينهن ميان صاحبڏني پنهنجي پٽن جو هن طرح امتحان ورتو، جو پنهنجي وڏي پٽ ميان صلاح الدين کي چيائين ته 'کپڙ وڻ پاڙيءَ جو هڪ ڪوُنرو پيو آهي، اهو وجي ڪڻي اچ!' هو ويو ته ڇا ڏسي ته آڌو رت جو درياهه پيو ٿو وهي، جنهن کي ڏسي موٽي آيو، ۽ اها حقيقت اچي عرض گذاريائين. جنهن ڪان پوءِ پنهنجي ننڍي پٽ ميان عبدالحق کي چيائين ته 'تون وجي اهو ڪوُنرو ڪڻي اچ!' هو ويو ته هن به ڏٺو ته اڳيان رت جو درياه پيو وهي، پر همت ڪري، دل جهلي، رت جي درياهه ۾ ڪاهي پيو ۽ لنگهي وجي ڪوُنرو ڪڻي اچي والد جي خدمت ۾ حاضر ڪيائين. انهي امتحان وٺڻ مان ميان صاحبڏني کي پڪ ٿي ته فقيريءَ جي اهليت ۽ لياقت سندس ننڍي پٽ ۾ ئي آهي. انهي ڪري پنهنجي وڏي پٽ ميان صلاح الدين کي وصيت ڪيائين ته 'مون ڪان پوءِ پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي گاديءَ تي ويهارجانءِ!' انهي وصيت موجب ميان عبدالحق صاحب مسند نشين ٿيو. اها روايت ميان علي مراد فاروقيءَ به اسان جي پير صاحب کي روبرو ٻڌائي هئي. صحيح متواتر روايت آهي ته حضرت ٽالپر بادشاه عليه الرحمه جڏهن ٻئي ڀيري درازا شريف ۾ آيو هو، ۽ انهي وقت ميان عبدالحق صاحب گاديءَ تي ويٺو هو ۽ پنهنجي پٽن سان گڏ پنهنجي صغير ڀائٽي سچل سائينءَ کي به ٽالپر بادشاهه جي خدمت ۾ پيش

ڪري دعا طلب ٿيو هو، تہ انهي در يتيم کي ڏسي، بادشاهہ پيشنگوئي فرمائي هئي تہ "هن کي پڙهائڻ جو ڪو ضرور نہ آهي، اسان جيڪو ڪنو (ديڳ) رڌو آهي، ان جو هي نينگر ڍڪڻ لاهي ڇڏيندو." ۽ بادشاهہ جي اها پيشنگوئي حرف بحرف پوري ٿي، جيئن اڳتي سچل سائينءَ جي سوانح حالات مان ظاهر ٿيندو، ۽ جيئن ٻين تذڪرہ نويسن پڻ لکيو آهي.

ميان عبدالحق صاحب پڻ شعر چوندو هو. مؤلف حقير ميان آندل فقير فاروقيءَ ڳالهہ ڪئي هئي تہ هن وٽ سندن ڪلام لکيل هئا، 'پر منهنجي جاءِ ڪي باهہ لڳي هئي جنهن ۾ اهو بياض ڪلامن جو ۽ ٻيا تبرڪات سڙي ويا هئا: راقم کي خواجه عبدالحق صاحب جي چيل سنڌيءَ ۾ مدح ۽ ڪجهہ فارسي ڪلام دستياب ٿيو، جيڪو هن هيٺ لکجي ٿو، تہ يادگار رهي:

(حضرت خواجہ پير ميان عبدالحق صاحب جي چيل مدح حضرت محبوب سبحاني شيخ عبدالقادر جيلاني قدس سره)

بهر خدا و مصطفيٰ، يا غوث رب العالمين!
دل کي ڪرين سيد صفا، يا غوث رب العالمين!

نرتون نشر ناست ۾، منزل تنهنجي ملڪوت ۾
تنهنجي هڪل هاهوت ۾، يا غوث رب العالمين!

عارف آهين الله جو، تون دادلو درگاه جو،
... ...
واقف ڪرين تون راه جو، يا غوث رب العالمين!

سونهون ڪرين تون سير ۾، سڀ شر ڪان رک خير ۾
... ...
ڏي ڪانہ حاجت غير ۾، يا غوث رب العالمين!
... ...

تن ڪان نہ ٿئي طاعات ڪا، ڪانهي بدن جي بات ڪا،
... ...
تنهن جي ڪريو مصلحات ڪا، يا غوث رب العالمين!

Gul Hayat Institute

سياڻو سڄهي ٿو سير جو، نارو وهي ٿو نير جو
پاڇي آهيان تو پير جو ....
وٺ دست هن دلگير جو، يا غوث رب العالمين!

جن آدمي توکي نيان، آيا سنڌءِ در در ديان
توکي فلڪ تي ٿيا مڪان دشمن سنڌءِ هاويءَ هيان
ڪر ڪو ڪرم مون تي ميان، يا غوث رب العالمين!

شفاعت گهران تو شاه کان، تون آنهه منور ماه کان
... ... نيو نفس رهزن راه کان رک
خلل تنهن جي خواه کان، يا غوث رب العالمين!

توفيق ڏي طاعات ۾، سوکي گهران سڪرات ۾،
... ...
آدر ڏيو عرصات ۾، يا غوث رب العالمين!

ڏي صحت ڪل آزار کان، آهي انديشو نار کان
... ... بخشاء بخشڻهار کان
رک سختيءَ تبار کان، يا غوث رب العالمين!

ويلو قبر جو سخت تر، ايندا ملڪ ڏاڍي ڏمر
آت ڪم نہ ايندو زور زر، تنهن ويل ڪج تون وير ور،
دلگير تي تون دست ڌر، آيا غوث رب العالمين!

دل عشق سان آباد ڪر، ڪونين ۾ شه شاد ڪر،
دامن لڳيءَ جو داد ڪر، ڪل علت کان آزاد ڪر،
صالح سندم اولاد ڪر، يا غوث رب العالمين!

در تي تنهنجي دربان جم، فغفور سنجر پشت خم،
حاضر مَلڪ بہ دم بدم، تنهنجو ولين تي قدم،
ڪر ڪو مقصر تي ڪرم، يا غوث رب العالمين!

Gul Hayat Institute

تون درگه خدا جو دفتري، ڪانهي بنا تو رهبري،
واهڙ ٿيو سگهڙا وري، پٽيو اها دل جي دري،
ڪر وهم ڪان اجو وري، يا غوث رب العالمين!

ڪيا عجز "عبدالحق" ادا، سوڪور رکين تنهن کي سدا،
ڪيِ درد دل جا تنهن سندا ... ...
اچ خواب ۾ ڪارڻ خدا، يا غوث رب العالمين!

ميران محي الدين ميان، سڻ دانهن جا تو در ڏيان،
تعظيم عزت سان جيان، ايمان سان خاتم ٿيان،
دم آخرين ڪلمو چوان، يا غوث رب العالمين!

پير خواجہ بدالحق علي الرحمه 1462 هجريءَ ۾ وصال ڪيو. سندس تاريخ وفات سچل سائينءَ موزون ڪئي. اهو قطعه تاريخ سندن مزار پر انوار تي ڪانسيءَ جي سر تي لکيل موجود آهي. هن هيٺ لکجي ٿو.

مرشد ڪامل حقيقت يار، وارث دين احمد مختيار
گوهر بحرانه واحد، ليس في الدار غيره ديار
سال تاريخ اوست مظهر حق، ميم ماو من از ميان بردار
1264هہ

حضرت خواجہ عبدالحق جي وصال کان پوءِ، سندن فرزند سخي ميان قبول محمد صاحب اول گاديءَ تي ويٺو، سچل سائن ساڳيءَ طرح سندن خليفو رهيو. انهي سخي قبول محمد جي وصال کا، ٿي سال اڳ ۾ سچل سائينءَ برقعو مٿايو. ان کان پوءِ خواجہ پير عبدالحق جو پوٽو ميان نظر محمد طور سينا وارو گاديءَ تي ويٺو. جنهن جي وفات کان پوءِ ميان نجم الدين، ۽ ان جي انتقال کان پوءِ سخي ميان قبول محمد صاحب ثاني عليه الرحمه گاديءَ تي ننڍي ڄمار ۾ ويٺو.

سخي ميان قبول محمد صاحب ثاني ڪلام الله شريف جو حافظ ۽ وڏو صاحب باطن جو ۽ ڪشف ڪرامت وارو، مستحاب الدعوات، ۽ ايڏو سخي

هو، جو سوين دفعا سوالين محتاجن کي بدن جا ڪپڙا بہ لاهي ڏنائين. عاجز مؤلف بي شمار دفعا سندن خدمت ۾ دعا طلبيءَ لاءِ ويندو هو. وڏو صوفي موحد ۽ مرجع اللحلائق هو. جڏهن ڪيس گاديءَ تي ويهاريائون، تہ سچل سائينءَ جي طالب يوسف نانڪ سندس آڏو يڪتارو ڪٺي هي ڪلام في البديه انشاد ڪيو هو. ڪلام وڏو آهي، جنهن ڪري ان جي مطلع لکڻ تي اڪتفا ڪجي ٿي. (انهي خاص قبوليت سان سندس عمر 125 سال ٿي.)

عمر دراز تيڏي، علي نگهبان هووي!
علي نگهبان هووي، موليٰ مهربان هووي!
صاحب سلامي تيڏي، عرب ايران هووي!

رياست خيرپور جي وزير خانبهادر قادرداد خان هڪ ڀيري عرض ڪيو تہ "اوهان بہ ڪو ڪلام چيو آهي؟" ڪيس فرمايائون، "سچل سائينءَ ايترو ڪلام چيو آهي، جو وڌيڪ چوڻ جي ضرورت باقي نہ آهي." سندن هڪ بيت عام خاص ۾ مشهور آهي، جيڪو لکجي ٿو:

جامن تي جامان، پرين پهري آيو،
ڪامان ڙي ڪامان، تہ ڪيئو لِڪُ قريب ڪيو!

هن سائين سخي قبول محمد عليه الرحمه جي مرقد شريف درگاهہ جي قبي ۾ ڏکڻ ڪان سنگ مرمر جي جڙيل آهي؛ ۽ خواجہ عبدالحق صاحب جي فرزند ميان زين العابدين ، ۽ خواجہ صاحب جي پوٽي ميان نظر محمد، ۽ ميان نظر محمد جي پٽ ميان غوث محمد عليه الرحمه جا مقبرا طور سينا واري قبي ۾ آهن، جنهن کي سچل سائين "طور سينا" ڪوٺيندو هو ۽ ان تي وجي عروج جي حالت ۾ چڙهي ويهندو هو.

Gul Hayat Institute

قطعہ تاريخ ميان زين العابدين عليه الرحمه

بود گل از گلشن رحمت اميرالمؤمنين، زينتِ اصحاب معني قدوه سلک حامدين
نخلِ بستانِ صفا، سو گلاستان وفا، نونهالِ کامراني از حديقہ جاودين
خازنِ فردوس رحمت باصد مرحبا، اي ولي زيب طاعت انت زين العابدين
1242هہ

قطعہ تاريخ وفات ميان نظر محمد عليه الرحمه

مهِ برجِ ولايت اوجِ سرمد، کہ محکم بود بر شرعِ محمد
پيءِ سالِ وصالش گفت هاتف، چراغِ اوليا نظر محمد
1252هہ

قطعہ تاريخ وفات ميان غوث محمد عليه الرحمه

چون محمد غوث صاحب از جهان کرد انتقال، 'ارجعي' بشنيد از حق يافتِ تشريف وصال
مست صهبائي اناالحق محرمِ سر الست، سينہء بي کينہ اش آئينہء نورِ جمال
نوجوان، شيرين زبان، سر نهان، غرق درياي بقا غواص بحرِ بي نشان
بهر تاريخ وصالش عالمِ ارواح گفت، باد محو انوار بيچون سالکِ سالم خيال

سنہ 1225هہ جڏهن مير صاحب مير رستم خان والي رياست خيرپور ميرس درگاه شريف جو قبو تعمير ڪرايو هو، تہ سائين صاحبڏني عليه الرحمه جي وفات جو قطعہ لکائي سندس مرقد شريف تي هڻائي ڇڏيو هو:

گل فردوس رحمت باغ فاروقي ز اسرار خدا واقف کماهي
ولايت او بود مشهور آفاق زفوقِ عرش اعظم تا بماهي
محمد حافظ و هادي تولد سنش کامل نقل مظهر الهي
1081 + 91 = 1192هہ

سچل سائينءَ جي ولادت ۽ وصال جو بيان

اسم شريف عبدالوهاب، نسباً فاروقي، مشرباً صوفي قادري؛ سنڌي، اردو ۽ سرائڪيءَ ۾ تخلص "سچو"، "سچل"، "سچيڏنو"، ۽ فارسيءَ ۾ "آشڪار"، "خدائي"-

1152هہ مطابق 1739ع جي ڳوٺ دراز شريف ۾ ڄائو هو. جڏهن سندن والد ماجد ميان صلاح الدين انتقال ڪيو هو، تہ ان وقت سائين ڇهن سالن جو صغير ٻار هو. جنهنڪري هن در يتيم جي پرورش سندس چاچي خواجہ عبدالحق صاحب جي درياي صحبت ۽ بحر معرفت ۾ ٿي، جنهن هن کي پهرين حافظ عبدالله قريشي صديقيءَ وٽ قرآن شريف پڙهڻ ۽ حفظ ڪرڻ جي لاءِ ويهاريو، جنهن وٽ ننڍي عمر ۾ ئي قرآن شريف ازبر ياد ڪري

Gul Hayat Institute

قاري ٿيو. اهو حافظ عبدالله مرحوم دراز شريف جي مشهور آخوند حسن عليءَ جي بزرگن مان هو. حافظ عبدالله 1233هہ ۾ وفات ڪئي، جنهن جي قبر درگاهہ عشق بارگاه دراز شريف جي اڳيان صحن ۾ آهي، جنهن جي وفات جو هيٺيون قطعہ تاريخ سچل سائينءَ جو چيل ڪانسيءَ جي سر تي لکيل آهي:

خادمِ صاحبانِ اهل الله محرمِ راز عارفِ بالله
عرف اهل قريش صديق واصلِ بحرِ ذات الاالله
جستم از عقل سالِ تاريخش گفت از اسم حافظ عبدالله
1233هہ

قرآن شريف حفظ ڪرڻ کان پوءِ سچل سائينءَ کي سنڌس چاچي خواجہ عبدالحق صاحب پاڻ فارسي پڙهائي، ۽ علوم عربيه متداوله جي تحصيل ساڻ گڏ تصوف ۽ معرفت جي تڪميل ڪرائي، خلافت جو خرقو ڏڪائي، سرفراز ڪيائينس، انهي ڪري ڪيس ”خليفو سچل“ ڪري ڪوٺيندا هئا. سچل سائينءَ علم ظاهرَ ۽ باطنَ سمورو پنهنجي مرشد برحق کان ئي حاصل ڪيو ۽ پرايو هو، جيئن پنهنجي سرائڪيءَ ۾ چيل سي حرفي جي هڪ بيت ۾ چوي ٿو:

هادي هي ميڏا عبدالحق سائين، صوفي صاف جو شاهنشاه ميان!
سيو علم تنهن تون معلوم ٿيا، اسرار مڙيوئي آگاه ميان!

سچل سائي پنهنجي سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي ڪلام ۾ بار بار پنهنجي مرشد برحق جي فيض ۽ ڪماليت جي واکاڻ ڪندو رهيو آهي. خواجہ محم الدين سيراني عليه االرحمه واري روايت تہ هن سچل سائينءَ کي جهنگ ۾ لپاٽ هڻي چيو هو تہ ’هن کي عشق جي هڪ لپاٽ بس آهي‘ - اها بلڪ لغو ۽ افتراءِ ۽ سنڌس مخالف ماڻهن جي من گهڙت آهي. ان جو ذڪر صرف ”تذڪره مخاديم کهڙا“ ۾ آيو آهي. ان کان سواءِ اها غير مستند ۽ بي بنياد روايت عوام خواص ۾ ڪٿي بہ ٻڌڻ ۾ ڪانہ آئي آهي، ۽ نہ وري ان جو بيان ڪنهن ٻئي تذڪره نويس ئي لکيو آهي. جيڪڏهن اها روايت صحيح هجي ها، تہ سچل سائين پنهنجي محسن خواجہ محڪم الدين کي ضرور پنهنجي ڪنهن ڪلام ۾ ياد ڪري ها؛ ليڪن انهن ڪڏهن بہ ان کي ياد نہ ڪيو

آهي، نہ صراحتہ نہ ڪنايتہ - حالانڪ سچل سائينءَ ڪي جن اهل مماتيءَ وارن بزرگن رڳو غائبانہ ارادت ۽ محبت هئي، تہ انهن ڪي بہ پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترائي دفعا محبت ساڻ ياد ڪندو رهيو آهي، مثلاً فريد الدين "عطار"، شمس تبريزي، بايزيد بسطامي، منصور، وغيره.

سچل سائينءَ ڪي پنهنجي مرشد برحق خواجہ عبدالحق سان اهڙي عقيدت ۽ محبت هئي، جو باوصف خليفہ مجاز هئڻ جي بہ ڪڏهن ڪنهن ڪي پنهنجو مريد نہ ڪندو هو، بلڪ جڏهن ڪڏهن ڪو وٽس مريد ٿيڻ جي لاءِ ايندو هو، تہ ان ڪي پنهنجي مرشدن وٽ وٺي وڃي مريد ڪرائيندو هو؛ البت ڪيترائي ارادتمند صداقت پيوند علم وارا سندس خدمت ۾ طالب ٿي رهندا هئا، ۽ اڪثر فيض وار فقير ڪامل ٿي ويا- جيئن اڳتي سندس طالبن جو بيان لکيو ويندو.

سچل سائينءَ جي صغيريءَ جو احوال

سچل سائين ننڍي هوندي بہ اڪيلو گذاريندو هو ۽ تن تنها جهنگ ۾ گهمندو هو ۽ بلڪل ماٺ ۽ صبر ۽ فڪر ۾ هوندو هو ۽ سراپا خيالُ ۽ غمناڪ رهندو هو. صغيريءَ ڪان وٺي آخر عمر تائين نہ ڪڏهن ڪنهن شڪار جي ويجهو ويو ۽ نہ ڪڏهن پنهنجي هٿ سان ڪنهن جانور ڪي ذبح ڪيو هئائين.

سچل سائينءَ جي جوانيءَ جا ڪوائف

جواني ۽ ايام شباب ڪان وٺي، سچل سائين پنهنجي مرشد ڪريمن گاديءَ وارن سان ۽ پنهنجي ٻين عزيزن سان پنج وقت نماز پابنديءَ سان پڙهندو هو، ۽ ورد وظائف ۾ مشغول رهندو هو. پوءِ جڏهن سندس عمر پنجاه سال ڪي قريب ٿي هئي، تہ پوءِ موج، مستيءَ، عروج، جي حالت ۾ بيخود ٿيو استغراق ۾ پيو هوندو هو، جيئن پنهنجي هيئين فارسي ڪلام ۾ چوي ٿو:

Gul Hayat Institute

سالها بودم مسلمان ديندار عابدانہ سجدہ مي کردم شمار
در وظائف ورد هم شاغل بُدم سوي مسجد روز شب مائل بُدم
زهدو رياضت مي کشيدم روزها بي خبر بودم ز درد و سوزها
سالها اندر عبادت بوده ام هم بہ تقوي هم طاعت بوده ام
ذکر الا الله مي کردم بسي آفرين مي کرد مارا هر کسي
پس بخدمت پير عبدالحق شدم تاک هر نيکي بدي را پا زدم
در بحر توحيد مارا غوطہ داد در دلم آن مايۂ دردي نهاد
عشق افزون با فقر امداد کرد خاطر ويران من آباد کرد
دينداري را فراموشي نمود از مذاهب وکيش مارا دل ربود
آن کجا مانده مسلماني کجا حسن آن محبوب باشد جا بجا
از وجودم رستگاري يافتم از ميان کفر و دين برتافتم
تا درون ورطہ عشق انداختہ دل ز سوداي دگر پرداختہ

۽ جيئن هڪ سنڌي ڪلام ۾ چيو اٿس:

پڙهيم نمازون، رکيم روزا، پر پرو پرينءَ جو ڪونہ پيو مون!

با وصف پور جوانيءَ ۽ اعليٰ صحت ۽ نهايت حسن پرستيءَ جي، پنهنجي نفس تي اهڙو قابض هو، جو آخر عمر تائين ڪوبہ اجايو پير شريعت غراء جي خلاف ڪڏهن بہ ڪونہ کنيائين، ۽ صغيريءَ کان وٺي ڪڏهن بہ شراب، ڀنگ تہ نہ واپريائين، پر ڪڏهن حقو يا چلم بہ ڪانہ ڇڪيائين، ۽ نہ وري نڪ ۾ ڪڏهن نسوار ڏنائين. رياست جي حاڪمن ٽالپرن جي شادين ۾ پنهنجي مرشدن ڀاران پير ڏيڻ ويندو هو، جي مير صاحبن جا نوڪر چاڪر ۽ ٻيا اوباش ماڻهو شراب ڀنگ وغيره پيئندا هئا، تہ ڪنهن تي غصو چڙ نہ ڪندو هو ۽ نہ ڪنهن کي منع ڪندو هو. سندس هيٺين فارسي رباعي ملاحظہ ڪيو:

ساقيا اين شراب انگوري، ما نخواهيم زوست صد دوري
لا زوال ست آن ميءِ وحدت، آن بنوشان، رهم ز مهجوري

Gul Hayat Institute

۽ جيئن پنهنجي هڪ سنڌي ڪلام ۾ چوي ٿو:

ڪيو مست پرين جي ڪٽي ناز مون کي! ناهي روزو ياد نماز مون کي!
شوق و شراب پيان پرين وٽ راتيان ڏيهان: ڪونهي ملا قاضيءَ جو ڪو لحاظ مون کي!

۽ فقيريءَ جي خيال ۾ اهڙو مست هوندو هو، جو باوجود جوانيءَ جي، شادي جو خيال به ڪونه هوندو هيس. سندس چاچي مرشد خواجه عبدالحق سائينءَ کيس پنهنجي نياڻيءَ سان شادي ڪرائي، جنهن مان هڪ پٽ به ڄائو هوس، جنهن جو نالو ”نياز علي“ يا ”موجود علي“ چيو ٿو وڃي، جيڪو ننڍي هوندي ئي فوت ٿي ويو هو، جنهن جي موت بابت هيءَ روايت بلڪل مشهور آهي (۽ مؤلف عاجز مير صاحبن جي جهونيءَ عمر وارن نوڪرن کان پڻ ٻڌي آهي.) چون ٿا ته مير رستم خان والي رياست خيرپور جو پٽ مير محمد حسن خان سخت بيمار ٿي پيو هو، جنهن جي بچڻ جي پٽيءَ اميد ڪانه هئي. طبيبن به علاج کان بس ڪئي، جنهن ڪري مير صاحب رستم خان سچل سائينءَ کي دعا طلبيءَ جي لاءِ پاڻ وٽ گهرايو ۽ کيس ڏاڍي عاجزي نيازيءَ سان عرض ڪيائين ته ’منهنجو پٽ بچائي ڏيو!‘ سچل سائينءَ دعا گهري؛ پوءِ مير صاحب رستم خان کي چيائين، ’مير صاحب، تنهنجي پٽ جي حياتي پوري ٿيل آهي، آءٌ ان جي عيوض پنهنجو پٽ سرڪار خدا جي ۾ ڏيان ٿو.‘ سچل سائين اڃان خيرپور ۾ ئي هو ته مير محمد حسن خان هڪدم تندرست ٿيو، ۽ سچل سائينءَ جي پٽ جي اوچتي موت جي خبر آئي. مير محمد حسن خان وڏيءَ عمر وارو ٿيو، جنهن جو اولاد تعلقي روهڙيءَ ۾ رهي ٿو.

ميان آندل فقير درازن واري کان ۽ مخدوم غلام محمد کهڙن واري کان ۽ ٻين ڪيترن کان خاڪسار مؤلف پنهنجي ڪنين هيءَ روايت ٻڌي ته ايام جوانيءَ ۾ هڪ دفعو سچل سائين گهوڙي جي سواريءَ تي خيرپور کان پنهنجي ڳوٺ ٿي آيو؛ جڏهن پيري جي ڳوٺ آيو، ته هڪ ماڻهو پيدل پنهنجو ڏاند ڪاهيندو ٿي آيو. ان کان پڇيائين ته ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ جنهن چيو ته ”منهنجو نالو محبوب آهي.“ پڇيائين ته ”ڪٿان ٿو اچين؟“ چيائين، ”مستيءَ کان ٿو اچان.“ پڇيائين ته ”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“ چيائين ته

Gul Hayat Institute

” محبت ٿو وڃان.“ (تنڊي مستيءَ کي عوام رڳو ”مستي“ ڪوٺين ٿا ۽ محبت ديري کي رڳو ”محبت“ چون ٿا.) هن جو ائين چوڻ ۽ سچل سائينءَ کي وجد طاري ٿي ويو ۽ هر هر دانهن ڪري پيو چوي ته ”سبحان الله! محبوب مستيءَ مان ٿو اچي ۽ محبت ڏانهن ٿو وڃي!“ ۽ پاڻ گهوڙي تان لهي پيو، ۽ انهي ڏاند واري راهڪ کي گهوڙي تي چاڙهي، پاڻ سندس ڏاند ڪاهي پيدل هليو ۽ هر هر بلند آواز سان چوندو پئي آهيو ته ”سبحان الله! محبوب مستيءَ مان ٿو اچي ۽ محبت ڏانهن ٿو وڃي!“ جڏهن دراز وٽ پهتا، تڏهن ماڻهو حيران ٿي ڊوڙندا آيا، ۽ راهڪ ڏاند واري کي گهٽ وڌ چوڻ لڳا. پر پاڻ ماڻهن کي منع ڪيائين، راهڪ کي اهو گهوڙوو سنجن سميت بخش ڪيائين، ۽ هڪ ماڻهو به ان کي ڏنائين ته سندس اڳيان ڏاند ڪاهي ڪيس محبت ديري پهچائي اچي.

سچل سائينءَ کي پئسي پائيءَ جي پٽيءَ لالچ نه هئي. جيڪي ملندو هوس، اُهو سڀ فقيرن ۽ سوالين کي ڏيئي ڇڏيندو هو. هميشه غمناڪ رهندو هو، ڪلندو اصل نه هو، اڪثر اکين مان لڙڪ جاري هوندا هُنس. سڄي عمر ۾ به پيرا ٺهڪ ڏيئي ڪليو هو- جيئن تذڪره نويسن پڻ لکيو آهي ته هڪ دفعو لطف علي خان خاصخيلي خميساڻيءَ جي زال سچل سائين ءَ وٽ اچي عرض ڪيو ته ”منهنجو مڙس مون ڪان رٺو آهي، اهو پرچائي ڏيو!“ لطف علي کي گهرائي پرچاءُ ڪاياڻون، جو لطف علي خان سندس مريد هو. ٿورن ڏينهن پڄاڻا لطف عليءَ پنهنجي زال کي ڪهي ماري ڇڏيو. جڏهن سچل سائينءَ اها خبر ٻڌي، تڏهن ٺهڪ ڏيئي ڏاڍو ڪليو. ٻئي ڀير، هڪ سيد اچي سچل سائينءَ کي سوال ڪيو! انهي وقت جيڪو زريدار چوغو پاڻ پايو ويٺو هو، اهو لاهي انهي سواليءَ سيد کي ڏنائين. سيد صاحب جي وڃڻ ڪان پوءِ، سچل سائين حال پئجي ويو. طالبن کي چيائين ته ”انهي سيد کي جلد موٽائي اچو!“ جڏهن سيد موٽي آيو، ته ڪيس تڙ ڪرائي، نئون لباس پهرائي، هڪ ٻيو چوغو زريدار نئون ۽ پنج سو رپيا نقد ۽ هڪ گهوڙو سنجن ۽ چانديءَ جي پنج سنجيءَ سميت سيد کي ڏنائين. ان ڪان پوءِ ڪجهه وقت مراقبي ۾ ويهي، زور سان ٺهڪ ڏيئي ڏاڍو ڪليو. سندس طالبن ان جو سبب پڇيو، ته پاڻ چيائين ته ”مون پهرين جڏهن سيد صاحب کي پنهنجي بدن

تان چوغو لاهي ڏنو هو، ته سندس وڃڻ کان پوءِ حضور نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام مون تي عتاب فرمايو ته ’ اسان جو عاشق ٿي، تو اسان جي اولاد کي پنهنجو پاٽل ڪپڙو پهرايو!‘ انهيءَ کان پوءِ جڏهن مون سيد صاحب کي گهرائي، نئين پوشاڪ وغيره ڏيئي، رخصت ڪيو، ته حضور نبي ڪريم عليه الصلواة واالسلام مون کي پاڪر پائي فرمايو ته ’سچي عاشق کي ائين ڪرڻ گهرجي‘ ... جنهن ڪري مون کي ڏاڍي خوشي ٿي، تڏهن ٺهڪ ڏيئي کليس.“ انهيءَ واقعي مان ظاهر آهي ته ڪيس حضور نبي ڪري صلعم جو حضور حاصل هو، جئين پنهنجي فارسي ڪلام ۾ به چيو اٿس:

بوده ام روزي بخدمت مصطفيٰ ، سيد الڪونين آن خيرالوري
اين چنين فرمود مارا از ڪرم، ’جز برخصت پير عبدالحق ميان‘

سچل سائينءَ جو حليو ۽ لباس

سندس قد سڌو سنئون درميانو هو، رنگ صاف ڪليل بادام جهڙو، خط و خال دلڪش، اکيون وڏيون چيرويون آهو چشم، وار گيسو دراز، اڇو سفيد پيراهن پائيندو هو ۽ اڇي ڪٽي جي چادر يا اڇي ڪاڏيءَ جي گوڏ ٻڌندو هو. سندس ٻيا سڀ عزيز ۽ مائٽ سر تي پڳ ٻڌندا هئا، مگر سچل سائين صوفين فقيرن وارو سبز تاج مٿي تي پائيندو هو. جُتي به پائيندو هو، پر ڪڏهن ڪڏهن پيرين اگهاڙو به گهمندو هو، ۽ هٿ ۾ عصا کڻندو هو. اوائل ۾ وهٽ تي چڙهندو هو، خوراڪ ۽ کاڌو بلڪل سادو واپرائيندو هو. ڏينهن جو گهڻو ڪري روزو رکندو هو، ۽ جڏهن روزو نه هوندو هوس، ته لسي (جهڻ) ۾ ڳاڙها مرچ وجهي، ان ۾ ماني ڀوري کائيندو هو؛ ننڍيءَ عمر ۾ گوشت جو شوربو به واپرائيندو هو، پر پوءِ ڇڏي ڏنو هئائين؛ رات جو جوئر جي ماني ٻڪريءَ جي کير سان کائيندو هو. کاٽ جي صندل تي يا هيٺ ڌرتيءَ تي سمهندو هو، پر گهڻو وت مراقبي ۾ بيراڳڻ جي ٽيڪ تي اونڌي ڪنڌ ذڪر فڪر ۾ رات گذاريندو هو.

سچل سائينءَ جو سفر

سچل سائين عليه الرحمه سنڌ کان ٻاهر ته ڪڏهن به ڪونه ويو، پر مرڳو سنڌ ۾ به هڪ اڌ دفعو سکر، روهڙي، شڪارپور، لاڙڪاڻي تائين سفر ڪيو هئائين. روهڙيءَ ۾ فقير صاحب ميان قادر بخش "بيدل" ساڻ روح رهاڻ ڪئي هئائين، جو سندس معتقد هو. سکر، شڪارپور ۾ سچل سائين عليه الرحمه جي ولايت ڪرامت، درويشيءَ ۽ سخنوريءَ جي ڏاڍي هاڪ هئي، جتي ڪيترا طالب ٿيا هئا. لاڙڪاڻي ۾ عثمان فقير چاڪيءَ کي فيض رسايو هئائين، فقير ميان محمد صالح قلات، خراسان، بخارا، قنڌار تائين مريد ڪيا، ۽ هڪ مشهور درويش ٿي گذريو آهي؛ لاڙڪاڻي ۾ سندس محلو 'ٻڍڙهي ميان صاحب' جي نالي سان مشهور آهي؛ سندس پويان صاحب معرفت ۽ شاعر ٿيندا رهن ٿا، جن مان ميان علي محمد قادري اهل علم، صاحب معرفت شاعر هو. سچل سائين عليه الرحمه راڳ ٻڌڻ جو ڏاڍو شوقين هو؛ طبلي ۽ سارنگيءَ تي هٿ لڳڻ شرط بيخود ۽ سرشار ٿي ويندو هو، ۽ سندس مٿي جا وار ڪڙا ٿي بيهندا هئا؛ ۽ اهڙو ته درد مند ۽ رقيق القلب هو، جو راڳ ٻڌڻ سان سندن اکين مان لڙڪن ۽ ڳوڙهن جا نار وهي هلندا هئا، جيئن پنهنجي هڪ فارسي شعر ۾ چوي ٿو:

دلم پر غم پريشان ز اشتياقش، ز دردم شير داده دايءِ ما!

رياست خيرپور جي ٽالپر حاڪمن ساڻ سچل سائينءَ جا تعلقات

سائين عبدالحق عليه الرحمه جي وقت ۾ مير سهراب خان ۽ سندس پٽ مير رستم خان حاڪم هئا. فاروقي بزرگن جا ٽالپر حاڪمن ساڻ سچل سائين عليه الرحمه جي ذريعي تعلقات پيدا ٿيا. حيدرآباد سنڌ جي هڪ هندو عامل حيدرآباد جي ميرن جي نوڪري ڇڏي، مير سهراب خان وٽ اچي نوڪري ڪئي؛ ڪجهه عرصي کان پوءِ انهي هندوءَ جنهن کي مير سهراب خان پنهنجو مختيارڪار ڪيو هو، سرڪاري پئسا غبن ڪيا ۽ انهي تهمت هيٺ ڪيس لاڪپ ۾ وڌو ويو. انهي حيدرآبادي عامل هندوءَ جا مائٽ، ميان فضل الله صوفي عليه الرحمه جهوڪ واري وٽ ويا ۽ قيد ٿيل عامل هندوءَ جي لاءِ سفارش گهريائون. صوفي فقير صاحب موصوف کين هڪ خط خواجه عبدالحق صاحب عليه الرحمه ڏانهن لکي ڏنو، جنهن ۾ لکيل هو ته 'هڪ باز ڪتن وٽ جهلجي پيو آهي، اهو ڇڏائي ڏيندا!' خواجه صاحب پنهنجي دستار

مان نقادري ٽوپي ڪڍي پنهنجي هٿن سان سچل سائين عليه الرحمه جي مٿي ۾ وڌي، ۽ چيائينس ته ’مير صاحبن کان انهي هندو عامل جي ٻانهن ڇڏائي اچو!‘ سچل سائين مير سهراب سان ۽ سندس پٽن جي ڪچهريءَ ۾ ويو ته اتي بندوقون تراريون ڏسي پڇيائين ته ’ابا، هي ڇا آهن؟‘ چيائون ته ’سائين، هي بندوقون آهن؛ انهن سان شينهن جو شڪار ڪندا آهيون.‘ تنهن تي سچل سائينءَ چيو ته ’ابا، شينهن ڪنهن جي مارڻ جو آهي!‘ پر انهن هوڏجي چيو ته ’هن بندوق سان ايترن قدمن تي شينهن ماريو ويو ۽ هن بندوق ايترين وکن تي شينهن ماريو.‘ ان تي سچل سائينءَ کي اهڙو جوش آيو، جو هڪدم شينهن ٿي بيٺو ۽ ڪچهريءَ ۾ ويٺل سڀ ماٺهو ڏسي دهلجي ويا ۽ پوءِ سچل سائينءَ کان هٿ ٻڌي معافي گهريائون، ۽ پوءِ وري انساني صورت ۾ ٿي پيو، ۽ سندس چوڻ تي هندو عامل کي به مير صاحب آزاد ڪيو! انهي واقعي کان پوءِ مير صاحبن جو انهن فاروقي بزرگن ڏانهن اعتقاد ۽ اعتماد ٿيڻ لڳو! ورنه مير صاحب شيعه مذهب جا هئا، جي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کان خصوصاً زياده ناراض آهن.

۽ هي روايت تواتر جي درجي تي پهتل آهي ته هڪ دفعو سچل سائين پنهنجي گاديءَ وارن مرشدن جي طرفان مير صاحبن جي شاديءَ ۾ پير پرڻ جي لاءِ ويو. مير صاحب سهراب خان جا سڀ ننڍا وڏا صاحبزادا ڪيس مرحبا ڪرڻ جي لاءِ دستور موجب وٽس آيا. انهي وقت اتفاقاً سچل سائين مٿي بدن تي ميٽ لايو ويٺو هو ۽ تڙ ڪرڻ جي لاءِ تيا ويٺو هو. ٻيا سڀ ننڍا وڏا صاحبزادا بيهي رهيا. سهراب خان جو سڀني کان ننڍو پٽ مير علي مراد خان هڪدم وڃي سچل سائينءَ جي پيرين پيو ۽ ڀاڪر پاتائين. سچل سائين ان کان ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ اکين تي چمي ڏنئي، چيائينس ته ’هي ميٽ نه هو پر مينديءَ جو رنگ هو، جو توکي لڳو آهي، ۽ بادشاهيءَ جو تاج تنهنجي سر تي رکجي ٿو.‘ مير صاحب رستم خان مرحوم سخي قبول محمد اول کي ديهه درازا جاگير ڪري ڏني هئي ۽ ڪجهه جاگير تعلقي ڪنڍياري ۾ پڻ ڏنائين. ۽ ان کان علاوه ٽالپر حاڪم وڏا فياض هئا ۽ درگاه عشق بارگاه دراز شريف جا بيحد معتقد هئا، جنهنڪري هو تمام گهڻو نذر وغيره ڏيندا هئا. ۽ مير رستم خان مرحوم سخي مرحوم جي رهڻ لاءِ هڪ بنگلو پڻ جوڙائي ڏنو

هو، ۽ درگاهه شريف جو قبو به مير صاحب موصوف تعمير ڪرايو هو، جنهن جي تاريخ تعمير جو فارسي منظوم قطعو درگاهه شريف جي قبي ۾ اندر اوپر طرف ڪاني لکيل آهي، جو مير صاحب موصوف جي ڪنهن منشي محرر جو چيل چيو وڃي ٿو-هت هن هيٺ يادگار لاءِ لکجي ٿو:

واليءِ ملک مير رستم خان ابن سهراب خان عالي شان
صاحبِ ڪرم و صاحبِ وسعت راضي است دائما برو رحمان
در برش خلعتِ مريدي شد برسرش قائم ست تاج شهان
هست آن مير طالب المولىٰ داد او را خدا بلند مکان
او بنا ڪرد گنبذِ اخضر هست آن روضهٔ بهشت نشان
هست درگاه حضرت قادر بارگاهِ رفيع مثل جنان
عام و خاصان جبه سايانند سر بمالند همچو صد خاقان
ميڪند هرڪ آستان بوسي همه مشکل برو شود آسان
سال تاريخ جستم از هاتف گفت روضه مقدس برهان.
1225هه

سچل سائينءَ جي طالبن جو ذڪر

جيئن مٿي گذريو، ته سچل سائين عليه الرحمه ڪنهن کي به مريد نه ڪندو هو، پر ان هوندي به ڪيترائي طالب مريدن جيان سندس صحبت ۾ رهي فيض پرائيندا هئا؛ مثلاً يوسف فقير تخلص "نانڪ" اڱڙن وارو، ۽ يعقوب فقير، ۽ سيد ميان حيدر شاهه رتي ديري وارو جنهن وٽ سچل سائينءَ جي مستعمل لوهي بيراڳڻ تبرڪ طور هئي، ۽ جانو فقير حلاج (پڃارو) شڪارپور وارو جنهن وٽ سچل سائينءَ جي ڪر آندل مچي جي هڏي جي چٽسالي‌ءَ سان ۽ سندن سبز رنگ واري هڪ صوفين واري تاج تبرڪ طور هئي (۽ هينئر سندن پوٽي وٽ چٽي وڃي ٿي)، ۽ سيد ميان دين محمد شاهه ۽ سيد ميان پير شاهه، ۽ سيد محمد حيدر شاهه، ۽ سيد ميان حسن شاهه، ۽ شير خان فقير ڀنيرو، ۽ شير علي فقير، ۽ محمد صديق فقير ويڻل ڳوٺ فتي تعلقي لاڙڪاڻي وارو، ۽ حاجي ميان عثمان فقير چاڪو لاڙڪاڻي وارو، ۽ فقير محمد صالح قادري لاڙڪاڻي وارو، ۽ فقير محد صلاح ڀٽيو دوٿي تعلقي خيرپور وارو، ۽ گهرام فقير جتوئي- اهي مڙيئي باخدا درويش ۽ شاعر ٿيا آهن.

يوسف فقير اڳڙن واري ۽ يعقوب فقير جي طالب ٿيڻ جو افسانو هن طرح آهي، جو بلڪل مشهور معروف آهي. سچل سائين موج مستيءَ ۾ وقت جو عطا ۽ منصور هو، ۽ سوريءَ تي سر ڏيڻ ۽ شريعت جي تعزير ماڻڻ جي لاءِ هميشه مشتاق ۽ مستعد تي ڪڏهن ڪڏهن کهڙن جي مخدوم صاحب رئيس العلماء وٽ وڃي نڪرندو هو. مخدوم صاحب بہ شرعي غيرت سبب سندس سخت مخالف هئا؛ پر ٽالپرن حاڪمن جو لحاظ رکي ڪيس ڪا وڏي تعزير ڏئي ڇڏي ڏيندا هئا. هڪ ڀيري سچل سائين جيئن کهڙن ۾ ويو، تہ مخدوم صاحب پنهنجي جامع مسجد ۾ شاگردن کي ويٺي سبق پڙهايو. سچل سائينءَ کيس چيو تہ 'تنهنجي شاگردن کي انهي علم مان ڇا حاصل ٿيندو! خدا ڪونہ ملندن. پنهنجي شاگردن مان ہ شاگرد تہ مون کي ڏي!' جنهن تي مخدوم صاحب عتاب خطاب سان ڪيس هڪالي تڙائي ڇڏيو. پر رات تي تہ يوسف ۽ يعقوب هيٺي ذڪر ڪيل شاگرد مخدوم صاحب وٽان انهيءَ رات سائينءَ سچل وٽ طالب ٿيا. يعقوب، يوسف کان سونهن ۾ سرس هو، جنهن تي سچل سائين مٿس وڌيڪ مهربان هوندو هو؛ ۽ هيٺي، يوسف ۽ يعقوب، کيس عرض ڪندا هئا تہ 'اسان کي فقيريءَ جي امانت ڏيو!' هڪ رات حسب دستور سچل سائين پنهنجي خلوت گاهہ ۾ مراقبي ۾ ويٺو هو، تہ اوچتو بلندا آواز سان 'يعقوب! يعقوب! ڪري سڏيائين. انهي وقت يعقوب ڪونہ هو. يوسف چيو تہ 'قبلا، يعقوب ڪونہ آهي، يعقوب جو پٽ يوسف حاضر آهي!' ڪن ڏينهن کان پوءِ بہ وري اوچتو 'يعقوب! يعقوب!'، ڪري سڏيائين، تہ وري بہ يعقوب موجود ڪونہ هو. يوسف چيو تہ 'سائين منهنجا، يعقوب ڪونہ آهي، يعقوب جو پٽ يوسف حاضر آهي!' وري ڪجهہ مدت کان پوءِ ٽئين ڀيري بہ اوچتو يعقوب کي سڏيائين، پر ٽئين دفعي بہ يوسف ساڳيو عرض ڪيو، جو انهي وقت يعقوب درازن جي شهر ۾ ڀڳت جو تماشو ڏسڻ ويو هو. تنهن تي سچل سائين وجد جي حالت ۾ ٻاهر اچي، يوسف کي ڀاڪر وجهي، چيو تہ 'خدا تعاليٰ بہ توکي ئي امانت ٿو ڏئي، تہ پوءِ يعقوب کي ڪيئن ملندي!' صبح ٿيو تہ مسجد شريف ۾ يوسف کي گهرائي چيائين تہ 'اڄ تون نانڪ آهين!' سندن ايتري چوڻ سان يوسف کي هڪ اهڙو وجد ۽ حال پئجي ويو، جو ٽپ ڏيڻ سان سندس مٿو وڃي پئي مسجد جي ڇت سان

لڳو ۽ پير ڌرتيءَ تي اچي پئي لڳا. پهر ڪن انهي حالت ۾ وجد ۾ هو، پوءِ سچل سائينءَ پنهنجي هين طالبن کي چيو تہ ’يوسف کي هٿ مان وٺي سمهاري ڇڏيوس.“ ڪيس سمهاي ڇڏيايون، تہ ڪيترا ڏينهن غشيءَ جهڙيءَ حالت ۾ بيهوش ٿيو پيو هو، جنهن ڪان پوءِ امانت وارو ڪامل درويش ۽ صاحب ولايت ڪرامت ۽ عمدو صوفي شاعر ٿيو.

سچل سائين ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو تہ ’يوسف مصر جو بادشاهہ آهي.‘ سندس سرائڪيءَ ۽ سنڌيءَ ۾چيل ڪلام گهڻو آهي، ۽ ڪجهہ ٻاشا ۽ اردوءَ ۾ پڻ ريختا چيا اٿس، ۽ سندس ولايت ڪرامت جا ڪيترائي واقعات آهن. هن هيٺ ڪجهہ لکجن ٿا. جيڪي ڪنهن بہ تذڪره نويس ڪونہ لکيا آهن. سبب تہ ڪن ٻاهرين کي اهي واقعات هٿ نہ لڳا، ۽ ڪن حسد ۽ عداوت ڪان سپرد قلم نہ ڪيا. حضرت پير سيد محمد صالح شاه صاحب عيله الرحمه پنهنجي والد ماجد پير سيد غلام محي الدين شاه صاحب گيلاني عليه الرحمه ڪان ڪيترا دفعا هيءَ روايت بيان فرمائي تہ سر مير علي مراد خان والي رياست خيرپور ديهہ لاڙڪاڻو يوسف فقير کي جاگير طور ڏني، ڪجهہ مدت ڪان پوءِ مير صاحب دريافت ڪيو تہ ’يوسف فقير جو ڪهڙو حال آهي؟‘ خدمتگارن عرض ڪيس تہ ”يوسف فقير وٽ لاڙڪاڻي جون رنگيليون اچن ٿيون تہ انهن کي چوي ٿو تہ ”محبوب، حڪم ڪيو!“ پوءِ ڪو ديرو ڪنهن کي تہ ڪو ديرو ڪنهن کي ڏيئي ٿو ڇڏي! لاڙڪاڻي جهڙيءَ جاگير مان ڪيس ڪجهہ بہ هڙ حاصل ڪونہ آهي، اهوئي ڳاڙهو جامو ڳچيءَ ۾ ۽ گهنگهرن جي ڇير پيرن ۾، هٿ ۾ يڪتارو ڪنيو لاڙڪاڻي جي بازارين ۽ گهٽين ۾ نچندو ڳائيندو ٿو وتي، اجايو سرڪار کي بہ ڪٺي بدنام ڪيو اٿس.‘ مير صاحب خدتمگارن جي صلاح ٺي لڳي، يوسف فقير جي جاگير ڪٺي ضبط ڪئي، ۽ ان جي بدران ڪجهہ نقدي نذرانو مقرر ڪري ڏنائين جيڪو يوسف فقير نہ ورتو. ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ مير صاحب سر علي مراد خان تي سندس هڪ نوڪر نالي شيخ علي حسين انگريزن وٽ پڪاريو تہ ”مير صاحب سرڪار انگريز سان لڳي ۽ غداري ڪئي آهي.“ انگريزن مير صاحب کي گهرائي نائچن واري پٽٽن تي پهري هيٺ نظربند ڪيو. سندس هڪ خاص مصاحب پير صاحب پڻ مير صاحب جي خلاف شاهدي ڀري ڏني.

تڏهن مير صاحب محسوس ڪيو ته اهو يوسف فقير جي بددعا جو نتيجو آهي، ۽ پنهنجي صاحبزادن کي فقير صاحب ڏانهن لاڙڪاڻي موڪليائين، مگر يوسف فقير اچڻ کان صاف انڪار ڪيو. پوءِ مير صاحب پنهنجي مودي صاحبزادي مير فيض محمد خان کي پير صاحب پير سيد غلام محي الدين شاهه صاحب سان گڏ ميڙ ڪري فقير صاحب ڏانهن موڪليو. يوسف فقير جناب پير صاحب کي چيو ته آءٌ ڪڏهن به انهي ڪوڙي ڏانهن نه هلان ها، پر توهان سيد ميڙ تي آيو آهيو ته هلان ٿو.' جڏهن مير صاحب وٽ پهتا ته فقير يوسف مير صاحب جي اڳيان بيهي پنهنجو في البديه هي ڪلام ڳايو:

اقرار نا ڦيرائڻ مردن جي شان ۾، محبوب جي چوڻ جو نرڙو زبان ۾.

پوءِ مير صاحب ٻانهون ٻڌي فقير صاحب کان معافي گهري دعا جي لاءِ مستدعي ٿيو. فقير صاحب چيس ته 'علي مراد تير وجي نشان تي لڳو، هاڻ ٻيو ڪجهه تي ڪونه سگهندو، تون لنڊن وڃ ته فقير توکي لڏو گاگن پرڳڻو بحال ڪرائي ڏيندو.' جنهن کان پوءِ مير صاحب لنڊن ويو ۽ ڪيس هيءَ رياست خيرپور انگريزن وٽان بحال تي ملي، ۽ اهو ئي لڏو گاگن پرڳڻو آهي جيڪو مير سهراب خان پنهنجي خرچ لاءِ مخصوص ڪري ٻيو سمورو ملڪ مير رستم خان کي ڏنو هو.

جڏهن هزهائينس مير علي نواز خان صاحب مرحوم پنهنجي مائٽن صاحبزان جون جاگيرون ضبط ڪيون هيون، ته ديوان پيسومل وڪيل سکر واري کان درخواست لکائڻ جي لاءِ حضور شاهزادو مير غلام حسين خان صاحب ٽالپر جو عام مختيار سرائي حاجي غلام رسول خان موٽر ۾ سکر هليو، ته عاجز مؤلف به انهن سان گڏ هو. جڏهن دونهي جي ڳوٺ وٽ پهتاسون، ته مون حاجي غلام رسول کي چيو ته "هي قبو ڪنهن جو آهي؟" چو ته آءٌ اڳ خشڪيءَ رستي سکر ڪڏهن ڪونه ويو هيس. حاجي غلام رسول چيو ته، "هي قبو سچل فقير جي ٻالڪي محمد صلاح پِئي جو آهي، جنهن لاءِ سچل چوندو هو ته 'جيڏانهن محمد صلاح تاڏي الله!" اهو ٻڌي شاهزادي مير غلام حسين فرمايو ته "صوفي واهيات آهن؛ انهن جو نظريو دهرين جهڙو آهي." ان تي حاجي غلام رسول خان چيو ته "قبلا، تنهنجو

ڏاڏو سر مير علي مراد خان صاحب توهان ڪان وڌيڪ شيعي مذهب جو پابند هو ۽ اهو صوفين خصوصاً سچل فقير جو ۽ سندس ٻالڪي يوسف فقير جو بيحد معتقد هو! منهنجو والد سرائي پيارو خان چوندو هو تہ جنهن سال فقير يوسف انتقال ڪيو هو، تہ انهي سال جڏهن سر مير علي مراد خان صاحب ٻيلي جي شڪار تي هليو تہ محفي جي حمالين کي حڪم فرمايائين تہ 'يوسف فقير جي مقبري تي هلو.' جڏهن اتي پهتا، تہ مير صاحب محفي ڪان لهي مقبري جي دروازي جي چائنٽ تي اکيون رکي گريو ڪيو. اها ڳالھہ مير صاحب جي سيني صاحبزادن کي سخت ناگوارا لڳي، جو اهي سڀ شيعا مذهب رکندا هئا. پوءِ جنهن وقت مير صاحب ڏوپهره داري منزل تي اچي لٿو، تہ سندس وڏن صاحبزادن پنهنجي ننڍي ڀاءُ مير غلام مهدي خان کي سيکاريو تہ تون مير صاحب کي چئہ تہ 'افسوس جي ڳالھہ آهي جو توهان شيعا مومن ٿي ڪوڪر جي پٽ يوسف فقير جي مقبري جي چائنٽ تي اکيون رکي گريو ڪيو!' مير صاحب چيو تہ 'يوسف فقير وڏو صاحب ڪرامت ولي هو. سندس ڪرامتن جو ڪهڙو بيان ڪريان! صرف هيءَ سندس ڪرامت ٻڌو: آءٌ جڏهن لنڊن وڃي رهيو هوس، تہ هڪ ڏينهن خطري جو گهنڊ وڳو ۽ جهاز جي ڪپتان مون کي اچي چيو تہ جهاز چاڙ ٻڏو اوهان چئيون لڪو ۽ دنگ پاڻ وٽ رکو. جهاز جو ڪپتان ائين چئي هليو ويو، تہ ان ڪان پوءِ سنت يوسف فقير انهي لباس ڳاڙهي جامي ۾ يڪتارو ڪٺي نچندو ۽ هي ڪافي چوندو آيو تہ "واليءَ ڪي آهہ وراڻ، ٻيهر باروچل جي!" ۽ مون کي چيائين تہ "علي مراد، جهاز ڪونہ ٻڏندو تون بي فڪر ويٺو هج!" يوسف فقير هليو ويو، پوءِ مون ترت پنهنجي خاص خدمتگار اميرن کي اها حقيقت ٻڌائي، ۽ رئيس رحيم خان لاشاريءَ ۽ پليجي خان کي حڪم ڪير تہ يوسف فقير کي ڳولي هٿ ڪري وٺي اچو؛ پر هو ٿي دفعا سارو جهاز گهمي گهمي آيا پر يوسف فقير جو پتو ئي ڪونہ پيو. تڏهن اسان سمجهو تہ هي يوسف فقير جي ڪرامت آهي.'"

هي روايت متواتر رياست ۾ بلڪل مشهور آهي تہ بهاولپور ڪان ربوءَ نالي هڪ ڪير پنهنجي ٻن ڏيئرن سميت مير صاحب سر مير علي مراد خان وٽ آيو. مير صحب ڪيرين جو راڳ ٻڌي، صرف پنج سو رپيا ڪين ڏيئي رخصت ڪيو. انهن ڏينهين ريل ڪانہ هئي، ربوءَ ماڻهن ڪان پڇيو تہ "مير

صاحب کي ڪنهن ڪان سفارش ڪرايون؟ بهاولپور ڪان خشڪيءَ رستي ڏيڍ مهينو لڳو، جو گھڻو سفر اسان نازڪ مزاج ماڻهن لاءِ ڪٺن هو. رستي ۾ اسان جو صرف خوراڪ تي گھڻو خرچ ٿي ويو آهي. مير صاحب جي سخاوت ٻڌي اسان ايڏو ڪشالو ڪري آياسو، صرف پنج سو رپيا اسان کي انعام ڏنو ويو آهي، جو اسان جو واپسيءَ جو سفر خرچ به مس ٿيندو!" ماڻهن ربوءَ کي چيو ته "اڳڙن ۾ وڃي يوسف فقير کان سفارش ڪرايو؛ ٻئي ڪنهن کي به سفارش ڪرڻ جي مجال نه آهي!" ربو پنهنجي ٻنهي خوبصوت ڏيٽرن سان اڳڙن ۾ پهتو. انهي وقت يوسف فقير مٿي ۽ بدن تي ميٽ لايو ويٺو هو.. ربوءَ جي هڪ ڏيءَ وڃي فقير جي پيرن پيئي، ۽ پاڪر وڌائين. يوسف فقير چيس، "محبوب! بس بس، هاڻ حڪم ڪريو!" انهن پنهنجو احوال پيش ڪيو. ٻڌي چيائين ته "وڃو علي مراد تي آئر گڏهه وارا رکي ڇڏيا اٿم. وڃي مٿان چڙهوس!" ۽ چيائين ته، "هينئر جو هينئر ڪوٽ ڏيجيءَ مير وٽ هليا وڃو!" ربو انهي وقت روانو ٿيو. اڃا گمبٽ شهر کان لنگهي ڪوٽ ڏيجيءَ کي ويجها ويا، ته ڪين مير صاحب جا سوار گڏيا. جن کي مير صاحب حڪم ڪيو هو ته ربوءَ کي سنڌس ڏيٽرن سميت وٺي اچو. سرڪاري سوارن انهن کي وٺي وڃي حاضر ڪيو، ۽ فقير صاحب جي پيشنگوئي پوري ٿي. مير صاحب شادي ڪئي جنهن مان ڪيس صاحبزادا تولد ٿيا. صاحبزادو مير خان مير محمد خان ۽ مير جان محمد خان ۽ صاحبزادو مير غلام مهدي خان. ربوءَ ڪيج کي پيپري جاگير ملي ۽ پوءِ گويا ساريءَ رياست جو مالڪ ٿيو.

سچل سائينءَ جو ٻيو ٻالڪو ۽ طالب نالي گهرام جتوئي ولايت ڪرامت وارو شاعر ٿي گذريو آهي. هڪ دفعو هو پنهنجي فقيرن سميت نر جي ڳوٺ تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ وڃي نڪتو، ۽ اتي اتفاقاً حضرت پير صاحب پير سيد ميان علي گوهر شاهه صاحب عليه الرحمه راشدي اول اتي منزل انداز هئا. گهرام فقير سان تنبورا، يڪتارا ۽ دهلڙي هئي، ۽ هو راڳ ڳائڻ لڳا. جيئن ته حضرت پير صاحب عليه الرحمه جي نزديڪ اهي شريعت موجب حرام ۽ ناجائز هئا، ڪين سنڌن فقيرن مريدن پڪڙي وڃي حضرت پير صاحب جن جي

Gul Hayat Institute

حضور ۾ پيش ڪيو. گهرام فقير وجڻ سان سندن اڳيان بيهي پنهنجو هي ڪلام في البديه ڳايو:

ناحق وڃايئي نينهن ري، عمر افراد ميان!
ڪوڙيون ڪتابن جو پڙهه، ڪيئي مولوين مقصاد، ميان،
ڪاغذ ڪارا ڪيئي ڪيترا، بره بنان برباد، ميان،
منهن ڏيکي ماڻهن ڪنان، ظاهر ٿئين زهاد، ميان،
حق نہ حاصل تو ڪيو، ٿئين عشق ڪان آزاد، ميان،
ظاهر گهمين ٿو زمين تي، ڪيون سير سفر سواد، ميان،
اهي مڙئي مڪر جا معرڪا، پيو پڻ پنين پرساد، ميان،
گوشي ويهي ”گهرام“ چئي، ڪر يا ڪي تون ياد، ميان،
ٿيئي نظارو نيهن جو، وٺ عشق ڪان ارشاد، ميان.

حضر پير صحب قبلح جن کي انهي ڪلام جو اثر ٿيو ۽ گهرام فقير کي ڪيترا ڏينهن پنهنجي هم رڪاب رکيائون، ۽ انهي فقير جي صحبت کان پوءِ حضر پير صاحب جن شعر چوڻ لڳا؛ سندن شعر ۾ عشق ۽ ذوق ۽ درد، سوز ڀريل آهي ۽ ملڪين مشهور آهي.

سچل سائينءَ جوطالب ميان خير شاهہ رتي ديري وارو پڻ ڪامل درويش ۽ سٺو شاعر ٿي گذريو آهي.

سچل سائينءَ جي بيماري ۽ وصال انتقال

سچل سائين هميشه تندرست هوندو هو. شاذ نادر ڪنهن ڪڏهن ڪو ٿورو بيمار ٿيندو هو. هڪ ڀيري ڪيس رت جا اسهال ٿي پيا هئا؛ انهيءَ وقت سخي قبول محمد صاحب پهريون گاديءَ تي هو. جنهن کي سچل سائينءَ جي حسن پرستيءَ ۽ راڳ سان اونهي دلچسپيءَ جي پوري خبر هئي. انهي ڪري مير رستم خان کي لکيائون تہ ’ڪي راڳيندڙ ڪيريون ۽ گويا موڪلي ڏيو!‘ ڪيريون آيون، ۽ هار سينگار ڪري سچل سائينءَ وٽ آيون، تہ انهن کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿيس، ۽ هڪدم اٿي ويٺو، ۽ راڳ ٻڌڻ شرط وجد ۾ پئجي ويو ۽ صحتياب ٿيو.

ٻئي دفعي بيمار ٿيو تہ سندس بيماريءَ جي خبر ٻڌي لاڙڪاڻي جي هڪ ڪيري نالي جيوٽي درازا شريف هلي آئي، جيڪا سندن معتقد هئي ۽ سچل

سائينءَ جو به نظارو هوندو هوس. اچي چيائين ته ”سائين سچل ڪٿي آهي، ته آءٌ مزاج پرسي ڪنديس ۽ دعا به ڪنديس ۽ ڪيس مجرو به ڳائي ٻڌائيندس.“ طالبن چيس ته ”پاڻ ڏاڍو بيمار آهي ۽ مٿي بنگلي تي سمهيو پيو آهي.“ جيوٽي مٿي چڙهي ويئي، ته ڪيس ڏسي، چيائين ته ”بسم الله، اسان جا طبيب، اسان جا حڪيم آيا!“

ان واقعي کان پوءِ ستت تاريخ 14 رمضان شريف 1242 هجريءَ ۾ نوي سال جي عمر ۾، انهي تصوف جي بدر وصال ڪيو. پاڻ هميشه اڳ ۾ چوندو هو ته ”منهنجي عمر هڪ سو پنج ورهيه آهي، پر آءٌ پندرهن سال اڳ ۾ ئي سرڪار جي سلام تي ويندس.“ فقير صاحب ميان قادر بخش ”بيدل“ روهڙيءَ واري، جيڪو سچل سائينءَ جو معتقد هو ۽ سندس خدمت ۾ درازن ۾ اچي مشرف ٿيندو هو، سچل سائينءَ جي هڪ تاريخ وفات سنڌي شعر ۾ چئي ۽ هڪ فارسي بيتن ۾- هنن هيٺ ڏيئي لکجن ٿيون:

قطعہ تاريخ سنڌي

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو، مست سالڪ شه سچل عاشق اتي اظهار هو،
بره جي برسات جو تنهن وير تي وسڪار هو، ظاهر ۽ باطن تنهين وٽ درد جوتڪرار هو،
وجد وحدت جو سدا خاصو تنهين خمار هو، مرد سو منصور وانگيان عشق جو اوتار هو.
منجهہ سخن ان جي الوهيت سندو آثار هو، جنگ جذبي جوش مستيءَ ۾ مثل عطار هو،
پانهنجي رائي پرين نوي ورهيہ نروار هو، پوءِ وصل جي موج ماڻي ذوق ڪان ذخار هو،
سن ٻارهن سو ٻئيتاليهہ ۾ تيار هو، چوڏهين رمضان جي هادي اهو هسوار هو،
قربدارن جي ڪٽڪ ۾ مرد منصبدار هو، در تنهين داتا جي ”بيدل“ پرت جو پينار هو.

ڪنهن اهل ماده تاريخ ”پرغم“ ڪڍيو هو، ڪنهن وري هي شعر چيو هو:

سالڪ مستانہ سچو چونڪ پيوسة بحق، ”مست هُو پيوسة“ شه تاريخ آن

قطعه تاريخ فارسي جيڪو مزار پرانوار تي ڪانسيءَ جي سر تي لکيل آهي:

در بيضاي ازل ترڪيہ شد مخروج عشق ڪف زد درياي محبت ڪرد بيرون موج عشق
از خدا بودي صديق و پيش احمد شد سچو از علي صادق يقين و پيشوا ممزوج عشق
سال اورا منشيء بر لوح تقدير اين نوشت بود مر برج هديٰ و آفتابِ اوج عشق
1242هہ

سچل سائينءَ عليه الرحمه جي شاعري

سچل سائين فطرتاً شاعر هو. سندس قلب تي ملهمانه واردات هئي. هن ڪڏهن به ڪنهن شاعر کي استاد ڪونه ورتو ۽ نه ڪنهن کان اصلاح ورتائين. پنهنجي علمي دستگاهه ۽ وسيع مطالعي ۽ ذهن ۽ طبع سليم ۽ فهم مستقيم سان علم عروض جو وڏو ماهر علم تي ويو هو. جيئن سندس سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ڪلام مان ظاهر آهي؛ جو مختلف بحرن ۾ مختلف موضوعن تي سنڌيءَ ۾ بيت ۽ وايون موزون ڪيائين، ۽ بيتن ۽ واين کان اڳتي وڌي سنڌيءَ ۾ سي حرفيون، مولود، مرثيا، مدح، جهولڻا، مرغ ناما وغيره چيائين. چون ٿا ته شاعريءَ جي ابتدائي دور ۾ ايام شباب ۾ پنهنجي قلم سان پنهنجا شعر لکندو هو ۽ عموماً فارسي ڪلام سپرد قلم ڪندو هو؛ پوءِ جڏهن اسغراق جي حالت طاري رهندي هيس، ته جذبي ۽ جوش ۾، ٻاهر ميدان ۾ تنبورو هٿ ۾ ڪٽي، پنهنجو في البديه ڪلام سنڌي سرائڪي، وغيره ۾ بيهي ڳائيندو هو ۽ نچندو هو ۽ اکين مان لڙڪ جا نار جاري ٿيندا هئس، ۽ بروقت سندس طالب لکندا ويندا هئا. پوءِ جڏهن نزول جي حالت ۾ هوش ايندو هوس، ته سندس طالب کيس عرض ڪندا هئا ته ”سائين، اوهان هي ڪلام چيو آهي.“ پاڻ ٻڌي چوندو هو ته، ”ابا، چوڻ واري چيو آهي، مونکي ڪا خبر نه آهي.“ انهي طرح سندس طالبن لکي لکي ڪئين بياض تيار ڪيا هئا، جيڪي هڪ دفعي سندس اڳيان آڻي رکيائون، جن کي ٿورو پڙهي، چيائين ته ”ماڻهو بي سمجهي ڪان شريعت جي واٽ کان تان گمراه ٿين!“ پوءِ انهي ئي وقت اهي بياض باهه ۾ ساڙائي ڇڏيائين، جنهن ڪان سندسن طالبن کي ڏاڍو ڏک ٿيو، جنهنڪري ان ڪان پوءِ جيڪي ڪلام سچل سائينءَ چيا، سي کيس ڪونه ڏيکاريائون. سندس وفات کان پوءِ شمار ڪيو ويو ته نو لک ڇٽيهه هزار ڇهه سو ڇهه شعر ٿيا، جنهن مان سندس طالبن وٽ رکيل شعر ضايع ٿي ويا. هن وقت درگاهه شريف دراز جي ڪن فقيرن وٽ غير مطبوعه ڪلام ڪيتروئي چيو وڃي ٿو، جيڪو ڪنهن کي به نه ٿا ڏين، جنهن جي ضايع ٿي وڃڻ جو پڻ قوي امڪان آهي.

سچل سائين اوائل ۾ پنهنجي ڏاڏي ميان صاحبڏني جو ڪلام به ڳائيندو هو، مگر پوءِ پنهنجو ئي پنهنجو نئين سر نئون ڪلام انشاد ڪندو هو.

ڪوبه سنڌي جنهن سچل سائينءَ جو ڪلام ٻڌو هوندو، توڙي پڙهيل نه به هوندو تڏهن به متاثر ٿيو هوندو، ۽ هر اُهو سنڌي جو علم آشنا، پڙهيل ۽ ڪجهه سخن فهم به هوندو، ته سچل سائينءَ جي ڪلام جي فصاحت بلاغت، سندس بلند فڪر ۽ اعليٰ عجوبه مضامين جي داد ڏيڻ لاءِ مجبور ٿيندو. ۽ هڪ سنڌي عشق مجازي وارو سچل سائينءَ جي سوز گداز ۽ درد ڪان پرپور ڪلام جي ٻڌڻ ۽ پڙهڻ سان بي اختيار اشڪبار ٿيندو، ۽ جيڪڏهن ڪو سنڌي صوفي موحد، تصوف جي رموز ۽ اسرار جو واقف ۽ صوفين جي مصطلحات کان باخبر سچل جو ڪلام پڙهندو يا ٻڌندو، ته ڪيس سنڌ جو "حافظ" ۽ "منصور" مڃيندو ۽ عطار ۽ تبريزي ۽ بسطاميءَ جو همسر يقين ڪندو. ۽ جڏهن هڪ عابد زاهد خشية الله وارو نيڪ نمازي سچاجهو سنڌي پنهنجي معاصيءَ جو معترف سچل جي ڪلام جو اهو ڀاڱو پڙهندو، جنهن ۾ هو پاڻ کي گنهگار عاصي پر معاصي چئي خدا غفار ستار جي اڳيان عاجزيءَ سان مغفرت ۽ بخشش گهري ٿو، ته اهو به خوف خدا کان روئي عفو ۽ مغفرت جو خواهان ٿيندو. ۽ هڪ عاشق رسول صلي الله عليه وسلم سچل جي ڪلام ۾ عشق نبوي صلعم جو جوش ۽ جذبو محسوس ڪري، سچل کي فنا في الرسول صلعم ڪري مڃيندو...

چوي ٿو:

مشتاق لقاي مصطفائيم، او هست خداي خود گواهيم
گم گشت خود خود آشڪارا. ما خاڪ شديم پر گناهيم

توحيد ۽ تصوف جي بيان ۾ سندس مشعل راهه قرآن مجيد ۽ حديث شريف هو، ۽ جيئن حضرت ڀٽائي عليه الرحمه جي ڪلام هدايت نظام جو اڪثر حصو تمثيلي آهي، تئين سچل سائينءَ به سر عمر مارئي ۽ سسئي پنهون، مومل مينڌري ۽ ليلا چنيسر ۽ سهڻي ميهار ۽ نوري ڄام تماچيءَ ۾ پنهنجي بيتن ۽ ڪافين ۾ شاهه صاحب جي تمثيلي طريقي جو تتبع ڪيو آهي، ۽ هير رانجهي تي به ساڳئي موحدانه همه اوست جو رنگ چاڙهيو اٿس، ۽ وطن ۽ ساٿيهه جي سڪ ۽ چڪ ۾ روجهن تي اهڙا بيت چيا اٿس، جو هڪ محب وطن سنڌي ضرور ڳوڙها ڳاڙيندو، ۽ جڏهن هڪ غير جانبدار سدا ملوڪ

Gul Hayat Institute

سڀاجهو سنڌي، زبان جي اهيت کان ماهر، تجربيڪار، اهل دل، سخن شناس، سچل سائينءَ جي رسالي جو غور سان مطالعو ڪندو ته اهو بادي النظر ۾ آسانيءَ سان هن نتيجي تي پهچندو ته حضر سلطان الشعراء شاهه ڀٽائي عليه الرحمه کان پوءِ هن بي نظير قادر الڪلام شاعر ڪيئن ته سنڌي زبان کي غير ناموس، ثقيل، اوپرن لفظن کان پاڪ صاف ڪري، سينگاريو آهي! ۽ سچل جي وفات کي هڪ سؤ چوٽيهه سال ٿيا آهن؛ ليڪن ڏسبو ته هن موجوده زماني واريءَ روزمره سنڌيءَ ۾ ڪلام چيا اٿس. سندس ڪلام جي بيهڪ، ترڪيب، لطافت، سولائي، ربط، تناسب، توازن حيرت ۾ وجهندڙ آهي؛ جنهن لاءِ ڪنهن به فرهنگ جي ضرورت نه ٿي رهي.

سچل سائينءَ سنڌ ۾ سرائڪي ٻوليءَ ۾ به اهڙو بامحاوره سٺو ڪلام، ڏوهيڙا ۽ ڪافيون ۽ سي حرفيون چيون آهن، جن کي بهاولپور ۽ ملتان جا ماڻهو به ٻڌي حيران ٿيو وڃن. مؤلف کي بخوبي ياد آهي ته نواب صاحب عرفان مراتب نواب قيصر خان صاحب منگسي، والي رياست جهل، بلوچستان، پنهنجي مرشد خواجه علامه حاجي غلام فريد صاحب عليه الرحمه ساڪن چاچڙان شريف وٽ پاڻ سان اهڙا راڳيندڙ وٺي ويندو هو، جيڪي حضرت خواجه صاحب کي سنڌ جي صوفين جا ڪلام خصوصاً سچل سائينءَ جون ڪافيون ڳائي ٻڌائيندا هئا. ڪيترا دفعا مؤلف جي والد مولوي الله بخش عليه الرحمه ٻڌايو هو ته 'حضرت خواجه صاحب کي سچل سائينءَ جي ڪلام ٻڌڻ سان وجد پئجي ٿي ويو.' علاوه ان جي، سچل سائينءَ جو رسالو ۽ "ديوان آشڪار" ۽ "سوز نامه"، "گداز نامه"، "عشق نامه" وغيره ڇپيل پڻ حضرت خواجه صاحب موصوف کي آٽي ڏنا هئائين. اهوئي سبب آهي، جو خواجه صاحب سچل سائينءَ جي ڪيترن ڪافين جا تتبع ڇيا ۽ سندس موحدانه عاشقانه ڪلام جا مضمون اخذ ڪيا؛ نموني لاءِ هن هيٺ ڪجهه ڪافيون لکجن ٿيون.

سچل سائينءَ جي ڪافيءَ جو ٿلهه:

توڙي پٺيءَ لڳي سارو جڳ، ته به ڇا ٿيو؟ ناهي مجتا ۾ مطلب.

خواجه صاحب جي ڪافيءَ جو ٿلهه:

ٿئي تابع خلقت سڀ، تادي ڪيا ٿي پيا؟ هَي گم ٿيوڻ مطلب.

Gul Hayat Institute

سچل سائينءَ جي ڪافيءَ جو ٽلهه:

آءُ چو ڏکن ڪاڻ ڄائي آهيان! سورن ڪاڻ سمائي آهيان!

خواجه صاحب جي ڪافيءَ جو ٽلهه:

ڏکڙين ڪارڻ ڄائي هم، سولين سانگ سمائي هم!

سچل سائينءَ جي ڪافي:

پاڻ ڪريان جي پترو، ڪرن مڙئي قتلام!

جدا جماعت ڪان، آهيان پاڻ امام،
دم نہ اڳيون دين ٿيو، ڪفر نہ ڪو اسلام،
فارغ آهيان فرض ڪان، سنت کي بہ سلام،
"سچو" آهيان سچ ۾، ناهي حلال حرام.

خواجه صاحب جي ڪافي:

دستون پير مغان دي، پيتم عشق دا جام،
گنري فرض فريضي، سنت ڪون پي سلام.

سچل سائينءَ جي ڪافي:

وسين اساڏڙي ويڙهي، دليان تي ديدان تيڏي ديري،
سبق وساريا سچو ڪون سارا، تيڏسو عشق اويڙي!.

خواجه صاحب جي ڪافي:

هردم ويسن پياسا ڏي ويڙهي، دليان تي ديدان تيڏي دير.
جندڙي چئڻ "فريد" هي مشڪل، ويڙهيا عشق اويڙي.

Gul Hayat Institute

سچل سائينءَ جي ڪافي:

يار ديواني چا ڪيتيئي، ٻي تا ڪيهي آڪائين ڳالهه!

چشمان دي چوڙ پيٽر ڪراهڻ، ساري بازي جيتيئي،
دلبر سائين، مشتاقان دي رت دلين دي پيتيئي،
دردمندان دي دلڙي دلبر، نال نگاهان نيتيئي،
اپڻي محبت سهٽا سائين، نال "سچو" دي سيتيئي.

خواجه صاحب جي ڪافي:

ساڏي دل ڦير ڏي پورلا! جيوين ڪس نيتيئي!

ڏوھ ورائين دين اليندين، ڏي درڪي رت پيتيئي،
ڪس ڪر زوري دل بيواهي، چا نال ڏکان دي سيتيئي!

مولوي لطف علي مرحوم، جنهن جو سرائڪيءَ ۾ چيل "سيف الملوڪ جو قصو" ڏاڍو مشهور آهي، جنهن جا ڪجھ ڏوهيڙا فاضل اجل، مؤرخ اڪمل، سعادت نقش ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تاليف "ڪليات حمل" ۾ صفحي 25 کان صفحي ايڪٽيھ تائين لکي، هڪ نقاد ۽ امين مؤرخ جي حيثيت ۾ پنهنجي هر قوي وڏي شاعر حمل فقير لغاري مرحوم جو مولوي لطف عليءَ سان موازنو ڪندي، نهايت تفصيل سان تاريخي حوالن جي روشنيءَ ۾ ثابت ڪيو آهي تہ حمل فقير ڪلام جو اهو عجوبو مقفي نمونو مولوي لطف عليءَ جي ڪلام مان پرايو هو، جيڪو سندس همعصر هو؛ ۽ حمل فقير پنهنجي مائٽ نواب سعيد خان لغاريءَ وٽ ڪيتري مدت سبزل ڪوٽ ۾ رهيل هو، جيڪو سر مير علي مراد خان جي طرفان سبزل جي ڪوٽ ۾ نواب هو. جتان مولوي لطف عليءَ جو ڳوٺ بهادر پور اتر طرف اٽڪل ٽيھ ميل مس هو؛ انهي زماني ۾ لطف عليءَ جي ڏوهيڙن وغيره جي انهيءَ ملڪ ۾ ڏاڍي هاڪ هئي، جن جي ٻڌڻ ۽ هٿ ڪرڻ جو سبزل ڪوٽ ۾ رهڻ ڪري حمل فقير کي پورو موقعو هو. خصوصاً حاڪم وقت نواب سعيد خان جي ذريعي ۽ اثر سان؛ حمل فقير سندس ملاقات جي لاءِ سندس ڳوٺ بهادرپور بہ ويو هو، پر اتفاقاً انهي وقت مولوي لطف علي پنهنجي ڳوٺ ڪونہ هو، ٻاهر ويل هو.

مولوي لطف علي "سيف الملوڪ" وارو قصو سنہ 1195هجري ۾ تصنيف ڪيو هو. جيڪڏهن سندس ولادت جو سن ۽ وفات جو سال حمل فقير وارو فرض ڪجي تہ ان صورت ۾ هي چوڻ بلڪل درست ٿيندو تہ سچل سائينءَ جي وفات جي وقت انهن جي چمار سترهن سالن جي هوندي، ۽ حمل فقير جي شاعريءَ جو ابتدائي دور 1250ھ آهي. يعني حمل فقير، سچل سائينءَ جي وفات کان نو(9) سال پوءِ شعر چوڻ لڳو. ۽ اهڙوئي قياس مولوي لطف عليءَ جي شاعريءَ جو بہ ڪري ٿو سگهجي. مٿينءَ خامه فرسائيءَ جي مدعا صرف هيءَ آهي تہ سچل سائينءَ جا سرائڪيءَ ۾ چيل ڏوهيڙا ۽ ڪافيون مولوي لطف عليءَ کي بہ سندس شاعريءَ جي دور کان اڳ ۾ ڪنين پيا هوندا. هڪ

تہ مولوي لطف عليءَ جو ڳوٺ بهادرپور سبزل ڪوٽ کي ويجهو هو، ٻيو تہ سبزل ڪوٽ ۾ نواب سعيد خان جي گهڻي وقت رهڻ سبب رياست خيرپور جا ڪيترائي ماڻهو هر قسم جا، نوڪريءَ وغيره جي سلسلي ۾ اُتي رهندا هئا (۽ ٽالپر حاڪمن وٽ سچل سائينءَ جو ڪلام ڏوهيڙا وغيره ڳائيندا هوندا. بقول "الناس علي دين ملوڪهم"، ٽالپر حاڪمن کي سچل سائينءَ جي ڪلام ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هو؛ ۽ هن ۾ بہ شڪ ڪونہ آهي تہ حمل فقير کي سچل سائينءَ جا سرائڪيءَ ۾ چيل ڏوهيڙا ۽ ڪافيون ۽ سي حرفيون وغيره ڪلام ننڍي عمر ۾ ئي من و عن پهتل هئا؛ ڇو تہ هڪ تہ حمل فقير خيرپور ميرس جي شهر کان اولهہ طرف بلڪل ٽوري پنڌ تي مير خان لغاريءَ جي ڳوٺ ۾ ڄائو ۽ وڏو ٿيو هو، ٻيو تہ سندس جي سر مير علي مراد خان ۽ سندس صاحبزادن وٽ گهڻي آمدرفت هئي، جتي سچل سائينءَ جي ڪلام ٻڌڻ جو عوام خواص کي ڏاڍو شوق هو. سر مير علي مراد خان تہ سمهڻ وقت پنهجي راڳيندڙن کان سچل سائينءَ جون ڪافيون ۽ ڏوهيڙا چوائيندو هو. انهي ڪري قياس بلڪل صحيح ٿيندو تہ لطف عليءَ جي شاعريءَ تي بہ سچل سائينءَ جي ڪلام، خصوصاً ڏوهيڙن، جو اثر پيو هوندو، جيئن اڳتي سچل سائينءَ جي سرائڪيءَ ۾ چيل ڏوهيڙن جو مطالعو قارعين ڪرام کي منهنجي راءِ سان متفق ڪندو، ۽ هي بہ تسليم ڪرڻو پوندو تہ لطف عليءَ جي ڪلام ڏوهيڙن وغيره کان گهڻو وقت، سالها سال، اڳ ۾ ئي حمل فقير جي شاعريءَ تي سچل سائينءَ جي سنڌي سرائڪيءَ ۾چيل خصوصاً ڏوهيڙن جو اثر پيو هوندو.

سچل سائينءَ حضرت پيران پير محبوب سبحاني شيخ عبدالقادر جيلاني قدس سره جي مدح سنڌيءَ ۾ چئي آهي، جنهن جا ڪجهہ بيت هن هيٺ نموني طور لکجن ٿا، جنهن ۾ سچل سائينءَ روءِ زمين جي ولايتن ۽ شهرن جا نالا آندا آهن:

اول حمد الله ڪريان، راض رحمان جو آهي تو پير پيران تي،
عرش ڪرسيءَ تي طبل تنهنجو هلي، ڇا زمين ۽ آسمان تي.

ولايت ولايت سنده نانءُ نشر آهي، ڏيو هٿ ڪر هن حيران تي،
پشن، پچم، پنجاب، سنجاب، خوارزم، خرم شهر ۽ خراسان تي.

تبريز، انگريز ۽ اصفهان، ملڪ ڪابل ۽ قندار، ڪاشان تي،
چين، ماچين، چنجي، چنجاول، جهانسي، ڪانسي، جام، جرجان تي.

Gul Hayat Institute

منجهان مهر وجهه نگاه نادر ڪارڻ رب ڏيهه درازان تي،
"سچو" سگ سنڌ در جو آهي، پالوڻ نيهن جي ڪر هن نادان تي.
(هن مدح جا جملي 43 بيت آهن.)

حمل فقير مرحوم هڪ مدح مبارڪ حضرت ختمي مرتبت نبي ڪريم عليه الصواة والسلام جي چئي آهي، جيڪا "ڪليات حمل" جي صفحي 57 کان شروع ٿئي ٿي، جنهن جي مطالعي مان ثابت ٿئي ٿو ته اها مدح مبارڪ مٿي ذڪر ڪيل سچل سائينءَ واريءَ مدح جو تتبع آهي. حمل فقير جي مدح جا ٻه بيت نموني لاءِ هن هيٺ لکجن ٿا - فتد بروا:

پيو جذب جيلسمير تي، امداد ٿيو اجمير تي،
پيئي گاج تو گجمير تي، ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

پورب، پڇم، پنجاب ۾، سورت، سري سقلاب ۾،
سارهه تنهنجي سنجاب ۾، ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

هت حمل فقير جا ڪي ڏوهيڙا ۽ سچل سائينءَ جا ڏوهيڙا ٻه هوند ڏيکارجن، مگر ڪتاب جي ڊيگهه کان مداحن پيش ڪرڻ تي اڪتفا ڪيو ويو؛ ۽ مؤلف ناچيز جو پڻ هي ٻه اردو هو ته سچل سائينءَ جي ڪلامن جو تتبع ۽ مضامين جو تعاقب ڏيکاريو وڃي، پر اهو اِرادو پڻ تطويل 'لاطائل تحته' سبب ترڪ ڪيو ويو. مشهور روايت آهي ۽ تذڪره نويسن لکيو آهي ته سچل سائينءَ، ميان قادر بخش "بيدل" جي وات تي ڪنڙي رکي چيو هو ته 'اسان هن ۾ حلول ٿا ڪريون.' "بيدل" جي ڪلام ۾ "بيدل" مرحوم جو اهو مصرعو پڻ ڪافي آهي ته "در تنهين داتا جي 'بيدل' پرت جو پينار هو."

سچل سائينءَ جي ڇيل هجو مليح ۽ ڪشف قلوب جو واقعو

هيءَ روايت ايتري مشهور ۽ متعارف بين الناس آهي، جو جهنگ ۾ رهنڊڙ ڪڙمي ٻه عام طرح ۽ شهري خواص خاص طور ڄاڻن ٿا؛ ٻه ڪوري سڳا ڀائر، ڳاڙهيءَ موريءَ ڳوٺ جا وينل، هرهڪ نالي عيسو ۽ موسو، هن ارادي سان درازا شريف آيا ته 'اسان هلي سيد سڏائينداسون؛ جيڪڏهن اسان ڪي ڪشف قلوب سان سڃاڻي ورتائين، ته پوءِ سندس طالب مريد ٿينداسون!' اهي سچل سائينءَ وٽ آيا ۽ سيد سڏيايائون. سچل سائينءَ کين عزت ڏيئي

Gul Hayat Institute

ويهاريو، جيئن هو سادات جي عزت ڪندو هو؛ ٿوريءَ دير کان پوءِ ستت اٿي موڪلايائون ته سچل سائينءَ چيو ته ’هي ڪلام ٻڌي، پوءِ پلي وڃو‘- سچل سائينءَ ڳائي ٻڌايو:

ڪوري آهيو ڪوري، سائين، ڪوري آهيو ڪوري!
ٿي سريءَ مان ڪونه ڪييوسون، چوسريءَ مان ڦوري،
ڪوري آهيو ڪوري، سائينءَ ڪوري آهيو ڪوري!

عيسو، موسو نانءَ اسان جو، ويئل ڳاڙهي موري،
ڪوري آهيون ڪوري، سائين، ڪوري آهيون ڪوري!

اٿون هٿ، ٻڌايون جوڙي ....
ڪوري آهيون ڪوري، سائين، ڪوري آهيون ڪوري!

گنمبٽ، ڪهڙا راڄ اسان جو، راڻيپور توڙي،
ڪوري آهيون ڪوري، سائين، ڪوري آهيون ڪوري!

اهو ڪلام ٻڌي، ٻيئي ڪوري قائل ۽ طالب ٿيا.

سچل سائينءَ جو سمورو ڪلام شطحيات ڪونه آهي

سچل سائين جذب الي الله کان عروج جي حالت ۾ بي ساخته منصور، عطار، تبريزيءَ وانگيان شطحيات (خلاف شريعت) ڪلام چئي ويندو هو، جيئن هو پنهنجي هڪ ڪلام ۾ چوي ٿو:

”يار، وڃ بيخودي دي، ڪڏان ڪڏان آوندي هيئون!“

سندس سمورو ڪلام شطحيات ڪونه آهي، بلڪ هن عشق مجازيءَ ۾ اهڙا سوز گداز وارا ڪلام چيا آهن، جن کي هڪ صاحب دل ذوق وارو ٻڌي ضرور متاثر ٿيندو، ڇو ته سچل سائين نهايت درد مند، رقيق القلب هو، جيئن هڪ شعر ۾ چوي ٿو:

”دلم پر غم پريشان ز اشتياقش، ز دردم شير دادي‌ءِ ما!“

سنڌ ۾ سچل سائينءَ جي خلاف جيڪا مخالفت ۽ بي التفاتيءَ جي لهر پکڙيل آهي، تنهن جو هڪ سبب ته واقعا اهو آهي، جو سندس ڪلام ۾ ”عطار“ ۽ ”تبريزي“ ۽ ”منصور“ جيان ڪجهه شطحيات آهن، مثلاً:

Gul Hayat Institute

ايهو ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻٽيجي.
مار نغارا "اناالحق" دا، سولي سر چڙهيجي،
وچ ڪفر اسلام ڪڏاهان، عاشق تا نہ اڙيجي،
"سبحاني ما اعظم شاني"، "سچو" سر سليجي!

•

"آهيان آءٌ اسرار، جيڏيون مون کي ڪير ڏيون پانيو؟
"نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار."

•

تو شاه بي نيازي، دم زن "اني اناالله"!
شهباز پاڪبازي، دم زن "اني اناالله"!

•

تو خدا هستي، خدا هستي، خدا، لاشريڪ وپاڪ از چون وچرا!

اهڙن ڪلامن ڪري سبب علماء دين ۽ قاضيان شرع متين سندس مخالف ٿيا ۽ ڪفر جون فتوائون صادر ڪيائون ۽ اهو سندن منصبي فرض هو. ۽ ويتر جو صوفي فقيرن، معتقن، مريدن، هندو مسلمانن اهڙن ئي خلاف شريعت ڪلمن ڳائڻ تي زور پريو، تہ ڪندڙ عوام خواص تي پڻ انهن جواثر ٿيو.

از انسواءِ سچل سائينءَ جي مخالفت جو وڏو سبب هڪ هي پڻ ٿيو، جو وقت جا ٽالپر حاڪم سچل سائينءَ جا بيحد معتقد هئا، بلڪ مريد ٿيا، جاگير ڏنائون ۽ درگاهہ شريف جو قبو تعير ڪرايائون ۽ گادي ڌڻيءَ جي رهڻ لاءِ بنگلو جوڙيائون، ۽ هڪ طرف سندس ڪشف ڪرامات جي سبب ۽ ٻئي طرف سندس سفارشن تي حاجتمندن جون حاجتون پوريون ۽ روا ٿيڻ لڳيون، تہ بموجب 'الناس علي دين ملوڪهم' سچل سئينءَ ڏانهن ماڻهن جي رجعات گهڻي ٿي؛ علاوه ڪي تصوف جا ڪوڏيا، خدا جي طلب وارا، اهل باطن جا پڻ سندس حلقہ عقيدت ۾ منسلڪ ٿيڻ لڳا.- تہ سنڌ جي ڪن پير صاحبن ۽ کهڙن جي مخدوم صاحبن ۽ ٻين صاحبِ مريد سيدن ۽ مرشدن کي حسد ۽ رشڪ مان عداوت ۽ خصومت پيدا ٿي، جنهن جو بيان مرزا علي قلي خان بہ پنهنجي رسالي ۾ لکيو آهي (مخدوم صاحب هالن واري جو هڪ خاص مريد نالي قربان علي درازن ۾ اچي سچل سائينءَ جو طالب بہ ٿيو هو).

۽ جيئن حضر پٺائي بادشاهہ عليہ الرحمہ ڏانهن ماڻهن جي رجوعات ۽ سندن ڪشف ڪرامات وغيره سبب هالن جي مخدوم صاحب ۽ شاهہ سائينءَ جي وچ ۾ غلط فهمي ٿي. جيئن تذڪره نويسن اهڙي واقعات ڪي شرح بسط سان لکيو آهي ۽ حضرت استاد سائين علامہ حاجي مولانا المولوي دين محمد صاحب "وفائي" عليہ الرحمہ پنهنجي ڪتاب "لطف اللطيف" ۾ لکيو آهي، ۽ جيئن حضرت شاهہ عنايت الله صاحب صوفي عليہ الرحمہ جهوڪ شريف واري ڏانهن ماڻهن جي رجوعات ڪن پير صاحبن ۽ سادات جي حسد ۽ دشمنيءَ جو باعث ٿي ۽ سندس شهادت جي نوبت آهي. سچل سائينءَ سان کهڙن جي مخدومن صاحبن جي دشمنيءَ جو هڪ تہ سبب اهوئي هو جو هو رئيس العلماءَ صاحب شريعت هئا، جيئن انهن ڪنهن زماني ۾ هڪ وڏي صوفي موحد محمد عاقل نالي ڪي شرعي ڏوهن سبب طرحين طرحين ازيتون ڏيئي قتل ڪرائي ڇڏيو هو، جيڪو کهڙن ۾ ڏاند تي چڙهي آيو هو ۽ "آڪيداس" اچ ڪوناٺيو هئائين ۽ منصوري دم هنيائين (جنهن جي افساني ڪي سچل فارسي نظم ۾ لکيو آهي.) - تئين مخدوم صاحب سچل سائين تي بہ سخت ڏمريل هئا، جنهن لاءِ سچل سائين بہ منصور ۽ تبريزي ۽ عطار جيان شريعت عزاء جي سزا ماڻڻ لاءِ هر وقت بيتاب رهندو هو. ليڪن رياست جا ٽالپر حاڪم سچل سائينءَ جا بيحد معتقد هئا، جنهن ڪري مخدوم صاحب اپڙي نہ سگهيا. ۽ مخدوم صاحبن جي حسد ۽ مخالفت جو هڪ ٻيو سبب پڻ ٿيو. جيئن مرزا علي قلي خان لکيو آهي، تہ شهر گنمبٽ جو هڪ هندو "ڪمو" نالي درازن ۾ اچي سچل سائينءَ جو مريد ٿيو، جنهن کي سچل سائينءَ مسلمان ڪيو هو؛ ڇو تہ هندن وغيره کي مسلمان ڪرڻ جي اجازت حڪومت طرفان صرف کهڙن جي مخدوم صاحبن کي ئي مليل هئي. مٿي ذڪر ڪيل پيرن ۽ مخدومن ۽ سندن مريدن معتقدن پڻ سندن حڪم تي، سچل سائينءَ جي مخالفت تي ڪمر ٻڌي هئي، ۽ زير اثر عالمن کانُ فتوائون سچل سائينءَ جي خلاف لڪائي تبليغ ڪيائون ۽ پاڻان مخالفانہ ملفوظات لکي وڏن بزرگن ڏانهن منسوب ڪيائون، تہ جيئن بزرگن جي مريدن ۽ معتقدن تي اثر ٿئي ۽ هڪدم برخلاف ٿين. ۽ سندس مخالفت جو هڪ سبب سندس وصال کان پوءِ گهڻي وقت گذرڻ بعد ٿيو جڏهن درازا شريف جي بزرگن مان علم هليو

Gul Hayat Institute

ويو ۽ شريعت جي پيروي ميڻجي ويئي ۽ عامي معتقدن ميخوارن جو گهڻو واڌارو ٿيو ۽ درگاه شريف تي گهڻو اچڻ ۽ رهڻ لڳا ۽ سندسن ميخواري جاهل صوفين تي اثر انداز ٿي ۽ هو کلم کلا ظاهر ظهور شراب ۽ ڀنگ وغيره پيئڻ ۾ مبتلا ٿيا، ۽ پڻ ٻيون ڪي بدعتون شريعت جي خلاف جاري ٿيون، خصوصاً چوڏهين رمضان شريف جي متقي، متشرع، زاهد، مجاهد سچل سائينءَ جي تاريخ وصال جي موقعي تي،- جن سيني اهل علم ديندار مسلمانن تي ڏاڍو خراب اثر ٿيو. سچل، اهڙن خلاف شريعت بدعتن وغيره لاءِ عندالله ۽ عندالرسول صلي الله عيله وسلم ذميدار ۽ جوابده نہ آهي؛ بلڪ جن ماڻهن اهي خلافِ شريعت بدعتون جاري ڪيون، اهي جوابده ۽ ذميدار آهن، جيئن ٻين ڪيترن درگاهن تي خلاف شريعت بجڙا ڪم ۽ بدعتون ٿين پيون، جنهن لاءِ سلف صلحاء ذميدار نہ آهن بلڪ خلف سفهاء عندالله ۽ عندالرسول صلعم جوابده ۽ مجرم آهن. سچل سائين هڪ شريعت وارو صوفي باصفا هو، جنهن کي حضرت ختمي مرتب صلي الله عليه وآله وسلم جو حضور حاصل هو. سندس دم زدنيون نام نهاد صوفين جيان نہ هيون، بلڪ هو باخدا درويش حال جو صاحب هو ۽ بلا مبالغہ وقت جو عطار ۽ تبريزي ۽ منصور هو:

قالت الاعراب آمنا قل لم تؤ منوا ولكن قولوا اسلمنا (الايۃ)

جيئن تہ دين اسلام جو هڪ ظاهر آهي، هڪ باطن، تيئن قرآن حڪيم جو بہ هڪ ظاهر آهي ۽ هڪ باطن، جنهن ڏانهن مولانا رومي عيله الرحمه اشارو ڪيو آهي:

"مغز قرآن را برون برداشتيم، استخوان پيش سگان انداختيم."

"ظاهر" تہ مصلحتن ڪي انهن صورتن ۽ امور سان متعلق ڪري ٿو جن ۾ ڪنهن مصلحت جو گمان ۽ شائبو هجي ۽ انهن جي لاءِ اوضاع ۽ مقادير ۽ اوقات جو معين ڪرڻ آهي ۽ انهن جي اشاعت ۽ تحريف وغيره جو سد ابواب آهي جن لاءِ نهايت درجي تاڪيد ڪوشش ڪرڻ آهي؛ ۽ "باطن" صوَر طاعات وغيره ساڻ متبس ٿي، عبادات ۽ طاعات جي آثار ۽ انوار ڪي حاصل ڪرڻ آهي. انهيءَ ڪري حفظ دين جي لاءِ لامحاله عنايت ۽ مدد الهيٰ ٻن قسمن ۾ تقسيم ڪرڻ آهي. جڏهن حضرت ختمي مرتبت صلي الله عليه وآلہ

وسلم جن پنهنجي پروردگار ڏانهن تشريف فرما ٿيا، تہ حسب وعده "اِنا له لحافظون" (الايتہ)، الله تعاليٰ جي عنايت ڪاملين دين جي استعداد جي مطابق آنحضرت ختمي مرتبت صلي الله عليه وآلہ وسلم جي وارثن ۽ جانشينن ۾ ظاهر ٿي. پوءِ هڪ فرقو استعداد ازليءَ جي مطابق شريعت غرا؛ جي حفاظت جي لاءِ عنايت الهيءَ جو مورد ٿيو، ۽ اهو فرقو فقهاء، محدثين ڪرام رضي الله عنهم جو آهي، جيڪو هرهڪ زماني ۾ حصول دين جي ترغيب تحريص ۽ رد تحريف جي لاءِ بيحد ڪوشش ڪندو رهيو. (نوٽ: هي مضمون طويل آهي جنهن لاءِ هت محل بيان نہ آهي.) ۽ ٻيو فرقو پنهنجي استعدالي ازليءَ جي مطابق دين متين جي لاءِ عنايت الهيءَ جو آشيانو ٿيو، هن لاءِ تہ هي فرقو هر هڪ صديءَ ۾ اهل زماني جو مرجع ٿئي.

فقهاءِ ڪرام ۽ محدثين عظام رحمهم الله تعاليٰ فرمائين ٿا تہ 'جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ جي حڪمن تي هلندو ۽ نواهي کان محترز رهندو، نمازون پڙهندو ۽ روزا رکندو، زڪواة ادا ڪندو ۽ هڪ دفعو حج ڪندو ۽ قائم الليل صائم الدهر هوندو، تہ اهو ماڻهو اهل مغفرت جو آهي ۽ بهشت جو حقدار ٿيندو. ۽ اهل باطن جا صوفياء ڪرام قدس اسرارهم آهن. جيڪي چون ٿا تہ اهل ظاهر وارن جا اهي احتياط ادنيٰ درجي جا آهن، ۽ چون ٿا تہ بلاشڪ پهرين علماء ظاهر جي فرمان موجب شريعت تي ثابت قدم ٿيڻ ضروري آهي، ليڪن انهي مقام تي ٿي نڪتا غور طلب آهن. پهريون هي تہ عقائد ۾ صحابہ ۽ تابعين رضي الله عنهم جي موافقت مقصود آهي نہ متڪلمين مناظرين جي؛ ٻيو هي تہ مباحث تنزلات خمس يعني وحدت وحدانيت، روح، مثال، جسم ۽ وحدت وجود، وغيره، ۾ سالڪ (خصوصاً مبتديءَ) کي مشغول ٿيڻ نہ جڳائي؛ ٽيون تہ جيڪڏهن ڪتب احاديث ۽ آثار صحابہ ۽ طابعين جي قدرت نہ هجيس، تہ پوءِ مذاهب اربعه مان ڪنهن هڪ جي تقليد ڪري. ۽ اهل باطن چون ٿا تہ نماز هيءَ آهي تہ سموريءَ نماز رجوع الي الحق هجي، ۽ روزو هي آهي تہ سيني سڌن کان انقطاع ٿئي ۽ لذيذ طعامن ۽ خوش سمهڻ کان ۽ سيني لذتن کان تائب ٿجي، هر چند ڪ اهي مباح ۽ حلال بہ ڪٿي هجن، ۽ حج هي آهي تہ پنهنجي باطن ڏانهن رجوع ڪجي ۽ جيئن ظاهري ڪعبي کي بيت الله چئجي تيئن قلب کي بطريق اوليٰ بيت الله سمجهجي، ۽

Gul Hayat Institute

چون ٿا تہ تفڪر ۽ تذڪر ۾ اهڙو مستغرق هججي جو زبان تي الله تعاليٰ جي ذڪر ڪان سواءِ نہ هجي، ۽ ان ڪان سواءِ دل ۾ ٻيو نہ هجي ۽ ذات حق ڪان ساوءِ سڀ شيءِ ڪي وهم ۽ خيال يقين ڪجي، جنهن ڪان پوءِ اهو مقام حاصل ٿئي ٿو جتي بهشت اهڙوئي ناچيز آهي، جهڙو بهشت جي نسبت دوزخ هيچ آهي. جڏهن اهل باطن جا اتي پهچن ٿا، تہ زوق ۽ مستيءَ مان اهڙا ڪلام چون ٿا، جن کي اهل ظاهر جا خلاف شريعت (شطحيات) ڪوئين ٿا. مولانا روم خوب چيو آهي:

گفتگوي عاشقانن در باب رب، جوشش عشق ست، ني ترک ادب.

۽ جڏهن اهل باطن جا انهيءَ حالت ڪان هيٺ لهن ٿا، تہ ان حالت کي پنهنجي اصطلاح ۾ "نزول" ٿا ڪوئين، ۽ انهي وقت پاڻ کي مصلي عبادت تي ڏسي شريعت جي مطابق گفتگو ڪن ٿا، ۽ چون ٿا تہ هر صورت ۾ ذات پاڪ متجلي آهي مگر هرهڪ مرتبي ۾ سندس نالا (اسماء) مختلف آهن، انهي ڪري مراتب عبوديت وارا نالا الوهيت کي نہ ڏجن ۽ اسماء مراتب الوهيت جو مراتب عبوديت تي اطلاق ڪجي.

۽ قرآن حڪيم جي باطن ڪان "علم لدني" مراد آهي، ۽ علوم لدنيه اهڙا علوم ۽ اسرار آهن جن کي بقول امام غزالي عليه الرحمه غزل ۽ نصب ڪرڻ وارا خليفا ڪونہ ٿا ڄاڻن. جن کي انهي ڪان انڪار تي اصرار هجي، تہ انهن کي قرآن حڪيم ۾ حضرت موسيٰ ۽ خضر عليهما السلام جي قصي ۾ غور ۽ تامل ڪرڻ گهرجي، ۽ آية ڪريمه "من ڪفر بالله بعد ايمانه الا من أڪره و قلبه مطمئن بالايمان" جي شان نزول کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ گهرجي، جو حضرت عمار بن ياسر صحابي رضي الله عنه خدا ۽ رسول سان ڪفر ڪيو ۽ آنحضرت ختمي مرتبت فرمايو تہ "آل آن تم ايمانه" يعني "هاڻ ان (عمار بن ياسر) جو ايمان ڪامل ٿيو"! ۽ قرآن حڪيم جو باطن روزانہ تلاوت ۾ اچي ٿو، مثلاً:

"نهن اقرب اليه حبل الوريد" (پارو 26، رڪوع 2، سورة ق).

ترجمو: "اسين زور ويجها آهيون ان ڏانهن ان جي ساهہ واريءَ رڳ ڪان."

"فاينما تولوا فثم وجه الله" (پارو الم، رڪوع 14، آية 115، سورة بقر)

ترجمو: "پوءِ جيڏانهن منهن ڪندو، اتي آهي منهن الله جو."

"وهو معكم اينما كنتم" (پارو 27، رڪوع 1، آيت 4، سورة حديد)
ترجمو: "۽ اهو توهان ساڻ آهي جتي هجو توهان."
"وفي أنسفكم أفلا تبصرون"،
ترجمو: "۽ پنهنجي پاڻ ڏانهن ڇو نٿا نهاريو؟"
حديث قدسيءَ ۾ آهي:
لايزال عبدي يتقرب الي بالنوافل حتي أحبه فاذا احببت نت سمعه الذي يسمع به و بصره الذي يبصر به ويده الذي يبطش بها"،
ترجمو: "هميشه منهنجو ٻانهون ويجهو ٿئي ٿو مون ڏانهن نفلن (عبادتن) ساڻ، تان جو آءٌ ان کي چاهيان ٿو؛ پوءِ جڏهن ان کي چاهيان ٿو، تڏهن هجان ٿو کن هن جا جن سان هو ٻڌي ٿو، اکيون اُن جون جنهن سان ڏسي ٿو ۽ هٿ ان جا جن سان وٺي ٿو."
پڻ آيل آهي تہ:
"الانسان سري و انا سره"
يعني، "انسان منهنجو راز آهي ۽ آءٌ ان جو راز آهيان."
۽ پڻ آيل آهي تہ:
"ان الله خلق آدم علي صورته"
يعني، "تحقيق الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو، خلقيو."
۽ پڻ فرمايائون:
"انا احمد بلاميم" يعني، "آءٌ بلا ميم يعني احد آهيان."
اقوال الصحابه رضي الله عنهم: قال ابوبڪر رضي الله عنہ، "مارآيت شيئا ورايت الله بعده"
"مون ڪا اهڙي شيءِ نہ ڏٺي حالانڪ ڏٺو مون ان جي پٺيان الله کي."
قال علي ڪرم الله وجهه، ما رايت شيئا ورايت الله فيه"
"مون اهڙي ڪابہ شيءِ نہ ڏٺي حالانک ڏٺو مون ان ۾ الله کي."
قال اويس قرني رضي الله عنہ، "اذاتم عيش العبودية فعيشه عيش الله تعاليٰ"
يعني، "جنهن وقت پورو ٿئي ٿو عيش ٻانهپ جو، پوءِ عيش اُن (ٻانهپ) جو عيش الله تعاليٰ جو آهي."

Gul Hayat Institute

قال امام علي زين العابدين رضي الله عنه، "يا رب لو جوهر علم الوح به، لقيل لي انت ممن يعبد الوثنا"

يعني، "اي رب جيڪڏهن جوهر علم جو ظاهر ڪيان ته مون کي چيو ويندو ته تون انهن مان آهين جيڪي بتن جي پوڄا (عبادت) ڪن ٿا."

امام جعفر رضي لله عنه کي چيائون ته "اوهان متڪبر ڇو آهيو؟" فرمايائون ته "منهنجو پنهنجو تڪبر ۽ پندار هليو ويو ۽ ان جي جاءِ ته حق تعاليٰ جو ڪبر اچي ويو آهي."

۽ شيخ معروف ڪرخيءَ چيو ته "ليس في الوجود احد الا الله" يعني، "وجود ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه آهي."

۽ شيخ بايزيد بسطاميءَ چيو ته "سبحاني ما اعظم شاني" يعني، "آءٌ سبحان آهيان، ڪهڙو نه وڏو آهي شان منهنجو!" ۽ پڻ چيائين ته "لا اله الا آنا فاعبدوني" يعني، "ناهي ڪو الله مون کان سواءِ، پوءِ منهنجي عبادت ڪريو!" ۽ چيائين ته "مون نانگ جيان بشرت جي کل لاهي ڦٽي ڪئي آهي ۽ ان کان ٻاهر نڪري آيو آهيان." هڪ ڀيري مؤذن چيو ته "الله اڪبر". ٻڌي، چيائين ته "الوهيت ۾ آءٌ برتر آهيان." هڪ دفعو ڪنهن سندس دروازي تي چيو ته "بايزيد گهر ۾ آهي؟" وراڻي ڏنائين ته "گهر ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونه آهي."

۽ سهل بن عبدالله تستريءَ چيو ته "آءٌ فرشتن تي حجت آهيان ۽ منهنجو هي ڪهيتو علماء فقهاء تي حجت آهي." ۽ چيائين ته "الذڪر علي للسان هذيان و في القلب وسوسة" يعني، زبان تي ذڪر ڪرڻ بڪواس آهي ۽ دل ۾ ذڪر ڪرڻ وسوسو آهي." ۽ چيائين ته "صوفي اهو آهي، جنهن جو خون حلال ۽ جنهن جو مال مباح آهي."

۽ ابو حمزه خراسانيءَ، رڍ جو آواز ٻڌي، چيو ته لبيڪ جل جلاله!" ائين چئي، وجد ۾ پئجي ويو.

۽ شيخ جنيد چيو ته "ليس في جبتي سوي الله" - يعني، "منهنجي جبي ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه آهي." (بعض انهيءَ شطح کي بايزيد ڏانهن منسوب ڪيو آهي.) هڪ دفعو شيخ جنيد جي اڳيان شبليءَ اوچتو "الله" چيو، ته ڪيس شيخ چيو ته "شبلي، الغيبة حرام" يعني "شبلي، (گلا) حرام آهي."

هڪ ڀيري بانيءَ فقر، علي ڪرم الله وجهه، بحالت عروج ۽ سڪر وحدت پنهنجي خطبي ۾ فرمايو، جنهن وقت ڀاڻ ماڻهن کي خطاب ڪري رهيو هو، ته ”مان ئي اسم الله جي ڪان لفظ ڏنو ويو آهيان ۽ مان ئي لوح آهيان ۽ مان ئي عرش آهيان ۽ مان ئي ڪرسي آهيان ۽ مان ئي ست آسمان آهيان ۽ مان ئي ست زمينون آهيان.“ پوءِ جڏهن اثناء خطبي ۾ ئي عروج کان لهي نزول جي حالت ۾ آيو ۽ وحدت جي تجلي اٿي ويئي، ته پوءِ پاڻ معذرت ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي عبوديت ۽ عاجزي، بيڪسيءَ جو اظهار فرمايائون.

شيخ ابوبڪر واسطيءَ چيو ته ”جنهن ذڪر ڪيو انهيءَ بهتان ٻڌو، جنهن صبر ڪيو انهي دليري ڪئي، جنهن شڪر ڪيو انهي تڪلف ڪيو.“

حسين بن منصور حلاج ”انا الحق“ چيو، ۽ چيائين ته ”عارف تيستائين مومن نٿو ٿئي، جيستائين ڪ هو ڪافر نه ٿئي.“ لکيو اٿن ته هڪ ماڻهوءَ ڪيس چيو ته ”تون پيغمبريءَ جي دعويٰ ٿو ڪرين!“ منصور ٻڌي، ڪيس چيو ته ”افسوس جو تو منهنجو شان گهٽ ڪيو، آءٌ ته خدائيءَ جي دعويٰ ٿو ڪريان!“ ۽ پڻ سنڌس شعر آهي. ”سبحان من لطف نفسه فسماه حقا، وڪثف نفسه فسماه خلقا“ يعني، ”پاڪ آهي اهو جنهن لطيف ڪيو نفس پنهنجي کي، پوءِ نالو رکيائينس حق؛ ڪثيف ڪيائين نفس پنهنجي کي، نالو رکيائينس خلق.“

ابوبڪر ارمويءَ چيو ته ”الملائڪة حراس السماء والعلماء حراس الدين و الاوليا حراس الله تعالي“ يعني، ”فرشتا آسمان جا نگهبان آهن ۽ علماء فقهاء دين جا نگهبان آهن ۽ اولياء الله تعاليٰ جا نگهبان آهن.“

۽ فارس بن يحيٰ بغداديءَ چيو ته ”لذت طاعت جي ۽ لذت شرڪ جي ٻيئي برابر آهن.“

علي هجويري لاهوريءَ چيو ته ”الفقير عندي من لا قلب له ولا رب له“ يعني، ”منهنجي نزديڪ فقير اهو آهي، جنهن جو نه قلب آهي ۽ نه جنهن جو رب آهي.“

۽ احمد نامقي جامي رندفيل چيو ته:

ما ذات ذوالجلال خداوند اڪبريم - قدوس پاڪ از همہ الواث برتريم
ني آب و بادو آتش ني خاڪ وني هوا - ني جسم و ني مرڪب وني عرض وجو هريم
ما حق مطلقيم ببين اندرين صفات- ما ذات ايزديم مولي زمر چادريم

Gul Hayat Institute

حضرت سيد عثمان لعل شهباز قلندر عليه الرحمه:

من آن درم ڪہ در بحرالله بودستم، بڪرهِ طور با موسيٰ ڪليم الله بودستم

شيخ سعدي چيو تہ:

ره عقل جز پيچ در پيچ نيست- بر عارفان جز خدا هيچ نيست

مولانا جاميءَ چيو تہ:

نموده روي در بال و پست اوست- و گربسيار ور ڪم هرچہ هست اوست

حضرت مجدد عصر پير سيد محمد راشد عليه الرحمه فرمايو:

وحدت مان ڪثرت ٿي، آهي وحدت ڪثرت ڪل،

اندر پرين، ٻاهر پرين، ڀول نہ ٻئي ڪنهن ڀل،

هي هنگامو هُل، مڙيئي محبوب جو.

حضرت خواجه علامہ عبدالحق درازائي عليہ الرحمہ فرمايو:

هر چہ بيني ز فوق عرش علا، هستيءَ اوست تا بہ تحت الثري

نسبت در جهان موجود، همہ هستي ازو شده پيدا ....

احمد غزاليءَ وچيو تہ ”سنت اسان جي رسول ڏينڻ آهي ۽ فرض اسان جو آهي خدا ٿيڻ.“ ۽ مشهور آهي تہ نماز جي نيت وقت چوندو هو تہ ”ڪافر ٿيس، جٽيو ٻڌ م، الله اڪبر!“

۽ حضرت محبوب سبحاني عبدالقادر جيلاني قدس سره فرمايو:

”من اراد العبادة بعد الوصول فقد اشرڪ بالله تعاليٰ“ يعني، جنهن وصال خدا کان پوءِ عبادت جو ارادو ڪيو، تحقيق هن الله تعاليٰ سان شرڪ ڪيو.“

۽ سعدالدين حمويءَ چيو تہ ”موحد ۽ مشرڪ حقيقي پاڻ خدا آهي.“

۽ برڪ همدانيءَ چيو تہ ”حضرت محمد مصطفيٰ عليہ الصلواة جي نور ڏسڻ سان مڙيئي مومن ڪافر ٿي ويا ۽ ڪين انهي جي خبر بہ نہ پيئي.“

حضرت خواجه معين الدين سيد حسن سنجري ثم اجميري قدس سره کي هڪ شخص چيو تہ ”مون کي پنهنجو مريد ڪريو.“ ڪيس فرمايائون تہ ”چئو لااله الاالله چشتي رسول الله.“

Gul Hayat Institute

۽ فريدالدين عطار چيو:

من خدايم من خدايم من خدا، فارغم از ڪينهء و ڪبر و هوا

۽ حضرت بو علي قلندر پاني پتيءَ چيو:

نمازي مي گذارم در خرابات، رڪوعي سجودي ني قيامي
براقي ڪردم از وحدت چو برقي، خدائي را برون ڪردم بگامي
شرف زنار و تسبيحت يڪي شد، تو خواهي خواجه شـو خواهي غلامي

حضرت غوث بها الدين ذڪريا ملتاني قدس سره فرمايو:

عالم چراگاه ڪمين خران ماست، عقبي شڪارگاه سگان سگان ماست
ما عرش و ڪرسي را زير قدم نهيم، اسلام و ڪفر سوزم اين نامتحان ماست
جمله نبي طفيل من انبيا شدند، عيسيٰ و خضر و يونس از پس روان ماست
بشنو سخن بهاول از صدق بوالعجب، والله مڪان وحدت در سايه بان ماست

علي نور بخش اسيريءَ چيو:

هم ذات بحت مطلقم، هم وصف وهم اسماستم
هم نفس و موج و قلزمم، جُو و هم درياستم

اول منم، آخر منم، ظاهر منم، باطن منم
غائب منم، حاضر منم يڪتاو بي همتا ستم

عالم منم، آدم منم، همم شادي و هم غم منم
هم درد و هم مرهم منم هم لا و هم الا ستم

جني منم، انسي منم، هم عرش و هم ڪرسي منم
هم عالم قدسي منم، نور جهان آرا ستم

هم زاهدم بي شور و شر، هم عاشقم بي پاو سر
هم در اسيري بي خبر، هم رند نا پروا ستم

۽ هڪ شخص شاه عالم ڪان پڇيو تہ ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ چيائين، ”محمد“ پڇيائينس تہ ”تنهنجو چوڻ ڇا آهي؟“ چيائين، ”الله احد“. پڇيائينس تہ ”تنهنجو حال ڇا آهي؟“ چيائين، ”الله الصمد“. پڇيائينس تہ ”تنهنجي صفت

Gul Hayat Institute

ڇا آهي؟" ڇيائين، "لم يلد ولم يولد". ڇيائينس ته ته "تنهنجو قدر ڇا آهي؟" ڇيائين، "لم يڪن له ڪفواً احد".

شيخ اڪبر محي الدين ابن العربيءَ چيو ته "فوقتا يڪون العبد ربا بلاشڪ و وقتا يڪون العبد عبدا بلا افڪ" يعني، "ڪنهن وقت پانهون بلاشڪ رب هوندو آهي، ۽ ڪنهن وقت پانهون پانهون هوندو آهي ري بهتان." "فانت عبد فانت رب لمن له في الخطاب عهد" يعني، "پوءِ تون ئي پانهون آهين ۽ تون ئي رب آهين، هن ... جنهن جو خطاب (الست بربڪم) ۾ عهد ۽ اقرار آهي."

سچل سائينءَ جي شطحيات سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسيءَ جا نمونا مشتي از خروار:

"آهيان آءٌ اسرار، جيڏيون مون کي ڪير ڏيون پانيو؟

●

پانهون پانءِ ۾ پاڻ، تون ئي مالڪ ملڪ جو!
"لاخير في عبيد"* اهو اتئي اهڃاڻ.

●

الله الله چو ڪرين، پاڻ ئي الله ڄاڻ،
"سچو" سائين هڪڙو ناهي شڪ گمان.

●

اتي ڪفر نه اسلام، آهي سيني ڪي سلام،
مذهب مور نه مڃيان، آءٌ مشرب منجهه مدام،
هاديءَ سائينءَ پاڻ "سچوءَ" کي عشق ڪيو انعام.

●

پنهنجي ذات لڪائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان؟
منصوريءَ جي موج ۾، ٿو "اناالحق" الايان،
'اعليٰ اعظم شان' جي، نوبت نيهن وڄايان،
واديءَ ۾ وحدت جي، گهوري سر گهمايان،
"سچو" سارو سچ ٿيو، هيءَ حڪمت ٿو هلايان.

●

*"پانهي ۾ ڪا ڀلائي نه آهي"

Gul Hayat Institute

سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻڌيجي،
اها تڪبير ’فنا في‘ والي، پهلي پهر پڙهيجي،
مار نغارا ”انالحق“ دا، سولي سر چڙهيجي،
وچ ڪفر اسلام ڪڏاهان، عاشق تا نہ اڙيجي،
’سبحاني ما اعظم شاني‘، ”سچو“ سر سليجي،
خود هي اهوئي خود هي، نهين اور ڪوئي اليندا.

منصور هوڪي ويڪو سولي اوپرا چڙهيندا،
طرحون طرح تماشا آپ آپڻا ٻڌيندا.

عاشق ٿيوي آپ تي ڏيک حسن آپڻي ڪون،
نعره ’آنالحق‘ دا، وچ بيخودي مريندا.

فرعون، موسيٰ هڪو، اهو پول ڪوئي رڪا هي،
اهو سي ڪنهن صورت وچ، ٻوليان لڪين ٻليندا.

شملہ چا ٻڌ شاهي دا، چوڙ دمان گدائي والا!
آپ سڃاڻ ”انالحق“ آکين، ماڻي عيش الاهي دا.

●

عشق هي امام ميرا، ديگر امام ڪيا هي؟
ميخانہ ميں هوا هون، جرعہ يا جام ڪيا هي؟

اس جا ملائڪ ني مجهہ ڪو سلام ڪيا هي،
قاضيا همن سون اس جا ديگر سلام ڪيا هي؟

يسمع و يبصر، جانو يقين سيتي،
هم خانہ يار هوڪر ڪرنا پيام ڪيا هي؟

●

تو خدا هستي، خدا هستي، خدا، لاشريڪ و پاڪ از چون و چرا!
خويش را در خويش مي بيني همہ، نيست چيزي در تحرڪ غيرما
هم خدائي نام را داشتن، ذات تو تحقيق مي باشد خدا

Gul Hayat Institute

گاه آدم گاه شيطان مي شوم، گاه موسيٰ گاهہ عمران مي شوم
ڪہ جدا باشيم از مادر پدر، ڪہ چو اسماعيل قربان مي شوم
گاه عابد گاه زاهد گہ مغم، گاه ڪفر و گاه ايمان مي شوم
گاه باشم "آشڪار" بادشاه، گاه بر دربار دربان مي شوم

بت را سجود ڪردم در ميڪده نشتم، اسلام شد بغاوت چون سد دين نشڪستم
ايمان و دين برون شد آن يار اندرون شد، زنار در گلو شد رشتہ سجہ گسستم
اين شيوه ايست رندي معلوم شد برندان، من از شراب وحدت منصور وار مستم

سچل سائينءَ جي انهيءَ ڪلام جو نمونو جيڪو هو عروج جي حالت کان پوءِ نزول جي حالت ۾ چوندو هو.

آهيان عيبدار ميان، آءُ ٻانهن جي ٻانهي،
عمر سيائي ڪوڙ ڪمايم، بخشيو مون کي اِهي جاني!

روز ازل کان ابد تائين، اٿم ڳچيءَ ڳل ڳاني،
ڏوه ڏنگايون ڏِسُ نہ منهجيون، محب ڪريو مهرباني!
ڪيئن "سچو" جي دلڙي دلبر، دوست ڪَيُوَ ديواني!

●

ت- تنهنجي تاري، آهيان آزاري، بندي بيڪاري،
ٻچڙي ۾ بدچال، ساڄن لوهہ سنيال!

ث- ثمر نہ ساريان، گوندر گذاريان، پل پل پڪاريان،
ڪيم بد اعمال، ساڄن لوهہ سنيال!

خ- آهيان خوار، گولو گنهگار، ناقص نابڪار،
خلل ۾ خيال، ساڄن لوهہ سنيال!

●

غ- غرق گناهان دي وچ هوئيان، ڪوئي مول ثواب نہ ڪرديان جي،
تيڏي لا ابالي درگاه سائين، ڏيک ٻهون مين ڏرديان جي!

●

Gul Hayat Institute

گر بنـدهءِ گنـاهگـارم، از در تو بسي اميدوارم
دربار گهت چہ عرض سازم کز جرم و خطائي شرمسارم
هرکس کہ مرالمي پذيرد، حقاکہ سگ تو داغدارم
هرگز زدرت بدر نرفتم کن عفو کہ عذر پيش آرم
بر مور ضعيف رحم فرما، بر لطف تو هست انتظارم
از کرده خويش شدم پشيمان، خود را بتو پادشاه سپارم
مائيم خراب دل خرابم، بدکار بعالم آشکارم

آمدم برسر مطلب:

اصحاب علم ۽ ارباب تصوف ۽ معرفت کان مخفي نہ آهي ۽ مٿي پيش ڪيل مضامين کان پڻ ناظرين ڪرام کي روشن ٿيو هوندو تہ صوفياء ڪرام ۽ مشائخ عظام کان عروج جي حالت ۾ جوش عشق ۽ مستيءَ کان اهڙا ڪلام خلاف شريعت جي صادر ٿين ٿا، جن کي هو پنهنجي جا اصطلاح ۾ ”شطحيات“ ڪوٺين ٿا، جيئن مولانا روميءَ فرمايو آهي:

گفتوي عاشقان در باب رب، جوشش عشق ست ني ترک ادب.

۽ فقهاء عالي مقام رحمهم الله تعاليٰ اهڙي خلاف شريعت ڪلامن سبب مٿن ڪفر جون فتوائون صادر ڪري سزائون ڏيندا رهيا آهن، جو اهو سندن منصبي فرض هو. ڪن کي قتل ڪرايو ويو، ڪن کي سوليءَ تي چاڙهيو ويو، ڪن جي کل لهرائي ويئي، ڪن کي گهاڻي ۾ پيڙايو ويو؛ ليڪن ان هوندي بہ اهي صوفياء ڪرام هن دنيا جي زندگيءَ ۾ موت کان پوءِ مرجع الخلائق رهيا، ۽ سندن تصنيفات کي بہ اهل معرفت جا ڏاڍي ذوق ۽ شوق سان پڙهندا ۽ پڙهائيندا رهيا آهن. ۽ صوفياء ڪرام مان شيخ محي الدين ابن العربي بہ ”شطحيات“ سبب فقهاء سڳورن جي نزديڪ وڏو ڏوهاري آهي، جنهن کي هو ”شيخ اڪبر“ ڪوٺين ٿا. حافظ ابو عبدالله وهبي ۽ علامہ ابن تيميہ سندس سخت مخالف هئا ۽ نهايت زور شور سان سندس مخالفت ڪندا رهيا ۽ عوام توڙي خواص ۾ تبليغ ڪندا رهيا تہ ’شيخ محي الدين ابن العربيءَ جي تصنيف کي ڪوبہ مسلمان نہ پڙهي‘ - حالانڪ شيخ جي تصنيفات چار سؤ جي قريب چون ٿا، ۽ سندس قرآن شريف جو هڪ تفسير پنجانوي جلدن ۾ هو ۽ ٻيو

تفسير اٺن جلدن ۾ هو؛ تصوف ۾ سندس ٻه ڪتاب وڏيڪ مشهور آهن: هڪ "فتوحات مڪيه" ۽ ٻيو "فصوص الحڪم". مخالف علماء جي مخالفت جي باوجود امام ابن سعد يافعي شيخ جو وڏو مداح آهي، جيئن شيخ الاسلام ذڪريا ڪان روض جي شرح ۾ منقول آهي ته "امام يافعي شيخ اڪبر محي الدين ابن العربيءَ جي ڪتابن پڙهڻ لاءِ اجازت ڏيندو هو، ۽ چوندو هو ته 'جيڪي جاهل اهل طريقت جا منڪر آهن، انهن جي جڻ سڌ هيءَ آهي ته هو ڦوڪ سان جبل کي اڏاري هٽائي ڇڏين؛ جيڪو خدا جي ولين سان دشمني رکي ٿو اهو گويا الله تعاليٰ سان عداوت ٿو رکي.'" شيخ جلال الدين سيوطي لکي ٿو ته "ابن العربي عارفن جو مربي آهي ۽ تنزلات جو روح آهي ۽ حضرت نبي ڪريم صلي الله عيله وسلم جي قدم بقدم هلڻ وارو آهي." ۽ پڻ شيخ اڪبر جي مخالفين جي ترديد ۾ جلال الدين ٻه ڪتاب لکيا آهن: هڪ جو نالو "تنبيه الغبي في تبرئة ابن العربي' آهي ۽ ٻئي ڪتاب جو نالو "قمع المعارض في نصرة ابن الفارس" آهي. ۽ شيخ الاسلام مجدالدين فيروز آبادي صاحب ڪتاب قاموس وارو لکي ٿو ته "قاضي القضاة مالڪي جڏهن شيخ اڪبر کي ڏٺو، ته قضا ڇڏي سندس قدم تي هلڻ لڳو ۽ پنهنجي ڌيءَ سندس نڪاح ۾ ڏنائين"؛ ۽ پڻ فيروز آبادي لکي ٿو ته "شيخ اڪبر جا مخالف اهي آهن جيڪي بلڪل ٺلها ملا آهن، جن جو محققين جي مشرب ۾ ڪجھ به بهرو ڪونه آهي؛ ورنه جمهور علماء ڪرام ۽ صوفياء عظام اقرار ۽ اعتراف ڪيو آهي ته شيخ اڪبر هڪ وڏو صاحب تحقيق جو ۽ توحيد جو امام آهي ۽ علوم ظاهريه ۾ يگانو ۽ يڪتا ۽ بي نظير هو." ۽ شيخ عزيز الدين عبدالسلام لکي ٿو ته، "ڪن ويچارن گهٽ سمجھ وارن ملن شيخ اڪبر جو انڪار ڪيو اهي، جن کي فقيرن جي اصطلاح جي ڪابه خبر ۽ ڄاڻ نه آهي." ڪاش اهي ويچارا فقيرن جي صحبت حاصل ڪن ها! ۽ معترض کي غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي ته مشائخ ڪرام ۽ اولياء عظام جي تصنيفات ۾ ڪي ٿورائي اهڙا ڪلمات آهن، جيڪي اهل ظاهر جي نزديڪ ڪفريات آهن، ۽ عروج جي حالت ۾ ذوق، مستي، جوش ۽ عشق ۾ انهن کان بي اختيار صادر ٿيا آهن؛ ورنه سندن ٻي سموري تصنيفات بحالت عزول شريعت غراء جي مطابق آهي، جيئن شيخ اڪبر چوي ٿو، "ڪل من يفهم هذا جاز اسرار

الطريقة و من يغفل عن هذا يجد في نفسد غمة" - يعني، "جيڪو هي ڳالهيون سمجهندو، اهو طريقت جي رازن کان پار ٿيندو، ۽ جيڪو انهن کان غفلت ڪري ٿو، اهو پنهنجي نفس ۾ ڪرب ۽ حجاب لهندو".

جيئن سچل سائين هڪ ڪلام ۾ چوي ٿو: "يار، وڃ بيخودي دي، ڪڏان ڪڏان آونديء هيئون."

۽ وڏيڪ چوي ٿو، "زوران زوريءَ پون اوقاتون، ڏاڍيون بره جون باتيون- سچو آهي ڪڏهن ناهي!"

هُوا هَوا دے وچ وچ پوندا، ناهين خط خبر دا.
"سَچَل" رنگ نہ روپ تهين دا، نا امڪان نظر دا.

ڪافي ١٣١

مَنِين ڪوئي نہ اساڏي ڳالهہ... اهو افسوس اسائون رهندا!

Gul Hayat Institute

دشت بَلا ڏے اسان جو وَيندے، ڪوئي نہ چلدا نال.
ڪڏان دي اسان ڏيکدے آندے، دردمندان دي چال.
مَرڻ جيوڻ تے آوَڻ جاوَڻ... پووين نہ اِهين خيال.
ڏيندئين صلاحان لوڪان نون ڪيهيان؟ "سَچّل" تُون آپ سَنيال!

ڪافي ١٣٢

خود هے اهوئي خود هے، نهين اور ڪوئي ايندا.

طرحون طرح تماشا اپڻا جو آپ ڪريندا،
منصور هوڪے ويکو سُولي اپر چڙهيندا.

عاشق ٿيوے آپ تے ڏيک حُسن اپڻي کُون،
نعرا "انالحق" دا وچ بيخودي مريندا.

ڪي وصل ڪيا هجر وچ آپے جو آپ هوندا،
وَت عشق دے النبے اَسمان پر اڏيندا.

ميکون قسم مصحف دي هوئي قسم هادي دي،
نَهين دوسرا ٻي ڪوئي اوئي ڏيکدا سڻيندا.

موسيٰ، فرعون هِکو اِهو ٻول ڪوئي رکيا هے،
اهو سب ڪَهين صُورت وچ ٻوليان لکين ٻوليندا.

ڪافر مؤمن اهوئي، اون وچ نَهين تفاوت،
سودا سَلف تَهين وچ آپے جو آپ ڪَريندا.

عالم ٿي چڙهہ منبر تے واعظي رعظ سڻاوے،
مُلان ٻي هو مَسيت وچ بانگان بُلند ڏيندا.

Gul Hayat Institute

لشڪر پچُون تے لاڪے آپ بادشاھ سڏاوے،
وَت خِرقہ پھراَوندا درويش آپ سڏيندا.

ھر ڪوئي اَکے مَيکُون "اِھو جِسم جان گم ڪر"،
گم ڪَنون پچي تہ اَپے ۱ھو خود خدا لھيندا.

عبرت رھي اسان ڪُن اھوئي سُخن بجا ھے،
ھے جسم جان اھوئي ڪُڙے حَرف بڻيندا.

جان جسم چاڻ ڪنھن دا کھڙے طرفان جو آيا،
آپ ڪُون جو آپ بڻايَس ڪس واسطے پليندا.

جنگ وجدال ۱ھوئي، اوئي صلاحيت وچ،
بيرنگ وچ رنگان دے، ايھے چاليان چَليندا.

"سَچُو" تُون ڪِٿ نَھين، ھے اندر باھر ۱ھوئي،
بد نيڪ اوئي ڪريندا، تُون آپ ڪِيون ڳڻيندا.

Gul Hayat Institute

ڪافي ١٣٣

خدا ڪَس جا نَهين ڇُپدا، الله جڳ لوڪ سارا هے،
نہ ڪوچي نا ڳلي ڇُپدا، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ٻَهرجائي ٻي حاضر هے، اَندر ٻاهر ٻي ناظر هے،
اڪين ڪولو تہ ظاهر هے، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ڪَهان دعوت ڪِي درويشي، ڪَهان دردون سے دلريشي،
ڪَهان رڪدا هےبدڪيشي، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ڪَهان لڪ ورد پڙهدا هے، ڪٿ آپڻے نال لڙدا هے،
ڪَهان خونناب ڪردا هے، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ڪَهان بازيگران بازي، ڪَهان مَيدان دا غازي،
ڪَهان مُفتي ڪَهان قاضي، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ڪَهان دلقي گداگر هے، ڪَهان پيري مجاور هے،
ڪَهان سُلطان سرور هے، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ڪَهان ڪَر دبدبے لشڪر، پڪڙ دے زور هَر ڪشور،
ڪَهان احمد ڪَهان حيدر، الله جڳ لوڪ سارا هے.

Gul Hayat Institute

ڪَهان هے شان شاهي ڪا، ڪَهان درجہ سپاهي ڪا،
تَماشا خوش اِلاهي ڪا، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ڪَهان "هُوهُو" ڪَريندا هے، ڪَهان نعرا مَريندا هے،
ڪَهان سُلي چڙهيندا هے، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ڪَهان ڪَرتا هے بيداري، ڪَهان ڪَرتا هے لڪ زاري،
ڪَهان چلتا هے خمّاري، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ڪَهان هے عبده سارا، ڪَهان اسڪندر و دارا،
ڪَهان "اَنَااحمدي" نعرا، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ڪَهان اوئي پنت ڪے اولے، لڪين لڪ بوليان بولے،
پڳے سپ غير دے پولے، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ڪَهان مَست و موالي هے، ڪَهان هَر ڪِس دا والي هے،
ڪَهان "سَچُو" سَوالي هے، الله جڳ لوڪ سارا هے.

ڪافي ١٣٤

Gul Hayat Institute

دل اپڻي سنڀال، تَيڏا عشق ڪِٿ لڳا!

دين ڪُفر تے ڪُل مذاهب، هيئي سو سارا ٺڳا.
سروپا ٺي اگهاڙا، ورهہ سارا هے وڳا.
"وَنحن اَقرب" سڻ "سَچُو" ميان، هيئي سون ڪُون لڳا.

ڪافي ١٣٥

”مَين“ اٿ ڳئي، وو، اٿ ڳئي... اِهو شاهه جو ٻوليندا.

آپے سُخن آپڻے، اهو سوين طرح سليندا.
آپڻي صورت سُهڻي وَتدا، وت آپ کُون ڏکيندا.
عاشق ٿيوے آپ تے، آپے عين اڙيندا.
ڪِٿ مُريد محبت والا، ڪِٿ سو پِير بڻيندا.
لک مظاهر جوڙ ڪے، اِٿ ”سَچُو“ نانءُ سڏيندا.

ڪافي ١٣٦

ڪيهي ڪيهي ساڏے نال، لنؤن وے سجڻ“ چا لايوئي!
درد مندان دي دلڙي دلبر، هَنس هَنس ڪَرلٽ جا يوئي!

دامن لڳڙي نُون ڇڏ جاوَڻ، نَهين مناسب تَنيون،
ڏيک ڪے ميريان بديان، مَين ڪَنُون ڪِيوُن دل چا يوئي؟

عشق ڪي تلوار، اے يار، هوئي تيرے هاٿ ۾-
سَبز، رنگين، زهردار، عاشقان تے پڙڪايوئي.

جلوه حُسن ويک ڪے، هوش سُون بيهوش هون،
جا بَجا سڻ، وي ميان، آها چير چا چمڪايوئي.

مَين جو تيري هو رهي، تُجه بِن ڪوئي اور نَهين،
بات فَنا فِي الله ڪي، ”سَچّل“ ڪُون سَمجهايوئي.

ڪافي ١٣٧

عاشق يار دمامان ماريا، ٿيا " انا الحق" اِظهار.

شمس طلوع جڏان وَت ڪيتا، تاريڪي ڪون تنهن وت نيتا -
گم ٿيا وو سارا سارا.

عشق جڏان آفتاب اُڀاريا، ليڪا چوڪا ڪُل وساريا-
ڳِئي لڪ شمارا شمارا.

خاڪي وچون ٿيا حق ظاهر، جيها اندر تيها باهر- سَيو
نُور نظارا نظارا. مَوج

حلاج دي سِر چڙهه آئي، تڏان نوبت نيهن وڄائي-
ڪِيتس قرب قرار قرار.

"سَچُو" سَچ لڪاوڻ ناهين، اے تا سِرّ ڇُپاوَڻ ناهين-
شاهي سارا نظارا نظارا.

ڪافي ١٣٨

Gul Hayat Institute

پَکُڙا، تُون سَنيالِين آپ ڳوڙهے ڪَنُون بچالين!

ڏڪئے سکئے ڏينهڙے، وچ آڪيرے جالين.
داڻے ڪارڻ سَنگ تے، ڪِٿن آپ ڪُون ڳالِين؟
جے مَين ڪَنُون پُڇين ڳالهڙي، تا اوڏاهون نا پالين.
"سَچُو" حَرف جو حِر صين والے، آپ ڪَنُون سے والين.

ڪافي ١٣٩

قاضيا، ڪيهي مسئلے ڪَريندئين؟ عشق شرع ڪيا لڳے لڳے.
...وو ميان قاضيا؟

دوزخ بهشت دے ڏے نہ دڙ کے، پَو اسان ڪَنون پَڳے پَڳے.
...وو ميان قاضيا؟

باب برهہ دا ڪوئي نہ پڙهدئين، ڪاغذ لکدئين بَڳے بَڳے-
...وو ميان قاضيا؟

مُلان دي دوڙ مَسيتين تائين، عشق دي منزل اڳے اڳے-
...وو ميان قاضيا؟

”سَچُو“ هے مسڪين نماڻا، توهہ تيڏے نال تَڳے تڳے.
.و ميان قاضيا؟

ڪافي ١۴٠

اکيان جو ڪوئي ڪولے، نَهين سو دلبر اولي.

Gul Hayat Institute

ڪَون ڏکيندا ڪَون سڻيندا، ڪَون زبانُون بولے؟
”خَلق الانسَان عَليٰ صوُرتِه“، پن بئے سپ پولے.
سُولي اُتے سَهسين چڙهيے، شاهہ ڪيئي اِهين شعلے.
ذاتين دے وچ ظاهر هويا، يڪ ڪِيتا ڪيها ڊولے!
ڪِس ڪيتے ، سڻ ”سَچيڏنا“، چاڪ ڪريندئين چولے!

ڪافي ١٤١

آکيان ڪول تماشا ويکِين... صاحب صورت ساري هے.

ايڏون اڏون آهوئي دلبر، چوُطرف چوڌاري هے.
ڪٿ بلبل ڪٿے گلگل، ڪٿے باغ بهاري هے.
ڪٿے "بسملہ" پڙهدا ڃُلدا، ڪٿے خاص خماري هے.
ڪٿے گوشے گهن ڪر بيٺا، ڪٿے شاهہ شڪاري هے.
ڪٿے ورد دوزانو ڪيتا، ڪٿے سَيل سُواري هے.
ڪٿے مؤمن ڪٿے ڪافر، ڪٿے آپ پساري هے.
ڪٿے شيخ مشائخ، ڪٿے حافظ ڪاتِب قاري هے.
ڪٿے مُغ برهمڻ، ڪٿے ظاهر ذوق زناري هے.
ڪٿے دلق درويشي پهرے، ڪٿے پَٽ پُهاري هے.
ڪٿے مست مَوالي ڦردا، ڪٿے چورنگ چاري هے.
ڪٿے تخت تَڪبّر ڪردا، ڪٿے پاڪ پيناري هے.
ڪٿے لِڪ لڪوڻي ڦردا، ڪٿے مُشڪ مَشاري هے.
ڪٿے چَندِ سِتارے اوجل، ڪٿے سج سُونهاري هے.
ڪٿے هرڪائي ٻولي ٻولے، ڪٿے گونگ گذاري هے.
ڪٿے سنّي، ڪٿے شِيعَا، ڪٿے سرت سَچاري هے.
ڪِٿ معشوق تے عاشق ڪٿے، ڪٿے ناز نظاري هے.
ڪٿے "انا الحَق" دم مريندا، ڪٿے زيادہ زاري هے.
اوئي حڪم هليندا حاڪم، اوئي هر ڪل داري هے.
اوئي ناچ نچيندا ناچُو، اوئي ڪيل ڪيلاري هے.

اوئي ڳاوے اوئي وَڄاوے، اوئے سنک سيکاري هے.
اوئي خاڪ مَليندا مُنهن ڪُون، اوئي عطر عطاري هے.
اوئي خاڪ قلندر ٻَهندا، اوئي وڃ هنباري هے.
اوئي دانهِي اوئي ڪُوڪِي، اوئي مير مهاري هے.
اوئي لَنـڙيا دور تڙيندا، اوئي ڪام ڪهاري هے.
اوئي لَـڙدا اوئي وڙهدا، اوئي اهو صُلحاري هے.
اوئي ڪَعبہ اوئي بت خانہ، اوئي سنگ ديواري هے.
آپے گهوٽ آپے ڃج اوئي، آپے سَـر نـاري هے.
آپے احمد آپ علي هے، آپے ڦُرب قراري هے.
آپے عبدالـحق ڏِسيندا، آپے نُور نياري هے.
آپے اندر آپے ٻاهر... اے، او سـڀ ڏيـکاري هے.
هر ڪائي مشڪل اهين دي هيئي، عَين اوئي اَنواري هے.
ڪِتے ڪِيوين، ڪِتے ڪِيوين، مَيڏا مُحب مڪاري هے.
جِيوين چيٹ هووے هڪ نانوين، تنهن سِر ڪئي گلڪاري هے.
هڪ داڻے وچون سبزه برگان، لَـڙ، ميوه، لک ٿاري هے.
اصل مٽي، پچے نانءَ رچاندي، نانوان دي نرواري هے.
اصُل ڪماند تهين وچون پيدا، ڪيئي ميٹ ميٺاري هے.
جِيون قند اتے ڪنڊ مصري، ڪئي لک نانءَ ليڪاري هے.
سون وچون سو زِيور ٺهندے، هَر ڪنهن نانءَ اجاري هے.
اوئي ”سَـچُو“ سَچ ٻوليندا، اوئي سَبد سنواري هے.

Gul Hayat Institute

ڪافي ١۴٢

ڪِيتي تَـيڏي دوري بے قراري... بے قراري تيڏي دوري ڪيتي.

بے قراري دي ڪَهن نُون هوئي، ڳالهہ سمجهڻ ساري.
غَين دا نُقطہ گم ٿيا هُڻ، عَيـن ڪِيتي اِظهاري.
لڪ چالے وچ شهہ دا هويا، هو هو حُسن هَزاري.
خودي وچُون بے خودي آئي، بُت ڪنون بيزاري.
جان دي گردش ڪيهي ڪرينديَن، هوش نيندا هوشياري.
بَقا باقي دي اَپے بَخشيَس، ”سچو“ ڪُون سرداري.

ڪافي ١۴٣

جَنهن ٻيلے وچ پَيا، ٻيا ڪُل جَناوَر پَـچ ڳيا.

اڳُون شير پچُون ڦيڪاري، سارا جهنگ سٹا رهيا.
سٹڻ نال گروڙ تَهين دي، ٻيا سَيو بے وَطن ٿيا.
هيڪو شير ايتاهين ٿِڪسي، رهسي اِتان ڪونہ ٻيا.
اِتان اور دي باس نہ رهندي، جِتان شير مَڪان ڪيا.
”سَچُو“ دا ڪوئي وَس نہ هويا، نينهن نسنگ نِروار نيا.

Gul Hayat Institute

ڪافي ١٤٤

رڪڻا سو ايڪ خيال، وے ٿُن سَمجھ سَمجھ ٻُڌ پاوين.

خيال خودي سَٽ جان جَلاوين، بے خودي پاوين ٻوجھ،
ترد دما وين هستي چترا چاوين، تَڏان اَسئي هٿ حال، وے.

دل دريا ديان ڪئي لک لهريان، بے پايان گونا گون،
جِنهان وي اِهين وچ غوط ماريا، چُڪ پئي ٻي قِيل مَقال، وے.

عشق اُٿانبر ڪُل اُڏارے، رهي نہ رسم نہ ريت،
مَلامت مُول اِسي گهر پاوين، ڪَرسئي بِره بَحال، وے.

هَٿ اَتے پنڌ پير نہ چلڻا، اکيان ڪَنين مت ناھ،
سمجھ صفاتي هر ٻول پُڇائين، هيئي سو ڳالھ مَحال، وے.

"سَچُو" اے دم هو حق رهڻا، وَيسي وسر وصال، وے،
حال تے قال ڪِسے نَهين هووڻا، نا ڪوئي امر اعمال، وے

Gul Hayat Institute

ڪافي ١۴٥

قيمت دي وچ ڪِيوين اَيون؟ وَج پُڇو بے قيمت ڪُون!

اَپے چايوئي بار بِرهہ دا، زهر ڪيتوئي چا شربت ڪُون.
مَين اِتان حيران جو رهيان، مور چا ڪيتوئي پوپٽ ڪون.
جے تون چاهين بادشاهہ ٿيوان، تَرڪ ڏيون چا ٿربت ڪُون.
"سچل" سائين سچ تون ويکين، غَرق ڪرين چا غُربت ڪُون.
هے حباب تے آب "سَچُو" ٿِيا، بعد چاتوئي ڪِيوين غُربت ڪُون؟

ڪافي ١۴٦

ڪَهين تے نہ يارو، اهو اساڏا اعتبار!

جهڙيان ڳالهيان چوڪيان، ٿيوسے تَنهن تَون پَچ بيزار.
چاڻ رهيوسے نال يَقينے، اِهو سَپ هے گرد غُبار.
اِهين ڳالهون جڏان تڏان، ويسُون تخت هزار.
لوڪان وچُون ڪوئي هڪ چَيسي، بِرهے والا بار.
"سَچُو" شُبَہہ شڪ پَنيوسے، "لاسَيف اِلاّ ذوالفقار."

Gul Hayat Institute

ڪافي ۱۴۷

آهين پير مُغان دے پيالے، مے مست من ڪتوسے.

ڏوهين جهان وسرگيوسے، آهين خمر دے خيالے.
لاتے حجاب هِڪواري، آهين پيالے هادي والے.
سردي سُرڪي ڪيتے اسان تون، ہئے معاف ڪُل ڪشالے.
سر اساڏے تَون لهہ پئي لوري، اِهين جگ دے سڀ جنجالے.
سرها ڪِيتا ساهہ "سَچُو" دا، آهين ناز پرئے دے نالے.

ڪافي ۱۴۸

واه ٻاروچي ٻولي! هووان گهولي گهولي!

"اَنَاالحق" منصور الايا، ڪيتُس حشرتے هولي.
"مَن خدا" عطار الايا، چُل پَئي اِها چولي.
"خود خدا هون" اکيا قلندر، راهہ لڌيُس اِها سولي.
عشق "بُلے" دے سردے اُتے، تيغ اجل دي تولي.
"سَچُو" نال سدا سڪ هووے، عشق واليان دي ٽولي.

Gul Hayat Institute

ڪافي ۱۴۹

عشق والي تڪبير هڪائي، ڪيهيان پيان تڪبيران!

جيهے تيهے ڻون برهہ نہ پُڇدا، سارے عشق آميران.
ڪاهہ پوون پروانے واگڻ، نينهن نہ نال نظيران.
چشمان چاوِن مزگان مارن، چوٽ چلاوِن تيران.
"اَلفَقرُ فَخري وَالفَقرُ مِنّي"، بخشش حال فقيران.
"سَچُو" نينهن دي نيل آسان ڪُون، ڪيها زور نجيران؟

ڪافي ۱۵۰

ڪِيتم آپ قياس، وو هاريا، ڪيتُم آپ قياس!

جوئي چوندڙ، سُڻندڙُ سوئي، سيڪنهن صورت آپ اُهوئي.
رهندا شڪ گمان نہ ڪوئي ... ڪِيتُس لڪ لباس.

جائي مُورت، صورت سائي، نقش نقاش دي رمز اهائي،
لڪ چوراسي هِڪّا وائي. ... وائي وائي واس.

سِرّ اِهين دي سڌ ٻِنهان ڻون، هوسي اِهو احوال جِنهان ڻون،
ڪيهي خبر خُيال ٻنهان ڻون! ... نهين سو تول تپاس.

سمجهہ "سَچُو" ٿُن ڳالهہ اِهائي، اندر ٻاهر هِڪّا وائي،
وحدت دے وچ ٻوڙ ٻيائي، خودي ڪنُون ٿي خلاص.

Gul Hayat Institute

ڪافي ١٥١

جاڳ جاڳ جِند جانيا، پَلا جيئڙا !... هيئي نِنڊ اجائي!

جائي ننڊ هے نال صُحبت دے ، سائي ننڊ سَجائي.
”فَاذ ڪُر وُني اَذ ڪرڪم“، يارو، اِهين ويساهہ وجائي.
جائي نِنڊ هے نال غفَلت دے، سائي نِنڊ اجائي.
دم حَياتي يار ”سَچُو“ دي، بِرهہ بِنان بيجائي.

ڪافي ١٥٢

اِهين ميدان وچ ڪيوين، جو سُولي سر سلايا هے،
محض منصور محبت ۾، ”اَناالحق“ وو الايا هے.

اول آخر اِهو هوڪا، ڳلي وچ شَهہ گھمايا هے،
اِسي هِڪ رنگ اپڻي ۾، ويڪو هر رنگ لايا هے.

سَهي ڪر هر ڪنهين شے وچ، سارا صاحب سمايا هے،
جو ترڪے نام شمسالحق، جُثا سارا جلايا هے.

اسي ڪے واسطے مالڪ، اِسي گھر ۾ جو آيا هے،
اسي نے پُتلے پر آپے، جو ”سَچُو“ نانءُ ترايا هے.

Gul Hayat Institute

ڪافي ١٥٣

ڪَران اسرار مَين ظاهر، هے وچ حيرت دے حيراني:
نہ ڪائي جوڙ جسماني، رهي ڪِٿ شَڪل انساني؟

عجائب بحر وچ پيوسے، جسم تے جان ٿون ڇيوسے،
لهر خود آپ هڻ ٿيوسے، ٿئي سڀ موج نوراني.

سڻو منصور دي سرسي، نہ سولي ٿون ڪڏان ڏرسي،
بِرهہ دي بوند سر برسي، جسم ڪنُون ٿيا فنا فاني.

”اناالحق“ دا ماريس نعرا، ٿيا هس جسم سو پارا،
پَڙهيس اسرار حق سارا، ڪيتس جند جان قرباني.

نظر ڪوئي غير نا آندا، دگر دم ڪُون نهين پاندا،
هے اپڻے نال لنوَن لاندا، ٿيا خود روّح روحاني.

سمجهہ ”انّااِليہ“ اِشارت، هوئي عبرت، هَمہ حيرت،
جيهي وحدت تيهي ڪثرت، ”سَچل“ هے سِرّ سُبحاني!

Gul Hayat Institute

ڪافي ١٥٤

رنگان رنگ وچ يار پيارے، عجب جيها رنگ لايا هے؟
اٿوڙي سَنيّان، جهمر مارون، اڄ سارا ڪم سجايا هے!
لڪ لڪ ڦيريان دلبر ڏيندا، ناچُو ناچ نچايا هے.
بيرنگي اِهين رنگ دے اندر، ”سَچُو“ آپ رلايا هے.

ڪافي ١٥٥

جو مَين محبوب بيصورت، بهر مظهر ڏکيندے هون،
اِهين دے تا عجب جيهے، سُخن چيدے سڻيندے هون.

وَظائف ورد ڪِٿ چوڙيم ، هادي هِڪ ڳالهہ سمجهائي-
"نہ خود ڪُون غير حق ڄاڻيـن،" اِهين چاڙهي چڙهيندے هون.

نہ دم ڪُون لهر ڪائي ڄاڻين، نہ غم وچ غير ڪوئي آڻين-
اِهو درياء هے ساڳي، نہ ويڳي وچ ٻُڙيندے هون.

ڪڏان منصور آهاسے، ڪڏان سرمد سڏاياسے؛
ڪڏان سنڌي، ڪڏان هندي، اهے ڪيڏان ڪِڏيندے هون.

ڪڏان صاحب سيلاني هے، ڪڏان نينهن دي نِشاني هے،
جِتان پُر درد دل ميري، اتان "سَچُ" سڏيندے هون.

Gul Hayat Institute

ڪافي ١٥٦

عشق عقل دي نَهين نَهين،

سڻ وے قاضيا!

مَسئلے واليان ڳالهين چوڙين، اڳن اسان نا ڀَهين ڀَهين.
وَس اساڏا ڪوئي نَهين هے، نال اسان ڪيُون کهين کهين.
عشق اسانُون علم تُسانُون، نال اسان ڪِيوين ٿهين ٿهين؟
صاف دليان دے ڪيئي هوسن، پوُر پَرائے ڪَهين ڪَهين.
عاشق هوڪر "سَچُو" سائين، سوز سَچڻ دا سَهين سَهين.

ڪافي ١٥٧

ڪِيا ٿيا اڄ ڪِيا ٿيا، وے سَئيو، اسان نُون اڄ ڪِيا ٿيا؟

دين ڪُفر ڪنون منزل چاتم، عسق اسان نُون جو ليا، وے.
پَهلے سٺ سرير اساڏا ، ناز نيٹيان دے ناگهہ نيا ، وے.
زهر پيالا مَستي والا، ساقي اسان نُون آڻ ديا، وے.
"مُوتُوا قبل آن تَمُو تُوا"، مويا هوا تا ڦير جيًا ، وے.
جنهن دے ڪاڻ هاسے بيراڳي، "سَچُو" سوئي تون آپ هِين پيا، وے.

Gul Hayat Institute

ڪافي

مَين تا تَيڏڙي آهي، وے پنهل سائين!

سارے شهر پنيور دي، نال مَيڏے نا ٺاهي.
پُنّي پنهل دے پرت وچُون، رو رو ٿيسان راهي.
هے هے، مَيڏے حال دي، هووي آٿان اگاهي!
ڏونگر ڏيسن ڏک دي ساري، گولي دي تہ گواهي.
تن تنهائي جان تے آئي، اوهي نہ ڪوئي واهي.
نال "سَچل" دے، سانول سائين، سِگهڙا ميل اِلاهي!

Gul Hayat Institute

سچل لغات

Gul Hayat Institute

[مڪمل مواد ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جن جي "سچل لغت" تان ورتل ۽ وڌايل پڻ.]

"سچل لغت"
جي ترتيب موجب
اکري پٽي

الف ب ٻ ڀ ت

ٿ ٽ ٺ ث پ

ج ڄ ڃ چ ڇ ح خ

د ڌ ڏ ڊ ذ

ر ز س ش ص ض

ط ظ ع غ ف ڦ ق

ڪ ک گ ڳ گھ

ل م ن و

ه ي

Gul Hayat Institute

الــف

آبڻُ: ڀِڄائڻ، پُسائڻ، آلو ڪرڻ، پاڻي ڏيڻ.

آتش: باهه، آڳ.

آتڻُ: اَيٽَ ڪتڻ جي جاءِ، گهر.

آپُ: پاڻ، خود.

آجائي: موڪَ، ڇوٽڪارو، رهائي، آزادي.

آجڙِي: اَجڙوال، هڪرار، مسڪين، غريب.

آڇَ: صلاح، پيشڪش.

آڇپو: لاڳاپو، ڳانڍاپو، تعلق.

آديسُ: سنياسين جو سلام، نمسڪار، نياز.

آديسي: فقيرن جو قسم، زاهد.

آڌَرُ: آڌار، ڏِڍَ، آسرو، ٽيڪ، پروسو.

آڌُوتُ / آڌُوتِي: جنهن دنيوي خواهشون ڌوٽي ڦٽي ڪيون هجن) سنياسي، ساڌو، جوڳي، تارڪ، ويراڳي.

آرُ: چاهه، پيار، اَنگل، ناز.

آرُ: آرو، ٽانيو، ڇَڪَر (نار) جو هڪ پروز.

آرانيو: اُماڙي، ڇُوانتي.

آڙاهُ: باهه جو وڏو ڀنيٽ، وڏو مچ.

آزرُ: حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام جي پيءُ جو نالو، جو بت تراش ۽ بت فروش هو.

آستانُ: آستانو، جاءِ، هنڌ.

آسِرو: اميد، پروسو، ڏِڍَ.

آسَروَنڊُ: آساوند، آسائو.

آسمانُ: آڪاس، اَڀَ، اَنبرَ.

آسَڻُ: بيٺڪ، جاءِ، گهر.

آشُفتو: پريشان، ديوانو.

آغوشُ: ڀاڪر.

آفات: آفتون، مصيبتون، تڪليفون.

آڪَرُ: مکڻ جو نکمو ڀاڱو، جو رجائڻ بعد (گِهه مان) جدا ٿئي.

آکيا: چيو، بيان ڪيو.

آگَ: آڳ، باهه.

آگاهُ: خبردار، واقف، ڄاڻو.

آگاهِي: خبر، سُڌ.

آگمُ: جُهڙ، بادل.

آگهه: خبر، سڌ، ڏسو 'آگاهي'.

آڳَ: آگ، باهه.

آنڌِي: آنڌاري، جهَڪَ، اونده ڪنڌڙ مٽيءَ جو طوفان، اکين اڳيان اونده.

آنهُ: کوهه پرسان حوض جنهن مان چوپايو مال پاڻي پيئي.

آنَ: ميٽا، حڪم، فرمان.

آوُرَڻُ: آئُـڙڻ، پسند پوڻ.

آويڪَڻُ: اچي ڏسڻ، هلي ڏسڻ.

آهُو: هرڻ، مِرڳهه.

آهيڙو / آهيڙي: شڪاري، صياد.

Gul Hayat Institute

آئي: آوي، نهائين (ڪنيز جي).

اَبتر: بدتر، خراب.

اَبدُ: اهو وقت، جنهن کي پڇاڙي يا آخرت نہ هجي. ضد 'ازل'.

اِبليسُ: شيطان. هن جو اصل نالو عازازيل هو، ۽ معلم الملڪوت هو. جڏهن خدا جي حڪم جي نافرماني ڪيائين يعني آدم کي سجدو نہ ڪيائين، تڏهن کان "ابليس" لقب مليس.

اَبرُ: ڪڪر، بادل.

اِبراهم اَدهَم: ابراهم بن ادهم هڪ مشهور بزرگ ۽ صوفي ٿي گذريو آهي. بلخ جو حڪمران هو. هڪ عبرتناڪ خواب ڏسي، فقير ٿيو ۽ خدا جي راهہ تي هلڻ لڳو، جنهنڪري سندس دل الاهي نور سان منور ٿي ويئي.

اَبروُ: ڀروَن.

اَبياضُ: بياض، دفتر.

اَبيچَندُ: ٺٽي جو ويٺل سونارو، جنهن تي سرمد جو راض هو. ڏسو 'سرمد'.

اُپاٽڪو: اداس، سڪايل، غمگين.

اُپاٽُون: اندر جا اُدما، جذبو، سِڪ.

اُپُ: آسمان، آڪاس.

اُپو: سنڌ جو مٿيون پاڱو. ضد 'لمو'.

اُپوڳَ: بيشمار، بي انت، اٿيو، خشڪ، بي جسو.

اُتاءُ: مٿان، آتان.

اُتائُون: ڇپائُون.

اُتانبَر: وهم، شڪ، گمان، وَسوَسو.

اَٽڪَ: روڪ، رنڊڪ، رڪاوٽ.

اَٽيجَ: ميڙ (ڪڪرن جا)، اهڃاڻ، نشان.

اثباتُ: اقرار، تصديق. ض 'نفي'. ڏسو 'لا'.

اَپٽڻُ: ڪُلڻ، واٽڪو ٿيڻ.

اَپارَ: گهڻا، جهجها، آٿاهہ.

اَپرُ: گهڻو، جهجهو، اٿاهہ.

اُپڙڻُ: غالب پوڻ، مٿي ٿيڻ.

اُجارڻُ: صفا ڪرڻ، سنوارڻ، چلڪائڻ، روشن ڪرڻ، اُجالڻ.

اَجرُ: اُجورو، انعام، ثواب، عيوضو.

اَجڙ ڏارَ: ٻڪريون ڏاريندڙ، مالدار.

اَجڙ وارَ: اجڙوال، ٻڪرار.

اَجَلُ: موت، ڪالُ.

اَجوڳُ: نامناسب، غيرواجبي، اجايو، بيجا.

آجهاپو: آجهاپو، آجهي جي جاءِ، آجهو، پونگي، گهر.

اَجهاڳُ: بي‌حساب، بي شمار، اڳٽ، اٿاهہ.

اَجهالُ: اَجهلُ، بنان جهلَ جي، اڻ جهل.

اُجهائڻُ: وِسائڻ، گُل ڪرڻ، ٺڏو ڪرڻ، مانُو ڪرڻ.

اَجَهلُ: اڻ جهل، اَڻ ٽر، ڏسو 'اجهال'.

اَچانڪَ: اوچتو، هڪدم.

اَچائِي: ڏاڍَ، ظلم، آزار.

اَڇَ: پاڻيءَ جي اَڇَ واري پکڙيل ايراضي، وحدت.

اُڇنگارَ: اوچنگار، روئڻ جي دانهن.

اَحَدُ: هڪڙو، واحد، اڪيلو، يگانو، خدا تعالى.

اَحديَتَ: هيڪڙائي، يَڪتائي، وحدانيت.

اَخفيَ: پوشيده، ڳجهو، دل جي لطيفن مان پويون. ڏسو 'لطيفا'.

اُداسُ: غمگين، بي قرار.

اُديسُ: پرديس، ڏاري جُوءِ، ڏاريو ملڪ.

اُديسَ: بي قرار.

اَڏَرُ: ڏڍ، آسرو، ٽيڪ، ڀروسو.

اَڏوبَندُ: چيلهہ کان ڳچيءَ تائين چادر، لانگوٽيو فقير.

Gul Hayat Institute

اَڏِينُ: پَروَس، لاچار، مسڪين، محتاج.
اَڏِي: ڪائيءَ جو ٽڪر جنهن تي گاهه، گوشت، مڇي وغيره وڍجي.
ارادَتَ: ارادو، خواهش، مرضي.
اَرتو: ڳاڙهو، رَتائون.
اَرزانِ: سستو، سهانگو. ضد 'گِران'.
اَرضُ: زمين، ڌرتي، پونءِ. ضد 'سَما'.
اَرو: وڪڙ، پيچ.
اَريرِي: وڏيڪ اورتي، اوڏڙو، وڏيڪ ويجهو.
اَڙٻنگُ: بي پرواهه، آرڏو، جانئو (جوان).
اَزدَرَ: وڏو نانگ، اَجگر.
اَزَلِي: اهو جنهن کي آد يا شروعات نه هجي، ازل کان، اصل کان، شروعات کان. ضد 'ابدي'. ڏسو 'ابد'.
اَساتُ: سخت اَڃ، تاس، خُشڪي.
اَساريا: ٺاهيو، تعمير ڪيو.
اَستغفرالله: خدا کان معافي گهران ٿو.
اَسرارُ: ڀيدَ، راز، ڳجهه.
اَسُورُ: بي سُورَ، بي سُورو، بي درد.
اَسيرُ: قيدي، ٻاندي.
اَشڪار: شڪار.
اَشڪال: شڪليون، صورتون.
اَشنانُ: سَنانَ، وهنجڻ.
اَصُولِي: اصول تي ٻڌل، متي تي ٻڌل.
اَصِيلَ: ٻڌائتو، بنيادي.
اَطلَسُ: ريشمي ڪپڙي جو قسم.
اعرابَ: زير، زبر، پيش، مدّ وغيره، لاڪنائون.
اَڪارَڻُ: پار پهچائڻ.
اَڪائڻُ: روانو ڪرڻ، موڪلڻ، ختم ڪرڻ.
اَڪَنڊَ: آڪير، سِڪ.
اَڪيچارَ: بيشمار، بي انداز، بي انت، اکٽ.
اَڪيرُ: آڪنڊ، سِڪ.
اکٽ: بيشمار.

اَگلو: گدلو، خراب.
اَڳاهُون: اڳيرو، اڳتي، اڳيان.
اَڳنان: اڳتي، آئينده.
اَلاَسڙا: بِرهه جا اَلا، اندر جي سِڪ.
اَلَ اَمانَ: پناه (يا ربّ)!
اَلَ انسانُ: اَلاِنسان سِرِي وَاَنَاسِرہ. (حديث) انسان منهنجو ڳجهه آهي ۽ مان ان جو ڳجهه آهيان.
اِلَاالله: (ع)سواءِ الله جي (ڪلمي طيبَ جو اثباتي ڀاڱو). ڏسو 'لا'.
اَلانَ ڪَمَاڪَانَ (ع): هاڻي ائين جيئن اڳي هو.
اَلانِيِي: اولانيي، چوانتي، چُوچڙي، اماڙي، چيي، شعلو.
اَلله توهارَ: الله تنهنجي آسري، تَوڪل بر خدا.
اَلاوڻُ: چوڻ، ڳالهائڻ.
اَلفقرُ: اَلفَقرُ فَخرِي والفَقرُ مِنّي. (حديث) فقيري منهنجو فخر آهي ۽ فقيري مون منجهان آهي.
اَلبيلو: اَربيلو، لاڏلو، دادلو.
اَلحالُ: في الحال، هينئر، هن وقت.
اَلتوئِي: ڳجهو، رکيوئي، لڪايَئي. ضد 'سَلتوئي'.
اَلستُ: اَلستَ بِرَبِّڪُم. (قرآن) ڇا، نه آهيان مان اوهان جو رب؟ (الله تعاليٰ روحن کي چيو).
اَلفرضايُون: بي پرواهيون، ڪَن لاٺارَ، ڪَن ٺارَ.
اَلڪو: اولاڪو، فڪر، انتظار، ڳڻتي، غم.
اَلکُ: خدا.
اَلو: باهه جو شعلو، چڻنگ.
اَلوٽُ: نشي ۾ چور، مست، مگن.
اَلولَ: ناز، نخرو، آڪَڙ، تانءِ، عيش، سڪ، موج، اَلوَالان.

Gul Hayat Institute

اِلهامُ: اِلقا، مَنَ واڻي، اها ڳالهہ جا خدا جي طرفان دل ۾ وڌي وڃي.

اَلهَڻُ: سچ جو لهڻ.

اُليان: اَلرون، جَلهَون، جذبا، جوشَ.

اَمانَتَ: ڪنهن جي شيءِ ڪي پنهنجي سنڀال هيٺ رکڻ، ڏَروهر. ضد 'خيانت'.

اَمثالَ: مثال، داستان.

اَمَرُ: لازوال، دائمي.

اُمراءُ: اَميرَ، وڏا ماڻهو، سردار.

اَمرَتُ: آب حيات، حياتي بخشيندڙ.

املاڪَ: ملڪيت، دولت، مال.

اَمواجَ: لهرون.

اُميتَ: پَلٽ، پالوتَ، گهٽائي.

اَنا اَحمَدُ: ع. اَنَا اَحمَدَ بِلامِيم. (حديث) آءٌ احمد آهيان 'ميم' کان سواءِ، يعني 'احد'.

اَنا عَرَب: (اَنَا عَرَب بِلاعين. (قول الفقراء) مان 'عرب' آهيان سواءِ 'ع' جي. يعني 'رب'.

اَناالحَقُ: "مان خود حق آهيان" منصور حلاج جو محويت جي وقت نعرو.

اَنبوهُ: ميڙ، گهٽائي، وڏو مچ.

اَنترَ جَنترُ: منتر جنتر، جادو.

اَندامُ: لِڱ، عضوو.

اَندوهُ: غم، ڏک.

اَنڌ: بي پرواهي، مغروري، وڏائي، اَڪڙ.

اَنترَمُڪُ: اندر ۾ جهاتي وجهندڙ.

انسُ: انسان، آدمي، ماڻهو.

اَنهَدُ: اندر جو آواز، مَنَ واڻي.

اِني اَنَا الله (القرآن): بيشڪ آءٌ الله آهيان.

اَٺاسِي: بيشرم، ناس پٽي کان سواءِ.

اَٽڪَ: ڪکرن جي ڪاراڻ جا پٽا.

اَٿَمِيو: بيِ انداز، بيشمار.

اَواڳهہ: اونهو، عميق.

اَوپارو: نارَ جي لَٽِ ۾ ڪَتل ڪاٺي.

اوتارو: جاءِ، اوطاق، مڪان.

اَوتڙ: اٿائو، گهيرَ، تَڙَ کان پري.

اوڏَڻُ: هارڻ، پَلٽڻ، ليٽائڻ (ٿانءُ).

اوٽ: اولو، پردو، پنا.

اوٽ: ويڙهہ، لَپيٽِ، پيَچَ، ٿوڙِ، ڏاهِ.

اوٽارَ: پُورَ، خيالَ.

اوٺارُ: اوٺِي، جَتَ، قاصد.

اوجاڳو: ننڊ نہ ڪرڻ جي حالت.

اوجَرُ: روشني.

اَوديا: بي علمي، جهالت، اَڻڄاڻائي.

اوڊَڻُ: ڊِڪڻ، ڀِهرڻ، پائڻ (ڪپڙا).

اَور: ٻيو.

اوراتو: روڄَ، راڙو، پِٽڪو. ماتم، غم، ڳڻتي، مصيبت.

اوراپو: اوڙاپو، ڏوراپو، طعنو.

اورار: درياءَ جي اورين پَرِ.

اوراٽو: اولاٽو، لولي، اَلڪو، ڳڻتي، فڪر.

اورَڻُ: دل جو حال بيان ڪرڻ، حال وَنڊڻ، وِرونهن.

اوسَٽَ: سخت اُڃ، ٽاس، خشڪي.

اَوسَرَ: برسات نہ پوڻ جي حالت، سوڪَ، خشڪ سالي.

اُوسَرَ: ڪَلراٺي زمين، غيرآباد زمين، خشڪ يا ٻُٺُ زمين.

اوسيڙو: انتظار، ڳڻتي، فڪر.

اوڪارَڻُ: روڪڻ، جهلڻ، بس ڪرڻ.

اَوڳڻُ: عيب، بُرائي.

اوڳو: موڳو، مُوڙهل.

اولا: گرميءَ جا اَلا. ڏسو 'الو'.

اولارا: لامارا.

اولاڪو: فڪر، الڪو، انتظار، ڳڻتي، غم.

Gul Hayat Institute

اولانيو: اوپالو، ڏوراپو، مهڻو، طعنو.

اولانگهڻ: اورانگهڻ، لنگي وڃڻ، پار پوڻ.

اُول جنول: اَڏنگا، ڏُودستا، اَٽڪهڙيا، اَناڙي، بي سمجهه، مَست.

اُولَو: ڏکيو، اَهنجو، ضد. 'سَولو'.

اولو: ڍَڪَ، پردو، پناه، آجهو، آلڪو، فڪر، ڳڻتي.

اَويرَ: اَويلَ، دير سان، ڪُمَهلو.

اُويڙو: نالائق، بي وَڙو، اَڏنگو.

اوهيرو: وَسَ، وسڪارو.

اوئي: ڪَلِي، مشڪ، پکال.

اَويلَ: اوير، دير سان، ڪُمهلو.

اُهڃاڻُ: نشان، پَرو، پَتو، ڏَسُ، سبب.

اَهَنڪارُ: هَٺَ، غرور، تڪبر، اَيمانَ.

اَيتُ: اَرتَ، چرخو.

اَياڻو: بي سمجهه، نادان. ضد 'سياڻو'.

ايلازَ: منٿون.

ب

بابِ: قسمت ۾، حَقَ ۾، باري ۾.

بات: ڳالهه.

بادَلُ: ڪَڪر، ميگهه، اَبر.

بادِي: انسان جي چئن طبعيتن مان هڪ جو نالو.

چار انساني طبيعتون:

1- آتشي 2- خاڪي 3- آبي 4- بادي.

بارانُ: مِينهَن، بارش، برسات.

بارانِي: مينهن تي ٿيندڙ پوک، ڏسو 'باران'.

بارِي: خالق، خدا.

بازُ: شڪار پکيءَ جو قسم.

'باز' مادي پکي آهي، جنهن جو نَرَ 'جُره' آهي.

باري: ڪيلَ، راند، تماشو.

باسِ: قبول ڪرڻ.

باشو: هڪ قسم جو شڪاري پکي، باز پکيءَ جو هڪ قسم.

باطِلُ:
باطِنُ: ڪُوڙ، ناحق. ضد 'حق'.

باطُونُ: اَندرُ، ڳُجهه، راز. ضد 'ظاهر'.

اندر، ڳجهه، راز.

بافتو: سوٽي ڪپڙي جو قسم.

بالاَ: مٿانهون، اُوچو.

باندِي: قيدياڻي، قيدي.

بانڪو: بهادر، سورهيه.

بانوَلِي: لامارو، جهَٽَ.

بانِي: رنگ، ٻولي.

بُتڪَدَهَ: صنم خانو، بت خانو.

بِتِي: تيرن رکڻ جي ڳوٿري.

بَٽَ: باهِ.

بِجلِي: وِڄلي، وِڄ، ڪِنوڻ، برق.

بَحرِي بازُ: 'باز' جو قسم جو بحر (پاڻيءَ) مان مڇي وغيره شڪار ڪري.

بَدراهُ: ڪَرِيل، عيبدار، خراب راهه تي هلندڙ.

بُخَارُ: ٻاڦَ، جا پاڻي گرم ٿيڻ سان مٿي نڪري.

بُخارِي: بخارا شهر جو امام بخاري، حديث جي مشهور ڪتاب "صحيح بخاريءَ" جو مؤلف.

بَدڪيشِي: بدمذهب، خراب مذهب وارو.

بُراق: اُن گهوڙي جو نالو، جنهن تي حضرت محمد ﷺ جن معراج وقت سوار ٿيا هئا. تمام تکو گهوڙو.

بَرخُوردارُ: پُٽَ، فرزند، ننڍو، ٻچو، ڪَم سِن.

بَرگُ: پَن، پَتو.

بِرهُ: وِرهه، فراق، جدائي، ڦوڙائو، وڇوڙو.

بِرَهنا: اُگهاڙا.

بَزمَ: مجلس، محفل. ضد 'رزم'.

Gul Hayat Institute

بَڙڇي: نيزو، ڀالو.

بِساط: چوپڙ راند جو ڪپڙو، شطرنج جو تختو.

بِسطامي: بسطام شهر جو ويٺل، حضرت بايزيد بسطامي، هڪ وڏو اهل الله هو. وجد ۾ "سُبحانِي ما اَعظَمَ شانِي" (پاڪائي آهي مون کي، ڪيڏو نه آهي منهنجو شان!) چيائين. سندس وفات 874ع ۾ ٿي.

بِسمِلہ: بسم الله يا بسم الرحمان الرحيم چوڻ.

بَسمي: رک، ڇار، ڦلهيارَ، خاڪ.

بِسِيهر: وِسيهر، بِشِيهَل، زهريلي نانگ جو قسم.

بُعد: دُورِي، ضد 'قُرب'.

بَقا: هميشه موجود، هميشه رهڻ واري حالت. ضد 'فنا'.

بگر: ڪان سواءِ، سواءِ، بنان.

بَڪلِ: بَڪري، گبري، پُراڻا ڪپڙا، پراڻو لباس.

بَلا: تڪليف، مصيبت، ڏک.

بِلالُ: مخدوم بلاول سَمو. هي ٺٽي (ضلعي دادو) جو ويٺل هو. پنهنجي وقت جو وڏو بزرگ هو. شاهه بيگ ارغون کيس شهيد ڪرايو. سندس مقبرو "باغبان" (ضلعي دادو) ۾ آهي.

بَلي: وهه واهه، خوب!.

بلىٰ: قالُوا بَلىٰ (قرآن). چيائون "هائو" (روحن جواب ڏنو). ڏسو 'الست'.

بِلي: حوالي، لاءِ، واسطي، خاطر.

بُلي: حضرت بلهي شاهه قُصور (پنجاب) جو ويٺل هو. صوفي شاعر هو. سندس ڪافيون مشهور آهن. 1757ع ۾ وفات ڪيائين.

بَنُ: جهنگل.

بَندَ: بندشون، بَندڻ، قيد.

بَندِي خانو: قيدخانو، ٽرنگ، جيل.

بنوري: وَني، ڪنواري ڇوڪري، جوان ڇوڪري.

بود: هستي.

بودلو: ڀورڙو، ڇَرڙيو، ڇاڳلو، لاڏلو.

بهت: جهجهو، جام.

بوزر: مِينهَن جي ڪِڻي يا ڦُڙي.

بهيران: ڀهِيرون، قطارون.

بي آب: بي عزت، بي مانَ.

بيبا: (سرائڪي زبان ۾) پيار ڀريو لفظ، جو ڪنهن ننڍي سان ڳالهائجي.

بيبان: بَرپَٽ، رڻ پٽ، سَڃ، ويراني.

بيخود: بي هوش، بي حال، مست.

بيد: ويد. هندن جا ڌرمي پستڪ، جي چار آهن:

1 رِگ ويد

2- سامَ ويد

3- يَجُرويد

4- اَٿر وَويد.

بيراڳي: ويراڳي فقير.

بيرق: جهنڊو، عَلم.

بيرَنگِي: رنگ ڪان سواءِ، جنهن ۾ ڪو رنگ نه هجي، بي مثل، لاثاني.

بيڪُ: ويس، پوشاڪ، لباس.

بيرُون: ٻاهر.

بَيع: وڪرو، واپار.

بيڪَسُ: بي رفيق، نڌڻڪو، لاچار، عاجز.

Gul Hayat Institute

بيڪاري: پينو فقير.

بيگانگي: ڌاريائي، غير واقفيت.

بيگانو: ويڳاڻو، ڌاريو، ناآشنا.

بي مُحابو: بي لحاظ، بي مروّت.

بينسر: عورتن جي نڪ جو زيور.

بينو: سوني زيور جو قسم.

بيهُودو: بدفضيلتو، واهيات، نالائق.

ٻ

ٻاٻاڻو: ٻاٻاڻن جو، ڏاڏاڻو، آباڻو.

ٻاٻيهل: پپيهو پکي، سهڻو انسان.

ٻات: آني جو ڇاڻ.

ٻاجهون: سواءِ، بنِ.

ٻارڻ: باهه، آگ.

ٻاڦ: ٻاڦور، ٻڙڪ، منجهه، راز.

ٻاڪار: داهوڙ، دانهن، رڙ.

ٻانيڻ: هندن جي چئن ذاتين مان اتر ذات.
1- برهمڻ 2- کتري
3- ويش 4- شودر.

ٻاڻُ: تير.

ٻاڻي: آواز، بيان، وچن، گفتگو.

ٻائيتالُ: هل بکيڙو، گوڙ شور.

ٻٽوين: ٻتوان وار، ڦٽيءَ سان مٿي ڪيل وار.

ٻر: ٻرڙ، ٽنگ، سوراخ.

ٻرائيو: ٻوليو، ٻول ڪيو، انجام ڪيو.

ٻرُو: شرم، لڄ، شانُ، پناه، داغ، ڇٽو، ٽڪو.

ٻڪروال: اهو تيز مينهن، جو اتر اوير جي ڪنڊ ڪان، ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان اچي وسي.

ٻن: ٻنُ، جهنگل، ٻيلو.

ٻنڌاڻُ: قول، ٻول، وعدو، انجام، لاڳاپو، تعلق.

ٻوجهه: سمجهه.

ٻوري: ڪاڻڻ جي وٽ، جا پنِ مان ٺهي.

ٻول: انجام، وعدو، سخن، گفتگو.

ٻوهر: ٻهر، ڪن ڪچرو.

ٻهه ٻهه: روشنائي، چمڪاٽ، ٻهڪو، بهاري.

ٻهُڳڻ: گڻوان، خوبين جو مالڪ، عاقل، داناءُ.

ٻهون: گهڻو، بيشمار.

ٻهي: ويهي.

ٻيائي: دوئي، دولاب، ڪوٽ.

پ

پاچائي: پاءُ جي زال.

پاروني: نار جي اها ڪاڻي، جنهن پر لٽ ۽ مُهري جا مٿا ڦرن.

پاڳي: پاڳوارو، بختاور.

پان: منگتو، مڱڻهار، پينو، ڳائڻو.

پانت: / **پات:** قسم، نمونو، ريت، طرح.

پانوڻ: پائڻ، پسند ڪرڻ.

پاڻو: پاڻ، ماڳ، جاءِ.

پاڻي: وٽي، سونهي، ڏسو 'پانوڻ'.

پپوت: خاڪ، رک، ڇار.

پت: طرح، ريت.

پتارُ: مڙس، ور، ڪانڌ.

پتارو: پيارو، سدورو، هت اشارو 'اٺ' ڏانهن.

پرُ: آڌار، ٽيڪ، ڏڍ، وسيلو.

پلُ: پلو، فصل جو مچڻ، تمام سنو گاهه.

پلَ: چڪ، غلطي، گمراهي.

پلينديان: ڏسن ٿيون، نهارين ٿيون، ڳولين ٿيون.

Gul Hayat Institute

ڀَنِ: ڀَڄَ، ٽوڙُ.
ڀِنُ: وڏو چار (ميڇيءَ ڦاسائڻ لاءِ)، رَڇَ.
ڀَنَيڙُ: ڀَيَڙُ، ڀَنيَٽُ، تيز ٻاھ جو وڏو مچ.
ڀَنِيَاڻُ: ڀنيولجڻ، موھجڻ، مست ٿيڻ.
ڀَندڪِي: ڀَنڊي، ڦَڪڙي، خواري.
ڀِنِي: وِھاڻي، پرڀات، پرھ ڦٽي، ڏِڪي، فَجر.
ڀوتارُ: مالڪ، سائين، معزز.
ڀُورو: ڪٽڪ رنگو. 'اَٽ' ڏانهن اشارو.
ڀُوساگرُ: خوفناڪ سمنڊ، سنسار رُوپي ساگر يعني ھي جھان.
ڀوڳُ: مزو، لطف.
ڀوڳڻُ: ماڻڻ، سَهڻ، برداشت ڪرڻ. ڏسو 'ڀوڳ'.
ڀوڳِي: مزي ماڻڻ وارا، نفساني خيالن وارا، عياش.
ڀولَ: ڀُل، چڪ، غلطي، گمراهي.
ڀُولِي: ڀولا، وسوسا، سنسا. ڏسو 'ڀُل'.
ڀُونگِي: جهُوپو، جهوڙي، جهُڳو، منهِي، ڇَنو.
ڀيٽ: زيارت ڪر.
ڀيڄَ ڀِنِي: پرھ ڦٽي، پرڀات. ڏسو 'ڀِني'.
ڀيد: راز، ڳُجهه، نمونو.
ڀيرُ: ڦيرُ، ڦيرو، چڪر، نمونو، وَر، وَڪڙ.
ڀِينگَ: اُجاڙَ، ويراني، سُڃَ.
ڀيٽِي: جاءِ، سَگهه، طاقت.

ت

تات: سنڀال، يادگيري.
تارَ: يادگيري، تانگهه.
تاراجُ: تباھ، برباد، ناس.
تارِڪ: دنيا کي ترڪ ڪندڙ، تياڳي.
تارُوئـڙا: پاڻيءَ تي ترندڙ جيتن جو قسم.
تارِيڪَ: اوندھ.
تارِيڪِي: اونداهي، انڌيرو.
تازِي: عربي گهوڙو.
تاسُفُ: افسوس، ارمان، ڏک.
تالَ: ڪهڙَ، چالاڪي، ناز نخرو.
تانگهو: ننڍو پاڻي. ضد 'تار'.
تاوَنُ: ڇَٽِي، ٽوٽو، ڇيھو، نقصان.
تَپَش: گرمي، بيقراري.
تَجرِيدَ: اڪيلائي، خَلق، کان علحدگي.
تَجَلُ: خيرپور ۾ هڪ ڳوٺ.
تَجلو: چمڪو، روشني.
تَحَتُ: جهَنم، دوزخ، پاتالَ.
تَدبِيرَ: ڪوشش، اُپاءِ، تدارڪ.
تُرَ: ذرو.
تُراڙُو: تارازي، تارازيءَ جو هڪ پُڙ، وَٽُ، تورو.
تَرازو: ٻيڙيءَ جو قسم، تيزرو ننڍي ٻيڙي.
تَرازُو: ساهمي، تارازي.
تَرائِي: هيٺاهين زمين (جتي پاڻي بيهي)، جبل جي هيٺاهينءَ وٽ وارو پاڳو.
تَرياءُ: خبرچار، سڌ سماءُ.
تِرياقُ: هڪ مرڪب دوا جو نالو، جا زهر جي هر قسم کي زائل ڪري، زهر مُهرو.
تَريچو: تَرَ جو، ويجهيءَ ڇَڪَ جو، قريبي جُوءِ جو، ساڳيءَ ويڙھ ۾ رهندڙ.
تَسبِيحَ: داڻن واري مالها (جنهن تي خدا جو ذڪر ڪجي)، سِمَرِڻِي، مالا.
تَسلاتِ: تَسڪي، دلجاءِ، خاطري.

Gul Hayat Institute

تَصديعَ: تڪليف، آزار.

تَعزيرِ: سزا.

تَعظِيمُون: مانَ، عزت.

تَعميرَ: آڏاوت، بناوت.

تَفرِيدَ: اڪيلائي، تنهائي، خلوت.

تُفَنگُ: بندوق.

تَقليدَ: پيروي، پولڳي.

تَقويٰ: پرهيز گاري، زهد، عبادت.

تَڪبِيرَ: نماز ۾ 'الله اڪبر' چوڻ، تڪبير وجهڻ، ڪُهڻ.

تُڪو: بنان ڇهنب تيرَ.

تَڪِيو: فقيراڻو آستانَ، ڪُنيا، ماڳ، ديرو، جاءِ.

تَلُ: ترائي، هيٺاهين زمين (جتي پاڻي بيهي).

تُلُ: برابر، مَٽَ.

تَلافِي: تدارڪ، پورائو.

تَلقِينَ: تعليم، سِکيا، هدايت.

تلڪُ: نِرڙ تي ٽِڪو، نشانُ (جو اڪثر هندو عورتون نرڙ وچ تي هڻنديون آهن).

تَلوِينَ: رنگارنگي ڪرڻ، طَلَب جي

تَلهارُ: هڪ مرض جو نالو.

تَمُ: ڏسو 'ترني'.

تَماچو: پورو، ختم.

تَمڪِينَ: ڇماٽ، ٺَڦَڙ، لَپاٽ.

تُنبِي: عزت، مانَ، مربتو. وڄائڻ جو هڪ ساز، ڪِشتي (جنهن ۾ فقير پنَ وٺن) جو قسم.

تَـٺَڻُ: ڇڪڻ، جَڙَڻُ.

تَونگُ: گهٽي حد، گهٽو مفاصلو.

تَوَهمُ: وَهم ۾ وجهڻ.

توهُ: مهرباني، فضل، راضپو.

تَهَارُون: تهوارون، ذرا ذرا، پُرزا پُرزا، لِيڙون، ريڙون.

تُهمَتَ: بُهتان، الزام.

تياڳِي: تارڪ، لاطمع، ويراڳي.

تيجَ: تيڪ، جوش.

تيجارا: روشن، چمڪندڙ.

تيرُون: ڪاريون.

تَپِش: تاس (اڄ جي)، اُساٽَ.

تيغَ: ترار.

ٿ

ٿاڪُ: ٿاڻو، ماڳ، جاءِ، هنڌ، بيٺڪ، جُوءِ، مال جي چرڻ جو هنڌَ.

ٿاڪِيا: ترسيا، ٿَڪ پَٽيو، منزل ڪئي، ڏاهو ڪيو.

ٿانهر: ٿانيڪو، هَٽيڪو، هڪ هنڌ.

ٿانِيڪو: 'ٿانهر'، هٽيڪو، ٿانيڪو، هڪ هنڌ.

ٿاڻو: ٿاڪَ، ماڳَ، جُوءِ، ٿانَ، ٿاڻُ.

ٿَرُ: بَرَ، پوٺو، برپٽ، خشڪ زمين، ٿرپارڪر ضلعي جو وارياسو حصو.

ٿَرِي: مَلائي، کير جي ٿَرَ.

ٿَرِيچو: ٿَرَ جو رهاڪو، ٿَرِي.

ٿَلو: / ٿَلهو: ڍير، ڍِڳ.

ٿَمُ: گَڏَ، هڪ هنڌ، هَٽيڪو.

ٿَنُ: ٿنيو، ٿوڻي، مَني.

ٿورياڻي: شڪارڻ، ٻاليشاهي، هڪ گهٽ ذات جو قسم.

ٿوڪَ: ڪاڄَ، چيزَ، وَٿو.

ٿُوهو: اَٽ جي پِنيءَ جو گڪ.

ٿُوهَرَ: هڪ وچولي قد جي وڻ جو قسم.

ٿيلهِيو: لتاڙيو، پٺ ڪيو، ڏِڪيو، هَلايو.

ٽ

ٽاٽُ: ٻاڄ.

ٿارو: لَٺِ جي وڻ جي ٿاري، چنيبو.
ٿامَ: لام، ٿاري.
ٿُنٿُ: پڇڙ.
ٿِڪاڻو: هندن جو پوتر هنڌ، ٺِڪاڻو، ماڳ، مڪانُ.
ٿِڪُٽُ: جوڳين جي ڏيان جو چڪر، جو پيشانيءَ مٿان آهي.
ٿوڪَ: ٿُول، ڇٽَر.
ٿولُ: شيءِ، چيز، وَستو، وَٿُ.
ٿولاڪا: رولاڪا، ڏڪ، ڏاڪڙا، تڪليفون.
ٿُونديُون: لُوليُون لُڳُڙيُون، هٿن ڪان جڏيون، بي ڍوليُون.
ٿُونڪَرَ: ٿورو ڏڪ.
ٿهلَ: چاڪر، خدمت، شيوا.
ٿهڻُ: ڇِرڪڻ، ٿاهَ اچڻ، ڊِڄڻ.
ٿِيلو: پهاڙِي، ٽَڪري.

ٺ

ٺاٺُ: راڳ جو درميانو آواز.
ٺلو: } خالي، سکڻو، بيڪار، واندو.
ٺلهو:

ث

ثوابُ: اَجر، نيڪ عوض، نيڪ ڪم جو بدلو، پنُ. پـڄ. ضد ’عذاب‘.

پ

پابوڙو: پـڀڻ جو پن، پبڻ جي ڏوڏي يا ٽڪي.
پاٺُ: ڳائڻ وڄائڻ وارو پينو فقير.
پاڄي: پاڇي، نوڪر، غلام، ٻانهو.
پارانپو: پارايو، پيغام، نياپو، سنيهو.
پارَسُ: پٿر جو قسم، جو لوهه کي لڳي تہ ان کي سونُ ڪري.
پارڪُو: پرڪيندڙ، ڇاڻيندڙ، ڏاهو.
پارڻُ: پاڙڻ، پورو ڪرڻ.
پارو: سردي، ٿَڌ.
پازيبُ: ضاعفن جي پيرن جو زيور.
پاڪِي: پاڪيزگي، پرهيزگاري، پاڪائي.
پانڌُ: پَلاند، دامن، جهولي، پاندَر.
پانڌِي: پانڌيڙو، راهي، مسافر، خابَرو.
پانڙُ: پاٺُ، ٽر ملڪ جو هڪ ياڳو. ٽر ٽن ياڳن ۾ ورهايل آهي:
1- ڪاٺُ: اتر وارو ياڳو
2- پاٺُ: ڏکڻ وارو ياڳو
3- ڍَٽَ: وچ وارو ياڳو
پاهانُ: پوئتي پيل، مسڪين، غريب.
پاهَتُ: پهَتَ، پيرُ، رَستو (مٽي مانٽيءَ يا لڳ لاڳاپي وارو)، محبت، همدردي، ٿاهَ، رس.
پاهُون: پوئـتي، پُٺتي.
پاهِي: ڇڏي يا پٽڙي لَسي، جهارو، ڪَنگو.
پـپُڻِ: وَل جو قسم، جنهن جي پاڙ ۾ ٻهہ ٽئي ۽ چوٽيءَ ۾ ڏوڏي.
پَتِ: عزت، لڄ.
پتشاهِي: بادشاهي.
پتلِي: گڏِي، رانديڪو.
پَٽَ پٽيهَرَ: پَٽَ جا ڪپڙا، قيمتي وڳا.
پَٺڻُ: موڪلڻ، روانو ڪرڻ.
پـپـِي: پـٻـٽي، ڏوڏي، ٽڪي.
پـڄ: ڍُوُ، رڄَ.
پڇارو: ڪپهہ پيڃڻ وارو، منصور حلاج.
پڇاڙڻُ: زورسان، پريشان ڪرڻ، ڏانڊولڻ.
پِرَ: رِيتِ.

پَراگندگي: پريشاني، حيراني، تشويش.
پِرڀات: صبح سويرو، پرهه ڦٽي، ڏَکي.
پِرڀاءُ: اثر.
پِرڀون: پرديس، پراهون ملڪ، ٻيو جهانُ، پَرلوڪَ.
پِرڀُون: خوشيءَ مان، چاهه مان.
پِرت: پيار، سِڪ محبت.
پِرتَو: روشني، تجلو، ڪِرڻو، عڪس، اولڙو.
پِرتون: پرت مان. ڏسو 'پرت'.
پِرٽ: ڪَٽي، ڌوٻي.
پَرجات: لوڪَ، ماڻهو.
پَرِجُوءِ: پَرانهين جُوءِ، پرانهون هنڌ، ڏورانهون ماڳ.
پُرجَهڻ: پروڙڻ، سمجهڻ، جاڻڻ.
پُرچار: وعظ، تبليغ، اُپديشَ، وِستارَ، مشهوري.
پَرديس: پرڏيهه، ڌاريو ملڪ.
پُرزو: تَڪرو، چِٺي، خط.
پَرک: آزمايش، جاچ، چڪاس، تپاس.
پَرنان: پَرتي، اڳتي.
پُرڻ: هَلڻ، وڃڻ.
پَروانُ: مشهور، مَڃڻ جوڳو.
پَروانو: خط.
پِرولي: ڳجهارت، مامَ.
پَرَهلادُ: هڪ ڀڳت جو نالو، جو راجا هرڻڪشپ جو پٽ هو. ڏسو 'هرڻڪشپ'.
پُري: شهر.
پَرياڻ: مسافري، ڏَسَ، پَتو، اهڃاڻ.
پِريمي: پريم وارو، عاشق.
پڙچ: نار جو اهم عضوو يا ڀاڱو، جنهن ۾ لوڙِيِنِ جو پاڻي پوي.
پَڙلاءُ: پَڙلاءُ، پڙڪو، ٺڪاٽ، آواز، ڳالهاءُ.

پِسي: ڪِرڙ جا گل.
پِڪَ: وات جو لعاب، لِبَ، ڦيٽي، ڇَڪي، ڏِڪَ.
پَڪا: ڪِرڙ جي وڻ جا پڪل ڏونرا.
پَڪو: ڪڪائون گهرَ، ڇنِ، منهَن، لانڍي، جهوپڙي.
پَڳهُ: ٻيڙيءَ جي ٻڌڻ جو رسو، لنگرَ.
پَلُ: گهڙي، ساعت، دَمُ، ڪِنِ، فوراً.
پَلالُ: سارين جو سُڪل گاهه.
پَلرَ: مينهن جو صاف پاڻي.
پَلڪَ: ذرو، لحظو، ٿوري ساعت، اک ڇنڀَ.
پَلڪان: پهَر، وَقتَ، مُدت. ڏسو 'پلڪ'.
پَلنگُ: سيج، ڇَپر ڪَٽ.
پَلَءُ: پاند، پلاند، دامن.
پَنِ: بيٺل پاڻيءَ ۾ اُپريل گاهه، جنهن مان تڏا ۽ ٽونريون ٺهن.
پَنارو: آجهو، سامر، پناه.
پِنبَڻَ: اک جون پنبڻيون، پنجَهر، ڇنيرَ.
پِنبهه: ڪپهه.
پِنهان: لڪل.
پِٽي: کِهَ، پيرن جي مٽي.
پوتي: رئو، زنانو مٿي جو ڪپڙو.
پوٿي: هندن جو ڌرمي ڪتاب.
پوٽو: مٿاهين زمين، غير آباد زمين.
پوڄاري: پوڄا ڪندڙ، پوڄيندڙ، بندگي ڪندڙ.
پُورِ: ويچار، فڪر، ڳڻتي.
پُورَبُ: اوڀر، هڪ صوفيانه منزل جو نالو. ضد 'پڇمُ'.
پوڙي: ڏاڪڻ، مصرع جي ٽُڪَ، سِٽَ.
پوش: ڍَڪَ، پردو.
پونجارَ: چوڻي، پڇڙي.
پُوٽي: ڪپهه جو ڦهو يا ڦورو.
پَهاٽَ: جبلن ۾ پاڻيءَ جا ڌورا، پاڻي بيهڻ جا هنڌ.

Gul Hayat Institute

پَهاڙُ: پربت، جبل، ڏونگر، روهُ، ڇپَرَ.

پَهَرُ: ٽن ڪلاڪن جو وقت.

پَهرَڻُ: جهنگ ڏانهن چارڻ لاءِ مال وٺي وڃڻ.

پهس: زورسان، زبردستيءَسان، سخت.

پهڻُ: پيهڻ، پيهي وڃڻ، گهڙڻ، داخل ٿيڻ.

پَهو: ڪپهه جي پوٽي.

پَهوڙا: ڪاٺ جي ڪوڏر، جنهن سان مال جو وٿاڻ صاف ڪجي.

پَهُون: ٻڪريون.

پَهِي: واٽهڙو، قاصد.

پهير: ڪنڌن ۽ ڏِنگهرن جو لوڙهو.

پيچ: چانورن جي رَبَ.

پيراڏُو: پيري، ٻاڳي، پيرو ڪٽندڙ.

پيرمُغان: آتش پرستن جو پيشوا، ساقي.

پِيرولِي: ڏسو 'پرولي'.

پيڙَڻُ: ڇيپاٽڻ.

پيزارُ: جتي، پادر، پاپوش.

پيڪا: زال جي والدين جو گهرَ.

پَيڪانُ: تير جي ڇهنب، تيرُ.

پيهي: ڪَڪائِين مَنهي، جهوپڙي.

ج

جاٽِي: زيارتي، تيرٿواسِي.

جاچَڪُ: منگتو، مڱڻو، ٻڪاري.

جاچُ: ڏسو 'جاچڪ'.

جاچڪُ: ڏسو 'جاچڪ'.

جارُ: سوز، عشق، چاهه.

جاڙَ: ڏاڍائي، زبردستي، تعدي، جٽ.

جالَ: جام، جهجهو، دَل، گهڻو، بيشمار.

جامُ: پيالو.

جانارُ: جانور، جاندار، ساهوارو.

جَبَرُ: زبردستي.

جَتَنُ: ڪوشش، اُپاءُ.

جَتائُون: مَنجهيل وار، وارن جون ڇڳون.

جُثو: بدن، تَنُ، جسم.

جَپُ: تسبيح پڙهڻ جي حالت، سمَرڻي سورڻ جي حالت، ذڪر، پوڄا، پاٺُ.

جَپُ صاحبُ: گرونانڪ جي ٻاڻِيُنِ جو ڪتاب، هندن جو هڪ ڌرمي ڪتاب.

جَرُ: پاڻي.

جَرڪَڻُ: چلڪڻ، چمڪڻ.

جُرو: باز پکيءَ جو نَرُ، زرو. ڏسو 'باز'.

جَرو: ڏِڪ، سُرڪِي.

جَرِين: پاڻيءَ وارن هندن.

جَڙَ: بيخ، پاڙَ، ميخ، ڪِلِي.

جُزو: ڀاڱو، حصو، ٽڪرو، ذرو. ضد 'ڪُلُ'.

جُفتي: جوڙو، جوڙي، جُفت. ضد 'طاق'.

جَڪَ: درد، سوزُ، آند ماند، جهوري.

جَڳتُ: جَڳت، جهانُ، دنيا.

جَلالُ: بزرگي، عمده صفات باطني، غصو، ڪاوڙ.

جَليبُ: اَتالو، ساٿي، هَمرڪاب، غلام، ٻانهو.

جَمرُ: ميڙ، هجوم، گڏ.

جَمر جَمر: بار بار، هرهر، سدائين، هميشه.

جَمعيت: خاطري، دلجاءِ، آرام.

جَمناَ: هندستان جي هڪ نديءَ جو نالو.

جَنجالُ: جَنجَلُ، ٻکيڙو، مونجهارو، آزار.

جَنجيرُ: زنجير.

جُنگُ: زور، تمام گهڻو زور، تمام وڏو، بهادر.

جُنيدُ: هڪ وليءَ جو نالو، جو بغداد ۾ رهندو هو. انهيءَ ڪري 'جنيد بغدادي' سڏجي ٿو. وفات 298 هجريءَ ۾.

Gul Hayat Institute

جَٽيو: سڳو، جو هندو ڌرمي نشاني سمجهي، ڳچيءَ ۾ پائيندا آهن. زنّار.

جُوٽي: ڪُوڙي.

جوڙ: ٺاهہ، ڪاريگري.

جوڳ: ڌيانَ، ميل، ميلاپ، مراقبو، سَماڌِي.

جوڳِي: ڌِياني، تَپسِي، سنياسي فقيرن جو قسم.

جَولانُ: ڇوهَہ، جذبو.

جوڳيسَرُ: وڏو جوڳِي، ڪامل درويش.

جُوٽِيُون: جَٽيون، ڏٽيون، رهڻ جا هَنڌَ.

جوءِ: زال.

جُوءِ: جاءِ، هنڌ، ماڳ.

جُويا: ڳولائو، ڳوليندڙ.

جِهادُ: اسلام جي ڪافرن سان مذهب خاطرلڙائي.

جَهَتُ: ڪوشش.

جِيوَڻُ: جيئڻ، زنده رهڻ.

ڄ

ڄارُ: ڪَبڙ جي وڻ جو قسم.

ڄارُ: ڄاري، جنهن سان مڇي ڦاسائجي.

ڄِڀِي: اولانيي، لاٽَ، شُعلو، ڄَرَ.

ڄڄ: ڪهوٽيتا، ڄاڄِي، ڄڄ ۾ شامل ٿيندڙماڻهو.

ڄَرَ: لَهَس، تَو، ڄڀِي.

ڄِڪَرَ: ڄابلو وڻ جو قسم، جنهن جي ڦَلَ کي 'ڄاڳرِي ٻير' چئبو آهي.

ڄُلُ: هَلَ، وڄَ.

ڄَلهو: ٺوٺي، آرسي، ڍِرو، سست، ڪَرَ ڪوسَ.

ڄماندَر: عمر، حياتي.

ڄولَ: ٺورَ، ڄالِ. ڏسو 'ڄَلَ'.

ڄيرو: ٻاهہ، آگ.

جهہ

جهاٻو: ڳهڻي جو قسم، جو عورتون ٻانهن ۾ ٻَڌن.

جهاٽَ: جهَٽ، جهَٽ پَٽ، تڪڙو، جلدي، سَٽَ.

جهار: پکين جو وڪرَ (جو پوک کائي).

جهاڳَ: پاڻيءَ جو پند، پاڻي جهاڳڻ جي حالت.

جهالارَ: اکين جا ڇپَر.

جهامرَ: جهَڪاءُ (هيٺ تي)، زور سان لوڏو يا دٻاءُ، مينهن جي ٽِمر ٽِمر.

جهانگي: جهنگ جو رهاڪو، مارُو ماڻهو.

جَهبِيرُ: مهاڻن جي ذات.

جَهنڪو: لوڏو، چِنڊڪو، جهوٽو، مِينهن جو وسڪارو.

جَهپَ: جهَپو، جهَٽ، ڪَسَ.

جِهڄَڻُ: اندر ئي اندر ۾ ڳرڻ، وِجهلَڻ، گهٽو روئڻ، هَنجهُون هارڻ.

جَهروڪو: دَرِي، ڇارِي، ڪڙڪِي.

جُهڳو: ٻونگو، جهوپڙي، گهر.

جَهلڪَڻُ: چمڪڻ، چلڪڻ.

جُهلَڻُ: لَڏڻ، نَهِي اچڻ، پرجي اچڻ (جهَڙ).

جُهوپڙو: جَهڳي، ٻونگڙو، ڪکائون گهر.

جُهوپو: جلگهڳو. ڏس 'جهوپڙو'.

جهورِي: ڳارو، ڳاراٺو، ڳٽني، جهوراٺو.

جُهوڙو: ٽونرَ، جهاٻو.

جهوڪَ: مال جي ويهڪ، مال جي ويهارڻ جي جاءِ، منزل.

جُهولَ: خوشيءَ وچان ڪَنڌَ ڏوڻَ.

جهولِي: جهولَ، گودِ، هَنج، پَلءُ، پَلاندَ.

جُهونا ڳڙهُہ: هندستان ۾ هڪ شهر.

Gul Hayat Institute

جُھونجھارُ: جوڌو، پهلوان، سُورهيه، سياڻو.
جُھونگارَ: جهيڻو آواز، آهستي ڳالهاءِ، ڇُونگارَ.
جُھونگو: ڪُپو.

چ

چاٽَ: چَپاٽَ، لَپاٽَ، ضَرب، چَپَ.
چارَڻُ: هڪ ذات، ڀَٽ، چارڻ رَمتا فقير هوندا آهن ۽ دَر دَر ڳائي وڄائي، خيرات وٺندا آهن.
چاڪَرُ: نوڪر، ٻانهو، غلام، ٻيلي.
چالَ: لوڏ، نخري جي هلت، چِلتو، وَهنوارَ.
چانڊُ: چنڊ.
چانگو: اُٺ.
چاوَڻُ: چائڻ، ڪٿڻ.
چاهُ: سِڪ، دل جو لاڙ، پيار.
چِتُ: مَن، دل.
چِٽَڪَ: چُٽڪو، جهَلڪو، تجلو، چمڪ دَمڪ.
چَٽَڪو: ڏنگ، زخم، عذاب.
چِٺو: خط، ڪاغذ.
چِپُ: ڪاٻو، ڏائو. ضد 'راس'.
چَقمَقَ: اهو پٿر، جنهن سان باهه نڪري ۽ لوهه کي ڪشش ڪري.
چِڪَ: ڪُپَ، راڦو.
چُڪت: چُڪتو، پورو.
چِڪَمُ: پرت جو هڪ قسم.
چِڪَڻُ: چِڪ، ڪُپ، راڦو.
چِڪيا: ڏاکه، باهه.
چِمٽو: دست پناهه.
چِمڪارُ: تجلو، چمڪاٽ.
چِمڪِڻي: ڪِنوڻ، وِڄ.
چِمڪِي: چِمڪِي، لَڪڻ، چهبڪ.
چُنج: ٻيلو، غار، چُر.
چَندَن: صندل، سرِکَنڊ.
چَنڊالُ: چنڊو، نياڳو، ڪروڌي.
چَنگُ: ساز جو قسم.
چَنگُلُ: چنبو.
چَنَڻُ: صَندل، سِر ڪنڊ.
چوبدارُ: بادشاهي اَردلي، نَقيب.
چُوتي: لانگوٽي، لنگ، چوتو.
چوٽَڪَ: زخم، فراز، وڇوڙو، عشق جي چوٽَ.
چوپَڙُ: راند جو قسم.
چَوڏولَ: ڦِرِٽِي، ڏولِي، پالڪي، مُحافو.
چُوري: ڪَتِي (ڳِهه ۾ موهيلَ).
چَوسولُ: چَوراهو، چَودڳي، چَوواٽو.
چوڪَلا: ريشمي ۽ سوني تَندَ ڳنڍيل ڪپڙو.
چوکو: صاف، سُٺو، کَرو.
چَوگانُ: آڳر، پِڌَر، ميدان، راند جي لَٺ، راند.
چولو: پهراڻو، جسم، بدن.
چَونرا: تَنبُونما ککاوان گهرڙا، ڇِنا.
چَونڪُ: پوک جي سنگن ڦٽڻ واري حالت.
چُوٽو: لَوٽي يا لَوندڙيءَ وارا وارَ.
چُونو: سُرهو تيل.
چِيٽَڪَ: جادو، عجيب ڪارنامو، عشق، بيءَآرامي.
چِيهو: گاهه جو هڪ قسم، جنهن جي رس ۾ ڳاڙهاڻ تيندي آهي. جيڪڏهن پيرن اگهاڙو، چيهي گاهه تي گهمبو ته پير ڳاڙهيرا ٿي پوندا. مال کائيندو ته به چَپَ ڳاڙهيرا ٿي پوندا.
چِيرا: ڪپڙو، رنگين پَٽڪو خصوصاً ڳاڙهي رنگ جو.

Gul Hayat Institute

ڇ

ڇاپو: ڇاپَ، مُهرَ، نَقدي، روڪڙ.
ڇانيو: ڇينيو، جهانيو، پاندرَ، سنهي ٽاري.
ڇانگَ: ٻڪرين جو ڌڻ، ولرَ.
ڇٻو: وڏي ڇٻي، وڏي پندي.
ڇٻڙ: بَند، قابو، نانگن جو ڇٻر ۾ وَڪڙ يا گهيرو.
ڇٻيلو: سهڻو، خوبصورت، معشوق.
ڇت:
ڇتِي: ڀالو، برڇي، مڇي مارڻ جو اوزار.
ڇٽڪ: ڇٽڪ، ڇٽڪو، جلدي، فوراً.
ڇٽڪ: ڇڙي، هلي، آزاد ٿي، لڙڪي.
ڇني: ڇمڻ ڪان ڇهين ڏينهن جو ڪم.
ڇپر: پلڪَ (اکين جا).
ڇپر: جبل، ڏونگر، روهَ، ڪوهَ.
ڇرو: ڪاتَ، وڏي ڇري.
ڇڪَن: موهتَ، مست، پريشان، حيران.
ڇڪير: ڪلنگيءَ وارو، تاجدار.
ڇلا: گهنڊيدار وار.
ڇمان: اکيون.
ڇن: ڇنو، مَنهَن جي ڇت.
ڇنبَ: قطارون، لاٽون (لڙڪن يا ڳوڙهن جون).
ڇندُ: ڦندَ، نمونو.
ڇوهُ: تيزي، سختي، تکائي.
ڇيچ: خوشي، ناچ.
ڇيُءَ: نقصان، سوراخ.

ح

حاسدُ: حسد ڪندڙ، ساڙيلو.
حاشِي: قرآن شريف جي متن جي چوڌاري ڇڏيل ڪناري.
حالُ: وَجد، وَجد جي حالت، باطني حالت.
حُبابُ: پاڻيءَ جو ڦوٽو، بوڙيو، ڦوڪٽو.
حَبشي: شيدي، ڪارو، ڪارو ترِ.
حجابُ: پردو.
حُجان: حَجتون، دوستانه اميدون.
حَجَرُ: پٿر، حَجَرالاَسوَد (ڪارو پٿر، جو ڪعبة الله ۾ لڳل آهي، جنهن کي حاجي چمندا آهن).
حَديثَ: ارشاد ۽ فعل رسول صلعم جو.
حُرَ: آزاد، يزيد جي لشڪر جو مَهندار، جو پوءِ امام حسين عليه السلام جي پاسي ٿيو ۽ شهيد ٿيو.
حَرامُ: ناروا، ناجائز. ضد 'حلال'.
حَرِيرُ: هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو.
حَرِيصُ: لالچي.
حَسبِي: منهنجي لاءِ گهڻو آهي.
حَسرتَ: افسوس، پشيماني.
حَشرُ: قيامت، ماتم.
حُضُورُ: ڏٺيءَ اڳيان حاضر هجڻ، روبرو، سامهون.
حُضُوري: حضور ۾ پهتل، واصل بِالله.
حَقَّ الحَقِ: سچ جو سچ، نجَ سچ. 'حق' جو ضد 'باطل'.
حَقِير: ذليل، خوار، اَدنيٰ.
حُڪامُ: بالادست، فرمان، حڪم.
حڪايت: ڪهاڻي، ڳالهه، بات.
حِلاجُ: پيڃارو، ڪپهه پيڃڻ وارو، لقب حسين بن منصور جو، جنهن "اَنَاالحَقَ" ('مان خدا آهيان') جو نعرو هنيو، جنهن ڪري کيس 25 ذوالحج 309هه مطابق 921ع ڦاسيءَ تي چڙهئو پيو.
حُلا: پوشاڪ، لباس، جُبو، چوغو، جامو.

Gul Hayat Institute

حَمّالُ: گهڻي بار کڻڻ وارو آدمي.

حَنبَل: اَهل سُنت والجماعت جي چئن مشهور امامن مان پهريون امام.

چار امام:

1- ابو حَنيفہ النُعمان اِبن ثابت. پيروي ڪندڙ ’حنفي‘ سڏائين.

2- مالڪ ابن انس پيروي ڪندڙ ’مالڪي‘ سڏائين.

3- ابو عبدالله ابن ادريس الشافعي. پيروي ڪندڙ ’شافعي‘ سڏائين.

4- احمد بن محمد بن حنبل. پيروي ڪندڙ ’حنبلي‘ سڏائين.

خ

خابُرو: خبر ڏيندڙ، قاصد.

خارُ: ڪنڊو.

خاشِي: خاصي، متي، چڱي.

خاڪِي: آدمي. ڏسو ’بادي‘.

خاطِرُ: دل.

خامُ: ڪچو، آلڙ، نادان، جاهل.

خاوَندُ: ڌڻي، مالڪ.

خُدامِي: ٻانهپ.

خَدَنگ: تِير.

خَرابُون: ويران يا سَڃَ مان، شراب خاني مان.

خَرارُ: ويهہ مڻ تورَ اَنَ، تمام گهڻو.

خِرامان: ناز ڀَري يا نَخريلي چال چلڻ.

خِرقو: گودڙي، فقيراڻي پوشاڪ، جُبو.

خُروش: دانهن، پُڪار.

خَسُ: ڪَکَ، ڏرو.

خَجِل: شرمندو.

خَفِي: (’خفا جو اسم فاعل‘)، لِڪجهو، دِلي ذڪر. ڏسو ’لطيفا‘. ذڪر ٻن قسمن جا آهن:

1- خَفِي. ذڪر (خدا جي يادگيري) جو اهو قسم، جو دل ۾ يا آهستي ڪبو آهي. ”نَقشبَندي“ ذڪر ’خفي‘ ڪندا آهن.

2- جَلِي. لغوي معنيٰ ”روشن“، ظاهر. اهو ذڪر، جو بلند آواز سان ڪبو آهي. ”چِشتي“ ۽ ”قادري“ ذڪر ’جلي‘ ڪندا آهن.

خَلاصُ: آزاد.

خَلَقَ الأشياءَ: خَلَقَ الأشياء فَهُوَ عَينُها. ’مقولو‘ شين کي پيدا ڪيائين، ۽ پاڻ انهن جو جِندُ آهي.

خَلَقَ آدمَ: خَلَقَ آدمَ عليٰ صُورَتہ (حديث) بَني آدم کي پنهنجي صورت تي خلقيائين.

خَلِيلُ: سچو دوست، حضرت ابراهيم عليہ السلام جو لقب.

خُمُ: شراب جو مَٽُ.

خُمارُ: نَشو.

خَمَرُ: شراب.

خَنّاسُ: دلين ۾ وَسوسي وجهڻ وارو شيطان.

خواجا: مالڪ، سردار، آقا، پير، مرشد.

خواستان: خواهان، گهُرندڙ.

خورسَندگِي: خوشي، سَرهائي.

خورشيد: سج.

خوشحال: خوش، شاد، خوش نصيب.

خونابُ: رت جا ڳوڙها، لُڙڪ.

خيانَتَ: بد دیانتي، بي‌ايماني. ضد ’امانت‘.

خُوءِ: عادت.

خَوضُ: خيال، ويچار.

خِيمو: تنبو.

Gul Hayat Institute

د

دارُ: گهر، مڪان.

دارَ: ڦاهي، ڦاسي، سُوري.

دارُون: دوا، علاج، ڇَڪِي.

دامُ: ڦندو، ڄارَ، ڪوڙڪي.

دانُ: خيرات، بيکَ، بخشش.

دانهُ: داناهَ، عقلمند، سياڻو.

داٿا: ڪٿا، ڪَڻ ڪَڻ، ڦڙا (پگهر).

داوَرُ: صاحبِ انصاف، حَاڪم، خدا.

دائِرو: گهيرو، حلقو، مجلس، اوطاق، مَڪان.

دَرپَڻ: آهينو، آئينو، آرسي، دَرسني.

دَرجاتَ: درجا، عهدا، حيثيت، پَدَ.

دَردِيلو: درد وارو، جنهن جي دل ۾ محبوب لاءِ درد هجي.

دُرسُ: ٺيڪ، برابر، سچ پچ.

دَرسَنُ: ديدار.

دَرڪَ: چِير، سوراخ، چاڪ، ڏار.

دَرو: ننڍڙي ميچي.

دُرو: ديڙو، ڦَتڪو، ڪوڙو.

دَرُون: اندر، دل. ضد ’بيرون‘.

دَرويشُ: پهتل فقير، خدا رسيده، غريب، مفلس، فقير.

دُرِيگانو: بي مثل موتي، اَمُلهه، موتي. ڏسو ’يگانو‘.

دسَ: طرف، پاسو، جوءِ، ماڳ، هنڌَ.

دَستُ: هٿ.

دَشتُ: بيابان، صحرا.

دُشمَن: بدخواهَ، ويري.

دَع نفسَڪَ وَ تَعال (قول): پنهنجي نفس کي ڇڏ ۽ اچ.

دَغلُ: مَڪ، ٺڳي.

دُلارا: پيارو، لاڏلو.

دل خَستہ: دل ڦٽيل، غم رسيده.

دُلدُل: اها مادي خچر، جا اسڪندريا جي حاڪم، پيغمبر ﷺ کي تحفي طور ڏني هئي ۽ پاڻ سڳورن وري اها حضرت علي رضي الله عنه کي ڏني.

دل ريش: دل ڦٽيل، عاشق.

دلَقُ: فقيراڻي گودڙي.

دَمُ: ساهَ.

دَماما: دهل، نغارو، واڄو، سَرُود.

دُمبا: ٿلها. ڏسو ’ٿنبي‘.

دَمپختَ: ٻاڦ تي پڪل ڪاڌو، جهيٽي باهہ تي رڌل ڪاڌو.

دَمڙي: پيسي جو اٺون حصو، تمام ٿوڙڙو.

دَمَڻُون: دَمَ مان، ساهہ مان.

دَوارُ: دَر، دروازو.

دوارڪا: هندستان ۾ هندن جي زيارت جي جاءِ.

دُودُ: دُونهون.

دَوڙَڻُ: ڊُڪڻ، ڀڄڻَ.

دوساڻو: دوستاڻو، دوستن جو.

دوشُ: ڪُلهو.

دُنهين: دُونهان، وٿاڻ، جايون.

دُوئِي: ٻيائي.

ديرو: جاءِ، آستان، گهر.

ديسُ: مُلڪ، جاءِ، هنڌ.

ديهہ: / ديهِي: بدن، جسم

ڏ

ڏانوڻُ: وهنجڻ.

ڏُتارڻُ: ريهن، ريبڻ، ٺڳڻ.

ڏُرِ: ڏرِي، مَنڍ، اصل، اول.

Gul Hayat Institute

ڏُمَ: هُل، شور، غلغلو، گپاگِيه، پيه، شُهرت.

ڏَمڪِي: دڙڪو، دِڙي، دڳي، ڏَري.

ڏوبِي: ڪَتي، پَرتَ.

ڏُوٿِي: ڏٿي، فقيرن جي دُونهين، دُکايل مچ.

ڏَيان: ڏَجُون، ذَرا، ٽڪرا، پُرزا.

ڏ

ڏاتَرُ: ڏاتارَ، داتا، سخي.

ڏاجُ: ڏاجو، مَرڪ، شانَ.

ڏاڳهَ: باه، چِڪيا.

ڏاڳهو: اَٽ.

ڏاني: ڏَنَ ڀريندڙ، ڏِلَ ڀرو، زيردست.

ڏانَ: 'دان'، بخشش، خيرات، بيک.

ڏُٿُ: جهنگلي اَنَ يا ميوو. سائون، مانڌاٺون، مڪٽي وغيره گاهن مان اَنَ ڪڍي، ٿري ماڻهو ماني پچائي يا ڀَتَ رڌي کائيندا آهن. آراڙي، سيارچ وغيره گاهن مان ڀاڄي ڪندا آهن. ڀُسي (ڪِرڙ جا گل)، پيرُون (ڪبڙ يا ڄارَ جو ڦر) ۽ ڏيلها (ڪرڙ جو پڪل ڦر) به ڏٿ طور ڪم آڻيندا آهن. ڏسو 'ڏٿ'.

ڏُپُ: ڏَجهہ، عذاب، تڪليف.

ڏَجهو: جاهل، مورک.

ڏُڏُ: ڏرو، ڏَرڙ، ڀِرَ ٽنگ.

ڏُر: ڊِڄَ، خوف، ڀَوُ.

ڏُرُ: مصيبت، آفت.

ڏُرتُ: سَڌ ڪا ڀرڻ، سَڌ ڪَڻ.

ڏُسڪَڻُ: لڏيل، ڏُتڙيلَ، مصيبت ۾ آيل.

ڏُليلُ: ڏنبَ، ڏَنجهَ، عذاب، ڏک، سزا،

ڏَنءُ: حسد، ساڙ.

ڏوٿِي: ڏٿَ تي گذران ڪندڙ، جهنگ ۾ رهندڙ، مالدار. ڏسو 'ڏٿ'.

ڏکيا، سخت، ڪٺن، تڪليف ده.

ڏوٿَ: ڀِپڻ جي ٽِڪيءَ جو گورو.

ڏوڏو: پري.

ڏُرُ: ڀيٽو.

ڏوڙو: تڪليفون، پريشانيون، ڏک.

ڏولائو: ڏسو 'ڏليل'.

ڏورڻ، گذارڻ، برداشت ڪرڻ،

ڏولَڻُ: ڳولڻ، ڦولڻ.

ڏولي: پالِڪي، ڪَجاوُ، محلات.

ڏونَرا: ڪِرڙ وڻ جو ڪَچو ڦر.

ڏُونگارُ: ڏونگر، جبل، پهاڙ.

ڏوئي: ڪاٺ جو چمچو.

ڏُهاَ: چَونريَون، سَنگهَ، چاڏا، ٿانءُ جنهن ۾ ڪير ڏُهجي.

ڏُهاڳُ: مڙس جو وڇوڙو، بدقسمتي. ضد 'سهاڳ'.

ڏُهڪارُ: ڏَهڪو، خوف، ڏَڪٽي، ڊِپ.

ڏُهي: جهَڻ، ولوڙيل ڏونرو، ڏُڌ.

ڏُهَيسَرُ: بهادر.

ڏُهيلو: ڏکيو، تڪليف ۾ آيل. ضد 'سُهيلو'.

ڏِيارُ: ديس، ملڪ، اها زمين، جتان پاڻي ڇڏي ويو هجي.

ڏيلُ: بُت، بدن، جسم.

ڏَيوالو: (اڳي جيڪو واپاري، واپار ۾ گهٽجي پوندو هو، سو ڏينهن جو ڏيئو ٻاريندو هو، جنهن مان معلوم ٿيندو هو تہ ونش قرض لاهڻ لاءِ، ڪجهہ بہ ڪونهي)، ڪَٽَلَ، ڪَهِيَلَ.

ڏيهُ: ديس، ملڪ.

Gul Hayat Institute

ڊ

ڊَولُ: نمونو.

ڊونڊِي: ٻيڙيءَ جو قسم.

ڍ

ڍائڻُ: ڍَوُ ڪرڻ، پيٽ ڀرڻ.

ڍَٽَ: ٿر جو وچوارو وارياسو ڀاڱو. ڏس 'پانور'.

ڍَرَڻُ: لَهَڻَ، هيٺ اچڻ، ٻيهڻ، ٿڌو ٿيڻ، ڍَرو ٿيڻ.

ڍوليو: مالڪ، محبوب، پيارو.

ذ

ذَڪا: طبيعت جي تيزي، ذهانت.

ذُڪا: سِج.

ذَبحُ: شرع مطابق جانور کي حلال ڪرڻ.

ذَلالَتَ: خواري.

ذوالفقار: حضرت علي رضي الله عنه جي ترار (ٻن ڦَرن واري).

ذيلَ: تڪليف، مصيبت.

ر

رازُ: ڳجهه، لڪل ڳالهه.

راست: ساڄو پاسو.

راستان: درست، نيڪ.

راسخُ: مضبوط، پَڪو.

راشِي: لاشا، سادا، ڪوجها، گهٽ، بي حيثيت، ڪمزور، لاغر.

راضُ: راضپو، مهرباني.

رامُ: شري رامچندر، جو راجا دَسرَٿَ جو پٽ هوءِ اَيودَيا (اَوڌ) جو راجا هو.

رانجهو: هِيرَ جو عاشق.

راڻو: مومل جو ڀتار.

راوَڻُ: سِري لَنڪا (سِلون) جو راجا، جنهن کي شري رامچندر جيءَ ماريو هو.

راءِ: راجا، بادشاهه.

رَبابُ: هڪ قسم جو وڄائڻ جو ساز.

رَپَ: پيچي.

رَتِي: ماسي جي اَٺين پَتي، تمام ٿورڙو.

رَجعاتِي: خلق پاڻ ڏانهن رَجوع ڪرڻ وارا.

رِجُلُ: پير، قدم.

رِڄَ: رِڻ، سَڄ، واري ئي واري.

رِجهڻُ: راضي ڪرڻ، خوشي ڪرڻ.

رَحَلُ: اها ڪاٺ جي گهوڙي، جنهن تي قرآن شريف رکي پڙهجي.

رُخسارَ: ڳَلَ، مُنهَن، مُهانڊو.

رَخَشندَه: تجلي وارو.

رَسُولُ: صاحبِ ڪتاب، پيغمبر.

رُسُومَ: ريت، عادت، رواج.

رُسُوائي: خواري.

رَسِيلَ: رَسيلي، رَس واري، مزيدار، وڻندڙ.

رِشتو: لاڳاپو، عزازت.

رِشِي: مُني، تَپسيا ڪندڙ، بزرگ، خدا وارو.

رُعبُ: دشهت، ڏر، ڀَوُ.

رَعدَ: گاج، گجگوڙ.

رُقعو: خط.

رَقَمُ: لکيل خط.

رَقيبُ: دشمن.

رِڪيبُ: گهوڙي جي زينَ ۾ پيرَ رکي، چڙهڻ يا لهڻ لاءِ لوهه جو گول ٽڪر.

رَلو: پيوند، لاڳاپو، ڳانڍاپو.

Gul Hayat Institute

رمز: اشارو، راز، مام، ڳجھه.
رمڻ: وڃڻ، هلڻ، چرڻ.
رنجور: بيمار، مغموم، رنجيده، ڦٽيل عاشق.
رنٻير: جنگي جوڌو، وڏو پهلوان.
رند: رستو، واٽ.
رند: آزاد، صوفي، سائين لوڪ، مجذوب.
روان: لَس پڙهڻ، جاري شروع.
روپا: چاندي، روپيا.
روپڙيون: ڏسو 'روپا'.
روجھه: هڪ جهنگلي جانور، جو ڳئون جهڙو ٿيندو آهي.
رود: ساز جو قسم.
روحي: ڏسو 'لطيفا'.
روهه: جبل، پهاڙ، ڏونگر، ڇپر.
روي: سج.
رويت: شڪل، صورت.
رويو: ويو، هليو.
رويون: مهانڊيون، مهانڊي واريون.
رهاڪ: رهاڪو، رهندڙ.
رهاڻ: مجلس، ونڊر، ڪچهري.
ريان: ذريون ذريون، پرزا پرزا.
ريجهڻ: راضي ٿيڻ، خوش ٿيڻ.
ريڇ: ٻور، امنگ، آدما، ريڇڪ.
ريگ: واري.
ريگستان: واريا سو ميدان، مترادف "ريگ بوم".
رين: رات.
ريهه: دانهن، ڪوڪ، آواز (گجگوڙ جو).
ريهون: زمينون.

ز

زابر: زبردست.
زاغ: ڪانءُ.
زالاٽو: عورتاٽو، ضاعفن جهڙو.
زاهد: پرهيزگار، خدا پرست، هَريَگتُ.
زبون: ناس، چٽ.
زخار: ڇوليون ماريندڙ، موجزن.
زرباف: زريءَ جو ڪپڙو.
زرو: شڪاري پکيءَ جو قسم. 'جرو' نر پکي آهي. سندس مادي 'باز' آهي. جرو پنهنجي ماديءَ جي مقابلي ۾، شڪار، قد و قامت توڙي طاقت ۾ گهٽ آهي. ڏسو 'جرو'.
زقوم: ٿوهر. هي وڻ ڪڙو ۽ زهريلو ٿيندو آهي. هن نالي سان دوزخ ۾ به وڻ آهي، جنهن جو ميوو دوزخين جو کاڄ هوندو.
زڪريا: هڪ پيغمبر جو نالو، جو ڪافرن جي خوف کان وڻ جي پور ۾ لڪي ويو، ليڪن ڪافرن کيس ڏسي ورتو ۽ وڻ ۾ ڪرت وجهي، کيس شهيد ڪري وڌو.
زلف: وار، چڳ.
زنار: جڻيو. ڏسو 'جڻيو'.
زنديق: 'زند' زردشت جي ڪتاب جو نالو. 'ي' نسبتي. 'ڪ' تصغيري نشاني، باهه جو پوڄاري، آتش پرست.
زنگ: لوهه جي ڪٽ، موريان، دل جي ڪدورت، پيائي، تهسبو، وير، بغض.
زودون: جلدي، تکڙو.
زهد: پرهيزگاري، خدا پرستي، تپشيا. ڏسو 'زاهد'.
زيل: دانهن، رڙ، جوش، جذابو، ڏڪ.

س

ساٿُ: ٽولو، ساٿاري، سنگت، مدد.

ساٿِي: مددگار.

ساجِدُ: سجدي ڪرڻ وارو، سجدو ڪندڙ.

ساحِرُ: جادوگر، منترباز. مترادف 'ڪاهِن'.

سارَ: جاءِ، مڪان.

سارِقُ: چورَ.

سارَنگُ: هڪ راڳڻيءَ جو نالو، آسماني ماندڻ، جهڙ.

سارَنگِي: وڄائڻ جو هڪ ساز. ڏسو 'سارنگ'.

ساسُ: ساهُ، دَمُ.

سامَتَ: اَڍائي گهڙيون، ٿوري دير.

ساقِي: شراب پيارڻ وارو، مرشد.

ساکَ: پَتِ، اعتبار، عزت، مانُ.

ساڳُ: سائِي ڀاڄيءَ جو قسم.

سالان: شالان، شالون، دوشالو، نفيس ڪپڙي جو قسم.

سالِڪُ: خدا جي راه تي هلڻ وارو فقير، ساڌو.

سالِمُ: پورو، ثابت.

سالُورَ: ويسَ وڳا، هار سينگار. ڏسو 'سالان'.

سامَ: پناه، آجهو.

سامِي: سوامي، گرو، الله لوڪ.

سانباهو: سَبت، تياري.

سانبَڻُ: سانڍڻ، هٿيڪو رکڻ.

سانگُ: سانگو، سبب، اتفاق.

سانگِي: سانگ وارو، سانگي يا اتفاق سان ايندڙ پرديسي، مسافر.

سانوَلُ: سانورو، محبوب.

سانوڻُ: هندن جي هڪ مهيني جو نالو، برسات وارو مهينو.

ساٿِي: ساٿي، مددگار.

ساٺيهُ: ساڙيهه، وطن، رهڻ جو ملڪ.

ساهڙُ: سهڻيءَ جو ڀتار، پيارو، محبوب.

سائرُ: سمنڊ.

سائِلُ: سوالي، سوال ڪندڙ، عرضدار.

سائونُ: ڏٽَ جو قسم. هن گاهه جي سَڪل سَنگَ مان سنهڙا داڻا ڪڍي، غريب ماڻهو پَتَ ڪري کائيندا آهن.

سُبحانُ: خداوند پاڪ.

سُبحانِي: 'سُبحانِي مَا اَعظَمَ شاني'. ڏسو 'بسطامي'.

سَبِيلَ: گهڻو، جام.

سَبَلُ: سَبَرُ، سگهارو، مضبوط.

سُڀاءُ: مزاج، عادت.

سِياءُ: سَيان، سياڻي.

سِيرُ: سگهارو، زور وارو.

سَتگُرُ: ڪامل مرشد، پُورن گرو.

سَتارِي: پرده پوشي، عيب ڍڪڻ.

سِتَمُ: ظلم، ڏاڍُ.

سَتُونِي: جهَٽَ.

سَپَ: نانگ.

سُپارڻُ: سونپڻ.

سِپَرُ: ڍالَ.

سپورنَ: مڪمل، پوريءَ طرح.

سَڦرو: سَڦلو، سَجايو، ڪارائتو.

سبجڪاڻُ: ساوڪ، سرسبزي.

سجودُ: سجدو ڪرڻ.

سجاڻُ: خبردار، سياڻو.

سَجَرُ: تازو.

سَحَرُ: سج ايرڻ کان پهريون وقت.

سَدَ: آڙَ، روڪَ، اَٽڪ.

سُڌِيَرُ: هوش ۾، سامت ۾، هوشيار، خبردار.

سِرُ: تلاءُ.

سُرتِ: هوش، خبرداري.

Gul Hayat Institute

سَرڙا: سَرَ، ٻوڙا.

سَرسيريان: سَرسَ، وڌيڪ زياده.

سِري سره الانسان (قول): منهنجو ۽ ان جو راز انسان آهي.

سَرفرازي: سَربلندي، وڏائي.

سُرڪَ: سُرڪي، چُڪِي، ڍُڪَ.

سَرمَدُ: هڪ ڪامل فقير، جو پهريائين ايران کان لٽي (سنڌ) آيو. جتي آبيچند سوناري تي راض ٿيس. بعد ۾ دهليءَ ويو. اورنگزيب شرعي حڪم موجب قتل ڪرايو.

سُرمنڊلُ: ساز جو هڪ قسم.

سَرندو: ساز جو هڪ قسم.

سَرواڻُ: اوٺي، اڳواڻ، مهندار.

سَرواهيو: ترار وهائيندڙ، ترار هلائيندڙ، پهلوان، بهادر.

سَرُوپُ: شڪل، صورت، آتما.

سَرُوپ: سهڻو.

سَروپا: مٿي کان وٺي پيرن تائين، سڄو، پورو.

سَرِيجڻُ: محبوب.

سَرِير: بدن، جسم.

سَقرا: سَقلا، تمام چڱا، ڀلا، سٺا، ڪارائتا.

سَسو: گهٽو، گهيٽو.

سُڪَرُ: سُڪارَ، سَهانگائي، آرزاني. ضد 'ڏڪر'.

سَڪيلو: ترار.

سُڪديسُ: آرام وارو هنڌ، سرسبز ملڪ.

سَگُ: ڪتو.

سَگرُ: اوکي واٽ، رستو، راهه.

سَگهارو: طاقتور.

سُگهڙُ: لوڪ شاعر، داناءُ.

سَنگُ: ٻانهن، مائٽي.

سَگرَ: ڪَنديءَ وڻ جون سگريون.

سَلَ: ٽنگ، سوراخ.

سَلڻُ: ڏسڻ، ٻاسڻ، سچي ڪرڻ. ضد 'آلڻ'.

سَلهاڙڻُ: گڏي چڙهڻ، ٻڌي چڙهڻ.

سَمُ: سمان، برابر، سماپت، ختم.

سميع بصير: ٻڌندڙ ڏسندڙ.

سَمون: وقت.

سُمير: ميرو پربت، هڪ جبل جو نالو.

سَناتن: سناتن ڌرم وارن، مذهبي ماڻهو.

سَناسي: تياڳي، تارڪ، چوٿين آشرم ۾ رهڻ وارو. چار آشرم:

1- برهمچريَ = برهمچاري. اهو برهمڻ يا شاگرد، جو حياتيءَ جي پهرئين حصي ۾ (25 سالن تائين) ڪنوارو رهي، ويدن جي تعليم وٺي.

2- گرهستت. گرهستي = گهرٻار وارو. اهو برهمڻ، جو علم پورو ڪري، حياتيءَ جي ٻئي دور ۾ اچي، شادي ڪري ۽ گهر جو وڏو ٿئي.

3- وان پرست. برهمڻ جي حياتيءَ جو ٽيون حصو، جڏهن هو گهر ٻار تياڳ ڪري، جهنگلن ۾ وڃي رهي.

4- سنياس. سنساري چيزن جو تياڳ. برهمڻ جي حياتيءَ جو چوٿون حصو، جنهن ۾ دنيا کي ترڪ ڪري.

سَنبت: سنيت، سانباهو، تياري.

سُنبلَ: هڪ خوشبودار گاهه جو قسم. 'وارن' سان تشبيه ڏبي آهي.

سَنيَتِ: ڏسو 'سنبت'.

Gul Hayat Institute

سَنجهو: سانجهي، شام.

سَنسڪارُ: ڪرم يا ڪريا، جنهن سان سَرير ۽ آتما شدّ ٿي، آرٿ، ڪام، موڪش حاصل ڪجي، صاف يا پاڪ ڪرڻ جي ريت.

سَنسو: ڀرم، وَسوَسو.

سَنڪُ: نادَ، ڪوڏَ.

سَنگُ: پٿر.

سَنگرامُ: جنگ، جدّ، لڙائي.

سَنگهارُ: ڏَنار، ڌڻ وارو، مالدار، مالوارو، مارُو.

سنگهڻُ: واسَ وٺڻ، ڏنگڻ.

سَنيهُ: عشق، نِينهَن، پريم.

سَنيهو: پيغام، پارانيو.

سَوايو: هڪ ۽ چوٿون حصو، وڌيڪ گهڻو.

سُوڏا: سِڏا، ڇڙڪ قد.

سوراهُ: خيرپور ۾ هڪ ڳوٺ.

سُوريهَ: سج.

سوزُ: ساڙو، جَلَ، پَچُ.

سُوفارَ: تير جي نوڪ، ڪمانَ جو گوشو.

سُولي: سُوري، ڦاسي.

سُوهو: ڳاڙهو.

سُهاڳُ: مڙس جو پيار. ضد 'ڏهاڳ'.

سَهانگو: سستو، ارزان. ضد 'مهانگو'.

سُهاءِ: وٽي، جڳهه، پسند پوي.

سَهسين: هزارين.

سَهَلَ: سَوَلا، سَهنجا، سَهَنج وارا.

سَهَمناڪَ: خطرناڪ.

سُهمُون: ڇڙٻون، دڙڪا، طعنا، مهڻا.

سَهوَ: ڀُلَ، خطا.

سِياپو: لڳ لاڳاپو، تعلق.

سِياندو: ڍَپَ.

سيبُ: صوف.

سيرالله، سربالله، سرفي الله (قول صوفيہ جو): الله جو سير، الله سان سير، الله جي راهہ ۾ سير.

سِتَلُ: مومل کي چاهيندڙ جو نالو.

سِيتي: ساڻ.

سيپارو: قرآن شريف جون ٽيهون حصو.

سَيجَ: پَلنگ تي وڇايل ريشمي وڇاڻو.

سَيفَ: ترار.

سَيلانِي: سير ڪندڙ، گهمندڙ.

سِيمابُ: پارو.

سَيلاٿو: تير، ڀالو، برڇي، ڪاتَ.

سِيميا: ڪايا پلٽ، اهو علم جنهن سان روح کي هڪ قالب مان ٻئي ۾ پلٽي سگهجي.

سَيِنَ: صدا، سوال.

سينڌي: واقف، ڏيٺهي، واقفڪار.

سيٽاهہ: / سيٽايو: سِيٽهہ وارو، سيٽهِہ تي ترندڙ.

ش

شاپو: پٽڪو، ماتم، اوسارو.

شاغلُ: ڪنهن ڪم ۾ مصروف.

شاڪو: پٽڪو، ماتم، اوسارو.

شانو: ڪلهو.

شانِي: شانَ وٺان.

شاه عنايت: ڪلهوڙن جي عهد جو مشهور صوفي شخص، جنهن کي ڪيترائي مريد هئا. جهوڪ شريف جو ويٺل هو. سندس وڌندڙ فقيرانہ طاقت کي ڏسي ڪلهوڙن جي حڪمران ميان يار محمد ڪلهوڙي ڪيس مارائي ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

شبلي: هڪ ڪامل وليءَ جو نالو.

شبهو: شڪ.

شَدادُ: هڪ مشهور ڪافر بادشاهه جو نالو جنهن 'بهشت اِرم' ٺهرايو هو ۽ پاڻ کي خدا سڏايو هو.

شرحِ مُلاَ: مُلانور الدين عبدالرحمان جاميءَ جو لکيل ڪتاب.

شَرعي: شريعت وارو، خدا تعاليٰ جي راهه راست تي هلڻ وارو.

شرڪَت: شريڪ ٿيل، مترادف 'اَنبازِي'.

شعُور: ڄاڻ، سمجهه، سياڻپ.

شَفقَت: مهرباني.

شَمس: شمس تَبريزي. 'تَبريز' جو وينل هو، تنهنڪري کيس تبريزي چوندا آهن. ملتان ۾ آيو ۽ پاڻ کي خدا سڏائڻ لڳو. ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون ڪيون جن تي وقت جي عالمن اعتراض ڪيو. 'قُم بِاِذنِي' (اٿ منهنجي حڪم سان) مُردن کي چيائين. نيٺ کيس موت جي سزا ملي.

شَملو: پڳ، دَستار، پٽڪو.

شَمشير: ترار (جا شينهن جي پُڇ جهڙي آهي).

شوريده: پريشان حال، ديوانو، عاشق.

شُوڪارو: سِيڪارو، سڏڪو، ٺڏو ساهه.

شيخِي: وڏائي.

شيرِين: بادشاهه خسرو پرويز جي زال، جنهن تي فرهاد (ڪوهه ڪن) عاشق هو. هُوءَ آرمينيا جي رهاڪو هئي.

ص

صَبُور: صبر ڪرڻ وارو.

صَحرا: ميدان، پَٽ.

صَحن: گهرَ جو آڳرَ، اڱڻ.

صَدا: آواز، سوال، عرض.

صَدَف: سِپ.

صُراحِي: شراب جي گهگهي، پاڻي رکڻ جو ٿانءُ.

صَريح: خالص، سمورو، ظاهر.

صفات: صفتون، تعريفون، گڻ.

صَلوات: نماز.

صُم: صُم بُکم عُمي فَهُم لايَرجِعُونَ. (قرآن) ٻوڙا آهن، گونگا آهن، سو اُهي هاڻي رجوع نہ ڪندا.

صَمصام: تيز ترار.

صَنعانُ: هڪ مشهور بزرگ جو نالو. شيخ فريد الدين عطار جو مرشد هو. يهوديءَ جي ڌيءُ تي عاشق ٿيو، جنهنڪري هن جا سوئر چارڻ لڳو. پوءِ ڇوڪريءَ جي پيءُ هن کي ڌيءُ ڏيڻي ڪئي. شاديءَ جي ڏينهن، جڏهن سوئر جو ڪباب کائڻ تي هو تہ شيخ فريد الدين عطار سامهون نظر آيس. هڪدم عقل ٺيڪ تي ويس ۽ توبهہ تائب ٿيو.

صَنعَت: ڪاريگري.

صَنَم: بُت، معشوق.

صَواب: درست، سِڌو، سنئين واٽ. ضد 'خطا'.

صَيادُ: شڪاري.

Gul Hayat Institute

ض

ضَلالَتَ: گمراهي. ڏسو 'گمراهي'.

ط

طاعَتَ: بندگي، عبادت.

طالِبُ: طلب ڪندڙ، جُويندہ، مريد، عاشق. صوفين جي نظر ۾ طالب ٽن قسمن جا آهن.

1- طالبُ الدنيا مؤنث.
دنيا جو طالب 'مادي' آهي.

2- طالبُ العُقبيٰ مُخَنَث.
آخرت جو طالب 'کدڙو' آهي.

3- طالبُ المولىٰ مذَڪَر.
مولا (خدا) جو طلب 'نر' آهي.

طالعُ: نصيب.

طَباخِي: بورچي، نانوائي، پيٽي، پيٽر، گهڻ کائو.

طَبل: دهل، رعب.

طَرا: ڪلنگيدار پٽڪا.

طَريقَت: تصوف جي ٻي منزل.

طَرِيلُ: خوبصورت، حسين.

طُرِيلُ: ڪلنگيءَ وارو، بادشاهہ. ڏسو 'طره'.

طُريلا: مڙس، مرد. ڏسو 'طره'.

طُغيان: گهٽائي، جهجهائي.

طُفوليَتَ: طفلي، ٻاراڻي، ڇوڪراڻي.

طلسمات: جادو.

طُمطَراق: ڪر و فر، شان و شوڪت، تجمل.

طَناب: رسي، نوڙي.

طَواف: حج ۾ خانہ ڪعبہ جي چوڌاري ڦرڻ، پرڪرما.

طُورسِينا: ڪوهہ طور. ان جبل جو نالو، جنهن تي حضرت موسيٰ عليه السلام، خدا جو جلوو ڏٺو هو ۽ تجليءَ سان اهو پهاڙ سڙي ويو هو.

طُولُ: ڊيگهہ، رَضائي، گاديلي.

طُولانُ: شان، شوڪت، دٻدٻو.

طُومارُ: دفتر، ڪتاب.

ظ

ظَنُ: گمان.

ع

عارُ: لڄ، شرم، حيا.

عارفُ: خداشناس، معرفت وارو.

عاصَا: لٺ. حضرت موسيٰ عليه السلام جي 'لٺ' مشهور آهي، جا سَتر گز ڊگهي هئي.

عالَمُ: جهانُ، مخلوقات.

عبارَتَ: بيانُ.

عبّاسِي: گلِ عباسَ، جنهن جو رنگ ڳاڙهسرو ٿيندو آهي.

عتابُ: ڏوراپو، ملامت.

عَدَمُ: نيستي، نابُودي. ضد 'موجود'.

عَذرا: وامق جي معشوقا جو نالو. ڏسو 'وامق'.

عَرضُ: نائون آسمان، تخت.

عرفت ربي بربي (حضرت علي جو قول)
رب کي، رب جي وسيلي سڃاتم.

عَريضو: خط

عُزاَ: بُتَ جو نالو، جنهن جي عرب پوڄا ڪندا هئا. مگر هيءَ ڪا مُورتي نہ هئي، پر هڪ 'وڻ' هو، جنهن جي پرسان پوڄارين هڪ مڪان اڏيو هو. رسول الله ﷺ، خالد بن وليد کي موڪلي، ان مڪان کي ڊهرايو ۽ وڻ کي باهہ ڏياري ڇڏي.

Gul Hayat Institute

عشوهَ: ناز، نخرو.

عَشق نعرا احترق (قول):

عشق باھہ آهي جيڪا ساڙي ٿي.

عَطارُ: فريد الدين عطار 513هہ مطابق 1119ع ۾ نيشاپور ۾ ڄائو. سندس والد حضرت محمد ابراهيم مشهور تاجر هو. عطار ننڍپڻ کان يتيم ٿي ويو. سندس اصل نالو 'محمد' هو، مگر فريدالدين جي لقب ۽ عطر فروشيءَ جي ڪري، 'شيخ عطار' مشهور ٿيو. تقريباً چاليهن ڪتابن جو مصنف آهي، جي طريقت، ادب، اخلاق، حڪمت ۽ تصوف جي موضوعن تي مشتمل آهن. ڏسو 'صنعان'.

عَطائِي: بخشش، گهرندڙ سوالي، فقير، منگتو.

عُقبيٰ: آخرت، قيامت، پرلوڪ.

عَليلُ: بيمار، مريض، ڪمزور، ڏٻرو.

عَنبيرُ: آسماني رنگ جو ڪپڙو.

عَهَدُ: انجام، وعدو، ٻول، اقرار.

عَينان: اکيون، نيڻ.

عينها باکية وَقُلوُ بها ذاکرة (قول)

ان جي رک رئندڙ ۽ دل فڪر ڪندڙ آهي.

عينها تنام وَلاتنامَ قلوبها (قول)

ان جي اک ننڊ ڪندي آهي ۽ دل روئندي اٿس.

عِيسيٰ: حضرت عيسيٰ عليه السلام.

غ

غابُ: ٿالھَ، طِشت.

غازِي: قاتل، ڪفار، خدا جي راه ۾ لڙڻ وارو.

غُبارُ: لڙاٽَ، ڌنڌَ، اُوندھہ.

غَرقِي: غَرق، ٻڏل.

غُفاَ: ڇَرِ، جبل اندر جاءِ.

غلافُ: پوش، ڍڪ.

غَذمزو: اکين جو اشارو.

غوطو: گهوتو، ٽٻي.

غولُ: ديوَ، جِن.

ف

فَاذکروني:فَذ ڪَرُونِي اَذ ڪُرکُم. (قرآن)

ياد ڪريو مون کي تہ ياد

فاتزِبُون: ڪريان اوهان کي.

فاني: ٿالون، ٿارون.

فائَق: فنا ٿيندڙ، واصل باالله. فوقيت رکڻ وارو، مٿاهون، الله تعاليٰ.

فَاَينَمَاتُولوا (القرآن)

پوءِ ڪاڏي بہ منهن ڪريو.

فُتورُ: خرابي.

فَراخِي: ڪشادگي.

فَرارُ: وڏو ياڇوڪڙ.

فراسَت: دانائي،تيزفهمي.

فَراشُونَ: فراسيون، گلم، غاليچا.

فراقُ: وڇوڙو، جدائي. ضد 'وصال'.

فَردا: سڀاڻي.

فَرزانگِي: عقلمندي، دانائي، ڏاهپ.

فَرسَنگُ: ٽن ميلن جو فاصلو.

فِرعونُ: حضرت موسيٰ جي زماني ۾ مصر جي بادشاهہ جو لقب. ڪل ايڪٽيهہ فرعون ٿي گذريا آهن. حضرت موسيٰ جي وقت ۾ ايڪيهون فرعون هو.

Gul Hayat Institute

فرنگي: يورپ ملڪ جو ماڻهو.
فروعي: مصنوعي، هٿراڌو، ڪوڙو.
فقر: مفلسي، محتاجي.
فرهاد: شيرين جي عاشق جو نالو. هن جو پيشو سنگتراشي هو.
فعال لمايريد (القرآن)
جيئن گهري، تيئن ڪندڙ آهي.
فَلَڪَ: آسمان، پرواهه.
فلڪ: فراق، جدائي، وڇوڙو.
فنا: ناس.
فوقُ: مٿي، مٿاهون. ضد 'تحت'.
فهمُ: دانائي، عقل، سمجهه.
فيلَ: هاٿي.
في الحالُ: فوراً، ترت، هن وقت.

ق

قاتَ: قاتا، وَسيا (ڪڪر).
قارَ: فال، سگڻ، شگون، سوڻ.
قتَ: قتل ڪر، ڪر جي ڪرڻ.
قتڪ: اٽڪ، روڪ، رڪاوٽ.
قرڪنُ: لرزڻ، ٿرڪڻ، هوا ۾ هيڏي هوڏي ٿيڻ.
قڪلُ: اٽڪل، حرفت، رمز، فڪر.
قليلَ: گلن جو تيل.
قندُ: دوڪو، ٽڪي.
قورڙانو: فراق، وڇوڙو، جدائي.
قوڳُ: ٻوٽي جو قسم، جنهن ۾ اچا سرها گل ٿيندا آهن.

ق

قاري: قرآن شريف جي حرفن کي مخارج ۽ صفات سان پڙهڻ وارو.
قاضي: انصاف ڪرڻ وارو، حڪم ڪرڻ وارو.
قافُ: جبل جو نالو.
قالَ: ظاهري حالت.
قبلو: ڪعبو، اهو طرف، جنهن ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهندا آهن.
قبورُ: قبرون، مزارون، تربتون.
قتالُ: خوني.
قتيلُ: ڪٺل، قتل ٿيل.
قدسي: پاڪ.
قدوري: مذهبي ڪتاب جو نالو (فقه جو ڪتاب).
قربُ: نزديڪي، ويجهڙائي. ضد 'بُعد'.
قزاق: ڦورو، لٽيرو، رهزن.
قطُ: وڍ، چير، ڦوٽ، فراق، وڇوڙو.
قطرو: پاڻي جي ٻوند، ڦڙو.
قلبُ: دل.
قلزمُ: سمنڊ.
قلُ ڪلُ من عندالله (القرآن)
چؤ ته سڀ ڪجهه الله طرفان آهي.
قلندرُ: روحانيت وارو فقير، آزاد رند.
قلوبُ: ڏسو 'قلب'.
قنات: اهو ڪپڙي جو پردو، جو تنبوءَ جي چئني طرفن کان هجي.
قنديلُ: فانوس، ڏيائي.
قورما: ٻڪل گوشت.
قوس قزح: اندلٺ.
قولُ: وعدو، اقرار، انجام.
قيدالماءِ: قسمت، تقدير.
قيدُالماءِ اشَدُ مِنَ قيد الحَديد.
(عربي چوڻي)
پاڻيءَ جو قيد لوهه جي قيد کان به زياده سخت آهي.
قيلَ قالَ: ڳالهه ٻولهه، گفتگو.

Gul Hayat Institute

ڪ

ڪاپڙي: فقيرن جو قسم، زاهد، جوڳي، تپشي.
ڪاڄُ: ڪم.
ڪارنَ: ڪرائين.
ڪارنهن: ڪاراڻ، چٽو، داغ.
ڪارُون: پُڪارون، دانهون، نيزاريون.
ڪارُونيارَ: ڪارنهن، اونداهي، ڳوڙهو.
ڪاريا: ڪيا، پورا ڪيا.
ڪاريھرُ: نانگ جو قسم.
ڪاسِي:
ڪاشِي: بنارس شهر. هي شهر هندن جو پاڪ آستان آهي، جتي زيارت لاءِ ويندا آهن.
ڪاڪ: ٺٽين ۾ شهر جو نالو (جيسلمير ۾).
ڪافرَ: بيدِينَ، جو الله کي نہ مڃي.
ڪافيہَ: علم النحو جو هڪ ڪتاب.
ڪالَ: ڪالهہ، ڪلهہ.
ڪالورا: لوڙهہ. ڪوٽيءَ جي پاڙ ۾ ٿيندا
ڪالوڙا: آهن. غريب ماڻهو پاٽيءَ ۾ رڌي ڪائيندا آهن.
ڪامل: پُورو. ضد 'ناقص'.
ڪامڻِ: ڪامڻي، عورت.
ڪانَ: ڪاني، تيرَ.
ڪانڌُ: ڪانتَ، مڙس، پَتي، ورَ.
ڪانسي: ڏسو 'ڪاسي'.
ڪانگڙو: ڪانگڙ، ڪانو، سارين (آن) جو قسم.
ڪانگو: ڪانگ، ڪانءُ، قاصد.
ڪانگهاري: پاڇاٽي مينهن يا ڳئون (کير ڏيڻ ۾).
ڪاني: ڏسو 'ڪانَ'.
ڪاهَلُ: سست، آرسي، ڍرو، نڪمٽو.
ڪائوَ: شيشو
ڪَبِيرُ: بزرگ، وڏو، ڪبيرو، وڏو گناهہ.

ڪتابَتَ: لکت، خط.
ڪُتڪو: ٿلهو ڏنڊو.
ڪَٽُ: ميڙ، ولَر.
ڪٽوري: پيالي.
ڪٽيان: مينهن جو قسم، جنهن جو
ڪپارُ: رنگ پورڙو ٿيندو آهي.
ڪپورُ: ڪاپارَ، ڪوپري، ڪوپري.
ڪافور.
ڪثرتَ: گهڻائي، تمام موجودات سواءِ
ڪَڄ: خدا جي.
ڏنگو، ورملَ.
ڪَڄ ڪُلاهيان: بي پرواهہ بادشاهہ.
ڪَجَلُ: ڏيئي جو قلو، جو سرميءَ جو ڪم ڏئي.
ڪَجليان: ڪجل واريون (اکيون). ڏسو 'ڪجل'.
ڪُڌڻُ: ڪيڏڻ، خوشي ڪرڻ.
ڪرا: گهوڙا.
ڪَرارُ: زور وارو، بار بار حملي ڪرڻ وارو. لقب حضرت علي رضي الله عنه.
ڪَراماتِي: ڪَرامت ڏيکارڻ وارا، بزرگي ڏيکارڻ وارا، ڪرشمون ڏيکارڻ وارا.
ڪَردارُ: ڦڏدار، خطرناڪ نانگ.
ڪِرڙُ: وڻ جو قسم، جنهن جي ڦرَ کي 'ڏيلها' چوندا آهن.
ڪِرڙا: سخت، پوائتا، خوفناڪ.
ڪرشن: شيام، شري ڪرشڻ جي.
ڪَرگلَ: گوڙ، هَل.
ڪُرنشَ: ڪَرمش، تعظيم، آداب، نياز، سلام، عاجزي.
ڪُڙمُ: ڪٽنب، ڪَل، خاندان.
ڪَڙو: ڪَوڙو، تَلخ.
ڪُڙهہ: طنبيلو، گهوڙن جي بيهڻ جي جاءِ، وٿاڻ.

Gul Hayat Institute

کَڙَهڻُ: ٿهڪڻ، لَچڪڻ، اُٻرڻ، جوش کائڻ.

ڪُڙهي: مڇي مارڻ جو اوزار.

ڪُڙِي: چوڪري.

ڪَسبِي: هنر وارو، ڏنڌي وارو.

ڪسرِيٰ: نوشيروان بادشاه جو لقب.

ڪُسوٽِي: سونَ پرکڻ جو پٿر، آزمايش.

ڪَسِي: واهي، نالي.

ڪَش: ڇڪيل، ساهيَلَ.

ڪشتو: فقيرانو ٿانءُ، جنهن ۾ پِنَ وجهن.

ڪَشتِي: ٻيڙي.

ڪَشفَ: ظاهر ٿيڻ، کولڻ، پردو پري ڪرڻ، اندر جو سوجهرو، صوفين جي هڪ منزل.

صوفين جي قول موجب 'ڪَشف' ٽن قسمن جا آهن.

1- ڪشف قلوب. دل جي خبر پوڻ.

2- ڪشف قبور. قبر جي خبر پوڻ يا جيڪي ڪجهه زمين اندر آهي.

3- ڪشف علوم. عالمِ الاهي يعني غيب جي خبر پوڻ.

ڪَشڪول: ڪَرمنڊل، پنڻ جو پيالو.

ڪشوَرُ: مُلڪ، ولايت، اَقليم.

ڪَعبو: بيت الله.

ڪَفنِي: لاش کي پهرائڻ جو ڪپڙو، فُقراء جي پائڻ جو ڪپڙو، فقيرانو چولو.

ڪَڪوريلُ: سرخ رنگ وارو، خُماري.

ڪَڪُ: نانگ، سَپَ.

ڪَلَ: طلسم جادو، حڪمتي جوڙ، هُنر.

ڪَلَ: خبر، سَڌ.

ڪُلَ: سڀ. ضد 'جزو'.

ڪلُ يَومٍ هُوَ في شَان (القرآن)

هر ڏينهن اهو شان ۾ آهي.

ڪَلا: جوتِ، ڏِيا، روشني، هنر، سُونهن.

ڪَلابات: چمڪيدار ڌاڳا.

ڪَلالِي: شراب وارو.

ڪُلالِي: بيوفائي، ٺڳي، ڪنجوسائي.

ڪَلتار: خدا، ڀڳوان، ايشور.

ڪَلدارُ: هنر وارو، سياڻو، ڏاهو، هوشيار، ڪاريگر.

ڪَلس: مڇيءَ جو قسم.

ڪُلَ شَيءِ: 1. ڪُل شيءِ ناطِق باالحق.

(قول الفقراء)

جيڪا چيز ڳالهائي، سا اهو الله آهي.

2. ڪُل شيءِ يَرجعَ اِلي اَصلعه.

(عربي چوڻي)

سڀ ڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽي ٿي.

3. ڪُل شَيءِ هُوالله. (قول الفقراء).

سڀڪا شيءِ پاڻ الله آهي.

ڪُلفَت: ڪَدورت، اٽڪَت، دشمني.

ڪَلَنگِي: طرو، شاهي نشاني، تاج.

ڪَلوَنت: گويو، مُطرب، ڳائڻو.

ڪُمَ: ڪُوٽيءَ جو ميوو، ڪوٽيءَ جي پاڙ ۾ 'لوڙهه' ۽ نڙيءَ جي چوٽيءَ ۾ 'ڪم' ٿيندو آهي.

ڪَما شُون: گهٽتيايون.

ڪمامُ: ڪم، ڪاروبار.

ڪَمانَ: سڱ، وَريل، ڏنگا.

ڪُمَڪَ: مدد.

ڪَملا: چَريو.

ڪُن فَيڪُون: ڪُن فَيَڪُون. (قرآن)

ٿيءُ، پوءِ (ائين) ٿي پيو.

ڪَنَ ڦاڙَ: جوڳين جو قسم.

ڪَن ڪَٽَ: جوڳين جو قسم.

ڪُندَنُ: سونَ.

ڪُندَلُ: جوڳين جي ڪَنَ جو والو، خمدار.

ڪُندِيَ: ڪُنڍا، وريل، خمدار. ڏسو 'ڪُنڊل'.

Gul Hayat Institute

ڪَنڊي: هارَ.
ڪَنزُ: ديني فقه جو ڪتاب.
ڪَنسُ: متُرا جي هڪ راجا جو نالو، جو شري ڪرشن جو مامو ۽ جاني دشمن هو. نيٺ شري ڪرشڻ جي سندس انت آندو.
ڪَنعانُ: حضرت يوسف جي وطن جو نالو.
ڪُنگرا: عمارتن ۽ قلعي جي پٽين جي مٿان ڪَنائيءَ وارا طاق.
ڪَنگالُ: سڃو، مفلس، غريب.
ڪنولُ: پٻڻ جو گل، ڪنول جو گل، نيلوفر.
ڪَنيزَڪَ: ٻانهڙي، گولڙي.
ڪٺڪان: ودائون، رنون زالون.
ڪُٺڪَڻُ: ڪِنجهڻُ.
ڪوتهه: ننڊو.
ڪُوپو: پهلوان، بهادر.
ڪوجهي: ڪِني، بدشڪل.
ڪوڏَ: خوشي، هيج، شوق.
ڪُورَ: واهه.
ڪُوڙهه: چِٽَ.
ڪوڙين: ڪروڙين، بيشمار.
ڪوڪَڙَ: سَڪل پيرون، ڪابه سَڪل شيءِ.
ڪولُ: پرسان، ويجهو، نزديڪ، گڏ.
ڪَونتَلُ: گهوڙو.
ڪُونجَ: پکيءَ جو قسم.
ڪَونڏڻُ: سُسائڻ، ڦيرائڻ، پري ڪرڻ.
ڪُوٽِي: اها ٽَڙي، جنهن جي چوٽيءَ تي 'ڪَر' ٺُپي ۽ پڙ پر 'لوڙهه'. ڏسو 'لوڙهه'
ڪُويلَ: آويل، اوير، دير، بي وقتو.
ڪُهدانَ: جبل ئي جبل، جبل جو پنڌ.
ڪوهه قافُ: هڪ جبل جو نالو.
ڪَيبَر: خنجر، ڪَٽارِي.

ڪَيفُ: خُمار، نَشو.
ڪيمخابُ: ريشمي ڪپڙي جو قسم.
ڪِينو: ويرَ، دشمني، عَداوت.
ڪِينڻِ: ڪاڏي، ڪيڏانهن، ڪٿي.

ک

کاڄُ: کانڄُ، کمينو، نِيچ، خراب.
کامڻُ: سڙڻ، جلڻ.
کاٽڻُ: ڏسڻ 'کامڻ'.
کاٽرَ: ڏسو 'پانورَ'.
کاهوڙِي: ڏٽ ڳوليندڙ. کاهوڙي جهنگ مان ڏٽ به ڳوليندا آهن ۽ ڇپن پر نانگ ڪٿي، در در بيک به گهرندا آهن. هي ڏاڍا اورچ
کُتابِي: ماڻهو آهن.
کَٽورِي: شاگرد، طالب العلم.
ڪستوري، خوشبوءِ، مشڪ، نافِ آهو.
کَٽي: لوئيءَ جو قسم.
کَپڙتالَ: مونجهارو، مصيبت.
کَرُيون: سُئيون (ڪير ڏيڻ جون)، پَلِيون، خاشيون.
کڙڻُ: ٽَهڻُ، پڇي وڃڻ.
کَلو: پادر، موچڙو.
کَلِي: پکال، اوٺي، ڪَوندِي، سانداري، مشڪ.
کُنِيي: ڏٽ جو قسم، غريب ماڻهو تري يا رنڌي ڪائيندا آهن.
کُورو: باهه، وڏو مچ، ٻَنِي.
کَهَ: ڪيهَ، مِٽي، پٽي، دَز، ڏوڙِ.
کَهَ: ڪوهه.
کَنبو: کَسبو، ريٽي ڪپڙي جو قسم.
کٽڻُ: ڪاٽڻ.
کِيان: ڪاوان. ڏسو 'کٽڻ'.

Gul Hayat Institute

کيٽُ: کيتي، ٻَني، زمين.

کيجَ: خوشبون.

کِيرو: آنَڊ پڪل سَنگ.

کَيڙو: هڪ ذات، ’هير‘ جو عاشق.

کينءَ: خوشي، خير عافيت.

کِيٽو: ڪائٽو. ڏسو ’ڪِٽڻ‘.

گ

گاجَ: گجگوڙ.

گاروڙِي: مانڊي، مانڊو، جوڳي، ڪاريگر.

گامَ: وک، تورَ، قدم.

گاندَر: گندرو، مهاڻن جي هڪ ذات.

گانگٽُ: ميڄ جو قسم.

گاءُ: وڏائي، هٺ، تَڪبر، ايمان.

گائُون: ڳوٺ.

گَبر: آتش پرست، باهه جو پوڄاري، مترادف. ’مغ‘.

گُداز: ڳاراڻو، جهوري.

گداگر: فقير، پينو.

گُڏي: لَغڙي.

گُرُ: گرو، مرشد. ضد ’چيلو‘.

گران: مهانگو. ضد ’ارزان‘.

گَردَ: مِٽي، ڌوڙ.

گردَنُ: ڳچي، ڳاٽو.

گرڙُ: پکين جو راجا، وڏو پکي، گرڙپکَ.

گرگاٽ: گهرڙاٽ، گوڙ، گجگار.

گُرگمُ: گروءَ جي ڏنل ڄاڻ، سمجهه.

گُرمکُ: سِکَ، چيلو، مريد، گروءَ جي وَچنَن تي هلندڙ.

گرنارُ: جهونا ڳڙهه ۾ هڪ جبل تي قلعو.

گرَنتُ: هندن جو ڌرمي پستڪ، جنهن جو رَچيندڙ گرونانڪ صاحب آهي.

گرو: ميرو، مَرَهاٽو، مِٽيءَ هاڻو.

گُزاف: ٻٽاڪ، ڊاڙ.

گُسائين: گوسائين، سنياسي، ساڌو.

گُفتارَ: گفتگو، ڳالهه ٻولهه.

گل: مِٽي.

گَلاَ: ولَرَ، هجومَ، ميڙ.

گلي: کهٽي.

گُماشتو: ڪم ڪندڙ، پَلاوٽو.

گُمراهِي: لامذهبي، ڪَج رَوي.

گنگا: هندن جي پاڪ ندي، جا هندستان ۾ آهي.

گنوائڻُ: ڪم ڪرڻ، وڃائڻ.

گُنيرُ: گڻوان، ڀَهڳڻ، گهڻين خوبين جو مالڪ، رَڄَ چڱو ماڻهو.

گواهِي: شاهدي.

گوجِ: نانگ جي شڪل جهڙي ميڄ.

گود: جهولي.

گوداوِري: دکن هندستان ۾ هڪ ندي، جتي ٻارهين ٻارهين سال ياتري گڏ ٿيندا آهن.

گودڙي: دَلق، فقيرائي پوشاڪ.

گودِڙيو: گودڙيءَ وارو، فقيرن جو قسم، جوڳي.

گورِ: قبر.

گوسِالو: ڳهيلو، بيوقوف.

گوشُ: ڪَن.

گوشائتو: ڪُنڊائتو، اڪيلائيءَ ۾ رهندڙ.

گوش نَشيِني: اڪيلائيءَ ۾ ويهڻ.

گوگا: گوگا پير. هڪ روايت مطابق، هَو ذات جو چوهاڻ راجپوت هو ۽ بيڪانير جي راجگڙهه تعلقي جي اوڙيرا ڳوٺ ۾ ڄائو. ماءُ پيءُ کان ڪاوڙجي وڃي جوڳي ٿيو. چون ٿا ته مسلمان ٿيو. مسلمان ٿيندي ئي، واٽ ويندي، گهوڙي ۽ هٿيارن سميت توهر نالي ۾ ڌرتيءَ ۾ هليو ويو. اُتي سندس قبر موجود آهي. بدي مهيني جي 8-9 تاريخ اُتي ميلو لڳندو آهي.

Gul Hayat Institute

گولاڙو: وَلِ جو قسم، جا ڳاڙهي رنگ جو گول ميوو ڪندي آهي.

گُندرُ: غم، ڳڻتي، فڪرات.

گُونهِي: ٻُزدل، لَغور.

گوءِ: ڪينهون، هُدڙي، بالَ، شرطَ.

گُويا: چوندڙ، ناطق.

گويائِي: گفتگو.

گياتَ: چاڻ، ٻوجهہ، سمجهہ.

گيانُ: علم، ڄاڻ. ڏسو 'گيات'.

گيتا: هندن جو هڪ پَوتر ڌرمي پستڪ.

گيچَ: گلن جي گهاٽائي، مَچا، گلن جي ماچ.

گيرَبُ: وڏائي، هٺ، آيمانَ، مغروري. ڏسو 'گاءِ'.

گيهِي: گهر وار، اصل گهر وارا فقير.

ڳ

ڳاٽُ: ڳاٽو، ڳچي، گردن.

ڳاني: هارَ، ڳهڻو، زيور.

ڳاراٽو: جهوري. ڏسو 'ڳرڻ'.

ڳارو: ڪپڙي ٽڪرَ.

ڳجهاندرُ: تمام ڳوڙهو، ڳوڙهو ڳجهہ، اونهو راز، ڳوڙهي مام.

ڳرَڻُ: جهرڻ.

ڳرهڻُ: چوڻ، بيان ڪرڻ، اورڻ، سلڻ.

ڳڙهُ: ڪوٽَ، قلعو.

ڳنوارُ: ڏَنارَ.

ڳڻُ: احسان، خوبي.

ڳوڙهو: مٽيءَ جو گليلو.

ڳُوڙهو: مخفي، ڳجهو.

ڳهلو: ڳهيلو، پاڳل، بيوقوف.

ڳهڻُ: ڳمڻَ، هَڃڻَ، هلاڪ ٿيڻ.

ڳيو: ويو.

گهہ

گهاتُ: گهاءُ، زخم.

گهاٽُ: رستو، واٽَ.

گهارِي: جدائي.

گهاءُ: زخم، چاڪ، چير.

گهٽُ: دِل.

گهرَ ڏياٽِي: گهر مالڪياڻي، گهر ڌياڻي.

گنگهرُ: پريشاني، مونجهارو.

گهل: فوج، ڪٽڪ.

گهنگهورَ: گجگوڙ، گاج.

گهورڻ: ڳولڻ، تلاش ڪرڻ، صدقو ڪرڻ، سر مٿان گهورڻ.

گهوما: گهومو، گهمندڙ.

گهونگهٽُ: نقاب، پردو، ٻڪلِ.

ل

لا: نہ، نَفي، نيستي.
ڪلمي جا ٽي جز آهن:
1. لااِلاہَ. ناهي ڪو اِلاهہ (معبود).
2. الا الله. الا الله. سواءِ الله جي
3. مَحمد الَرسول الله
محمد رسول ﷺ الله جو رسول يا پيغام رسائيندڙ آهي.
پهرئين جزي کي 'نفي' ۽ ٻئي کي 'اِثبات' چوندا آهن.

لاتِ: هڪ بُتَ، جو ڪعبي ۾ هو. حضرت شعيب جي قوم ان جي پرستش ڪندي هئي. ڏسو 'منات'.

لاتقنطوا: لاتَقنَطُوا مِن الرَّحمَۃِ الله. (قرآن) خدا جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو.

لاحَد: جنهن کي حد نہ هجي، بي انت.

لاخَير: لاخَير فِي عَبدِي. (قول). ٻانهپ ۾ خير ڪونهي.

Gul Hayat Institute

لاڏُ: پيار، اَنگل، آرو.

لاڏکيُون: / لاڏيُون: لاڏ ڪندڙ، پياريون. ڏسو 'لاڏ'.

لاسَيف: لافَتيٰ اِلا علي لاسَيف الاذوالفقار. ڪوئي بهادر ناهي سواءِ علي رضہ جي ۽ ڪائي تلوار ناهي سواءِ ذوالفقار جي.

لاشَڪ: بنان شڪ، بيشڪ، يقيني.

لاشُون: ڏسو 'راشي'.

لافَ: لاف، ٻاڙ، ٻَٽاڪَ.

لاڪو: لاڪو پير، خواجہ خضر. ڏسو 'لاڪٽيو'.

لاڪيٽو: لڪن جهڙو، لڪي، خوبصورت.

لاڪيٽي: لاڪ، رتل لوئي، ڳاڙهي لوئي.

لاڳُ: انعام، بخشش.

لامَ: ٽاري، شاخ.

لامَقصُودَ: لامَقصُودَ فِي الدارِينِ اِلاَهوَ. (قول الفقراء) ناهي مقصد ٻنهي جهانن ۾ (انهن جو) ان (خدا) کان سواءِ.

لامَڪانُ: خدا جو مقام، عالم قدس، عالم الاهي.

لامَوجُود: لامَوجُودَ اِلاَ الله (قول الفقراء) الله کان سواءِ ڪابہ شيءِ موجود نہ آهي.

لانگوٽِي: لنگوٽي، لنگوٽو.

لاٽو: ٻوٽي جو قسم، جو اُٺ جو پسنديده کاڄ آهي.

لاهُوتُ: عالم ذات الاهي (جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو)، صوفين جي آخرين منزل.

لاوان: لائون، گهوٽ ۽ ڪنوار جا سَتَ پيرا مَٿا ميڙ.

لاَيَحتاجُ: غير محتاج.

لاَيَزالُ: بي زوال، هميشه. (خدا جي صفت لاءِ).

لَتَرُ: پادر، موچڙو، ڪَلو.

لَٽَڪَ: لٽ، ڪاڪُل، گهنڊيدار وار.

لُٽيرو: ڦورو، رهزن.

لَپِي: ميجيءَ مٿان ڳِگَ.

لَڄ: حيا، شرم.

لَحظو: پَل، پَلڪ، دَم، ٿورڙي ويرمَ.

لَحمُ: گوشت، ماهَ، ماسَ.

لحمُون دَمَؤن، (حديث ڏانهن اشارو). تنهنجو گوشت منهنجو گوشت ۽ تنهنجو رت منهنجو رت آهي.

لُڙڪَ: ڳوڙها، هنجُون.

لَڙهَ: مالها، هارَ، قطار.

لَطِيفا: نيڪ ڳالهہ، نيڪ اهڃاڻ (تصوف ۾). لطيفا ڇهہ آهن، جي سالڪ کي حاصل ڪرڻ گهرجن:
1- نفسي 2- قَلبي 3- روحِي
4- سِري 5- خَفي 6- اَخفيٰ.

لَڪُ: جبل جو رستو.

لَڪَ: خبر، سُڌ.

لَڪَ لُوڻَ: لَڪَ لٽائيندڙ، پيسن جي ريلَ ڇيلَ ڪندڙ، هَٽَ ڦاڙَ.

لکيو: ليک، هتي قسمت جو انگ

لَلاَ: ڪنڌي يا اوڏر وارڻ يا ڇڪو ڪرڻ جي نشاني، منديڙو، ماندني.

للڪار: مقابلي جو سڏ، پُڪار.

لمڪن: لَڙڪن.

لنءُ: عشق، پيار، محبت.

لوني: بيشرم، واهيات، بيهودي، رولو.

لوح: لوح محفوظ اها عرش تي رکيل محفوظ پٽي، جنهن تي الله تعاليٰ (مسلمانن جي عقيدي موجب)، جيڪي ٿيو، ٿئي پيو ۽ ٿيندو، سو لکي ڇڏيو آهي.

لوري: گهڻ ذات واري.

Gul Hayat Institute

لوڙ: گھرج، ضرورت.
لوڙا: نَڙَ، گوڙ، هَل.
لوڙهہ: ڪَم جي پاڙ جو ميوو، ڪيرولي لوڙه.
لوڪُ: جهانَ، سنسار، ماڻهو.
لوڪشَفَ الغطاء مَازدت يَقيناً (حضرت علي جو قول)
جيڪڏهن پردن کي کولي ته به منهنجي يقين ۾ ڪو واڌارو نه ايندو.
لُولُ: لولا، واهيات، چريا.
لَولاڪَ: لَولاڪَ لَما خَلَقتَ الأَفلاڪ (حديث صوفين وٽ)
جيڪڏهن تون نه هجين ها (ته اهي محمد ﷺ) نه پيدا ڪيان ها جهانن کي.
لُونءَ:
لُنءَ: } وار، رڳَ.
لُوهن: ساڙن، جلائِن.
لُوهاٽو: مڇي مارينڌڙ.
لوهو: خُونَ، رَتَ.
لوءِ: مڪان، جان، ڳوٺ، جهانَ.
لَئو: لَئي جو وڏو وڻ.
ليڙو: آٽ.
ليڙون: ريڙون، ڦاٽل ڪپڙا.
لَيسَ: لَيسَ فِي جبّة ماسوالله قول (جنيد)
منهنجي جُبي ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين آهي.
لَيليٰ: عرب ملڪ جي هڪ عورت جو نالو، جنهن تي قيس عامري عرف مجنون عاشق هو. ليليٰ 'حَي' قبلي مان هئي ۽ مجنون 'عامر' قبيلي مان هو.
لِيڙَ: رِيڙَ، ڦاٽل ڪپڙو، مسڪيني حال.
لِيهَہ: شرم، حيا.

م

مادَرُ: ماءُ.
مارڳُ: رستو.
مارُو: ٿري، مسڪين، مالدار.
ماريتُ: مَارَيتَ شيئاً اِلاّ وَرَيتَ الله فيه (بزرگن جو قول)
جنهن شيءِ کي ڏٺم ته ان ۾ الله کي ڏٺم.
ماڙَ: مدد، مهرباني، ڀلائي.
ماڙيچي: ٿَريلي، ٿر جي رهاڪو.
ماسُ: ماھَ، گوشت.
مافو: ڏولي، پالڪي.
ماڪَ: ماٽَ، تيڙَ، شَبنَم.
ماڳُ: هنڌ، جاءِ، مڪان، مارڳ.
ماڳهين: مُور، اصلي، پٽيءَ، هرگز.
مالڪوسُ: هڪ راڳ جو نالو.
مالَها: تَسبيحَ، سُمَرڻي.
مامَ: ڳجهہ، رمز، اشارو.
مامرو: معاملو، ڪم، ڳالهہ.
مانجهي: بهادر، پهلوان، سُورهہ.
مانَدي: پريشان، عاجز.
مانڊي: مَنڊَ هڻندڙ، جادوگر.
ماڻُ: ماپو، تورو.
ماڻڪُ: رَتَنَ، لعل.
ماهِي: چند جهڙو، سهڻو.
ماهِي: مينهون چارينڌڙ، ڏَنارَ، ميهارَ.
مَتارو: مَتَلَ، رتوبت وارو، خوش.
مُترڪو: لوهار جو هٿوڙو.
مَتيرُ: سردار، اڳواڻ، بهادر، پهلوان.
مَحرَمُ: واقف.
مَجازي: غيراصلي، غيرحقيقي. ضد 'حقيقي'.
مَجذُوبُ: (مَجذُوب. 'جذب' جو اسم مفعول)، خدا جي محبت ۾ غرق.

Gul Hayat Institute

مَجنُون: ليليٰ جي عاشق جو نالو. ڏسو 'ليليٰ'.

مَجرَ: ڪَنڌيءَ جو ٻُورَ، سگريون.

مُحاصِرو: گهيرو.

مُحتَسِبُ: حساب ڪرڻ وارو، اهو حڪم جو شَرعي قانون جي پيچڪڙي ڪندڙ کي روڪي ٿو.

مَحضَرُ: عدالت جو حڪم نامون.

مُحڪَمُ: مضبوط، پُختو.

مَحڪُومُ: مطيع، تابع.

مَخدُومُ: آغا. ضد 'خادمُ'.

مَخمُورُ: نشي ۾ چُور، مَتوالو.

مَدّاحُ: ثناخوان، تعريف ڪرڻ وارو.

مُدّعا: مطلب، آرزو.

مُدغَمُ: مليل، پوشيده.

مَدگهُر: جواني.

مَڏُ: ميڄيءَ جو ڪوڙ، مَڏيون، سامان.

مُرُ: ڀَلي، ڀَلِ نه.

مُرتَدَ: بي دين، ڪافر.

مَرجات: رواج، رسمون، سليقو.

مَرجُوعاتَ: رَجاعت، ماڻهن جي آمدرفت.

مُرچو: جنگي مورچو، حفاظتي چونڪي.

مُرشِدُ: هدايت ڪرڻ وارو، سڌي راهه ٻڌائڻ وارو، پيرَ، هادِيِ.

مُرَصَّعُ: جواهرن سان جَڙيل.

مُرغابِي: پاڻيءَ جو مشهور پکي، ٻولاهي، آڙيءَ جو قسم.

مَرغُولُ: گهنڊيدار وار، ڪمان وانگر.

مَرڪُ: سُونهَن، شانَ، فخر، وڏائي.

مَڙهي: اها جاءِ جتي ساڌو وغيره رهن، مَٺَ.

مسائلَ: اهي ڳالهيون جي پڇڻ جي قابل هجن.

مَسجُودُ: قبلو.

مَسرُورُ: خوش.

مَسندان: گاديون.

مَسيت: عبادت ڪرڻ جي جڳهه (مسلمانن لاءِ)

مَشائخِيِ: وڏائي.

مَشرَ: مشهور، معروف، ظاهر ظهور، پڌرو.

مَشرِقُ: اوڀر.

مُشرِڪُ: ٻئي کي خدا سان شريڪ ڪرڻ وارو، ٻيائي وارو.

مَشرُو: ڪپڙي جو قسم، جنهن ۾ ريشم ۽ سَٽ گڏيل هجي.

مَشعالُ / مَشعَلا: شمع، روشن، ڏيئو، ڏياٽي.

مُصحَفُ: قرآن شريف.

مَصلحَاتُ: نيڪ صلاح، خوبي، مَشورَتَ.

مُصَلو: جاءِ نماز، نماز پڙهڻ جو وڇاڻو.

مُطالِعُ: اڀياس، پڙهڻ.

مَظهَرُ: ظاهر ٿيڻ جي جاءِ.

مَعبُودُ: عبادت جو لائق، الله.

مَعدُومِي: نيستي، نابودي.

مَعذُورُ: محتاج، لاچار، ضعيف.

مَعرفَتَ: خدا کي سڃاڻڻ، صوفين جي هڪ منزل.

مَعرڪو: مارڪو، جنگ جو ميدان، جنگ، ڪچهري، مجلس.

مُغُ: آتش پرست، باهه جو پوڄاري.

مُفتِي: فتوي ڏيڻ وارو، شرعي حاڪم.

مَقالَ: ڳالهه ٻولهه، گفتگو، پچار.

مُقَيّد: قيدي.

مَڪَ: کيڙ جو ڦَرُ، ڪَمَ جي ڪَڻِ.

مَڪَرُ: دغا، فريب، دوکو، ڇَلَ، ڪپٽَ.

مَڪڙي: ٻيڙي.

مَڪين: مڪاندار، مڪان ۾ رهڻ وارو، رهاڪو.

مُڪيڙيا: پکيڙيا.

Gul Hayat Institute

مَگَنُ: / مَگهن: نهال، خوش، نشي ۾ چور.

مَگَرُ: باھ.

مَگڻو: / مَگڻهار: منگتو، هڪ ذات.

مَلُ: بهادر.

مُلا: ظاهر علم جو ڄاڻو.

مَلاحُ: مهاڻو، ٻيڙي هلائڻ وارو.

ملڪ: ملڪيت، مال.

مَلُوڪُ: خوبصورت، سهڻو، نازڪ.

مَناوَڻُ: ميڃائڻ، قبول ڪرائڻ.

مَناتَ: مکي معظمه جي ٽن بتن مان هڪ بت، ٻيا ٻه بت: 1- لات 2- عزيٰ.

مِنبَرُ: مسجد ۾ بانگ ڏيڻ وارو منارو،

مُندڙا: وعظ ڪرڻ جي جاءِ.

مَندرُ: والا (جوڳين جي ڪنن جا).

مَنڍُ: ٽڪاڻو، ڏيورو.

مُنڌَ: شراب.

مَنجهي: مينهن.

مَنڌير: پٽڪو.

مَنڊُ: منتر، ڦيڻو، جادو.

مَنڊلُ: آسماني مانداڻ، ڪچهري، بهاري.

مُنڊڻُ: جادو وجهڻ، وس ۾ ڪرڻ.

مَن عَرفَ: مَن عَرفَ نَفسَه فَقَد عَرفَ رَبَه (قول الفقراء)

جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن ڄڻ پنهنجي رب کي سڃاتو.

مُنزہُ: پاڪ.

مَنصبُ: وڏو عهدو.

مَنصُورُ: ڏسو 'حلاج'.

مُنڪر: انڪار ڪندڙ.

مَنگان: گهران. ڏسو 'مگڻو'.

مَنهن: ٻونگي، جهوپڙي.

مِنهن: بهانو، عذر.

مَني: تڪبر، غرور، هٺ، وڏائي.

مني: بزرگ، گياني، تپشي.

مَتدارُ: مٿوارو، مٿيار، ڪلا وارو، روشن دماغ، ڪاريهر نانگ.

مَٿيارُ: ڏسو 'مدار'.

مَٿي: ڏانهن، طرف.

مَٽيو: تسبيح جو داڻو.

مُوَ: وار.

مُوتوا: مُوتوا قَبل اَن تَمُوتوا (قول) مرڻ کان اڳي مرو.

مَوجُودات: مخلوقات.

مُورَتَ: شڪل، صورت.

موڙ: مُڪٽ، مُنگهٽ، سهرا، تاج.

مُوڙهو: بيوقوف، مٺ ڪٺل.

مُوسيٰ: بني اسرائيل جي هڪ مشهور پيغمبر جو نالو.

موڪَ: جام، گهڙو، جهجهو.

مومن: ايمان وارو، مسلمان.

مُوءِ: مُنهن.

مَها: وڏو.

مَهاديوُ: مها ديوتا، شو جي.

مُهاڙي: مهڙ وارو حصو، منهن جو اڳيون حصو.

مَهانگو: گران، قيمتي. ضد 'سهانگو'.

مَهتاب: چنڊ.

مَهراڻُ: سمنڊ، ساگر.

مِهمانُ: اهو ماڻهو، جو ڪنهن جي گهر سانگي سان وڃي. ضد 'ميزبان'.

مَهمير: وڏا ماڻهو، پهلوان.

مَهَند: اڳيان.

مهوالُ: ميهار.

مَهي: کهاٽي جهڻ، ڏڌ، لسي.

مياٽي: اها جاءِ جتي مهاڻا مڇي ماري ڪوڙ ڪن.

Gul Hayat Institute

مِيثاقُ: انجام، وعدو. اهو اقرار، جو روحن خدا تعاليٰ سان ڪيو هو تہ تون اسان جو رب آهين ۽ اسان تنهنجا ٻانها ٿي رهنداسين.

مَيخانو: شراب جي ٻَٽي، شراب خانو، گتو.

ميرُ: مِٽي، ڪوٽَ، دغا.

ميڙاڪو: ميڙ، هجوم.

مُيَسَرُ: حاصل، موجود.

مِينا: شراب جو شيشو.

مِينڊرو: راڻو، مومل جو مڙس.

مينگهہ: بادل، ڪڪر.

مِيو: اَٺ.

ن

نابرِ: انڪاري.

نابُودُ: ناسَ، تباهہ، ڇٽَ، فنا.

نابُودِي: نيستي، فنائي. ڏسو 'نابود'.

ناتَرِ: ٻانهيءَ جو نالو، ٻانهي، نوڪرياڻي.

ناتو: لاڳاپو، ڳانڍاپو، تعلق.

ناتَوانُ: ڪمزور.

ناٿُ: سوامي، مالڪ، جوڳيسر.

ناپو: ڪَمَ جي ڪَڻِ، جا ڪَسڪَس وانگر ٿيندي آهي.

ناپَيدُ: ناياب، اَلڀ، اَڻلڀ، دَرلَڀ.

ناخُدا: ناکئو، ملاح، ڪشتي بان.

نادُ: سَنکَ، ڪوڏ.

نادرُ: ڪمياب، بادشاهہ، حاڪم.

نارِي: باهہ وارا (جِنَ).

ناسُودِي: جنهن مان فائدو نہ پهچي.

ناسِي: ناس ٿيندڙ، فاني.

ناطِقَ: ڳالهائڻ وارو، صاحبِ عقل. ضد 'صامتَ'.

ناگهہ: اوچتو، اچانڪ.

نال: ساڻ.

نامُون: خط.

ناميو: نالي وارو، ھاڪارو، بهادر، پهلوان.

نانگو: فقيرن جو هڪ قسم، جوڳي، آديسي.

ناوَڪ: تيرُ، ٻاڻُ.

نِپَٽُ: بنهہ، مُطلقاً، بلڪل، صفا.

نَثارُ: قربان.

نَجمُ: ستارو.

نجُهرو: بَستِي، گهرَ، جهوپڙي.

نِچوئِڻُ: نِپوڙڻ، وَهڻ يا ڳَڙڻ (اکين جي ڳوڙهن جو).

نَحسُ: نياڳو، چَندو.

نخوَتَ: غرور، تڪبر، هَٺَ، ايمانَ.

نڌِرُ: بيوس، بيواهي.

نَراسَ: نااميد مايوس.

نِرت: نظر، نگاهہ، ڌيان، اک.

نِرجِوَ: نِرلڄو، بي نَڪو، بي شرم، بي حيا.

نَسرِڻُ: سَنگَ جو نڪرڻ يا اُڀرڻ، ظاهر ٿيڻ.

نِسَنگُ: بي ڊپو، نڙوار، ظاهر، اُمالڪ، بيشڪ.

نسي: نہ، نہ آهيون.

نَشانو: هَدف، تير لڳڻ جو هنڌ.

نَصارو: عيسائي، حضرت عيسيٰ جي امت.

نَعرو: زور جو آواز.

نَعمُ: هائو

نفلاتي: نفلن پڙهڻ وارا.

نفي: نيستي، نابودي، انڪار. ڏسو 'اثبات' ۽ 'لا'.

نفي، سِري، خفي اخفا: ٻئي ذڪر جا اصطلاح.

نقرو: گهوڙو، اڇي گهوڙي جو هڪ قسم.

نقش: تعويذ.

نڪتو: باريڪ سَخن، سٺي ڳالهہ جا پوشيده هجي.

Gul Hayat Institute

نڪ: لاڳاپو.

نڪڙڻ: جدا ٿيڻ، پري ٿيڻ، الڳ ٿيڻ.

نگونسارُ: اونڌو، ٿيل، ٻڏل.

نگريو: نڪتو، آجو ٿيو.

نگيا: ڏسو 'نگريو'.

نماٹو: نهٺو، صاف دل، بي وڏائي.

نمرود: بابل جي هڪ مشهور ڪافر بادشاه جو نالو، جنهن خدا هئڻ جي دعويٰ ڪئي هئي، هي حضرت نوح جي پٽ حام جو پوٽو هو. هڪ روايت مطابق هڪ مڇر، سندس نڪ مان گهڙي، مغز ۾ وڃي ويٺو، جنهنڪري ڪيس ڏاڍي بي آرامي ٿي. چون ٿا ته بي آراميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ، روزانو مٿي کي ڏک هڻائيندو هو. آخر انهيءَ عذاب ۾ مري ويو.

نناٹون: بلائون خصوصاً جبل جي غارن ۾ رهندڙ.

نوبتَ: وقت، وارو، نغارو.

نوڪَ: چهنب، اک جي ٻچڙي، اک جا پنبڻ.

نوٹي: ڪلراٺي زمين، ويران هنڌ.

نوع: قسم.

نهالُ: خوش.

نهالي: سوڙ، رضائي، پٿرڻي.

نهرون: نديون.

نياپو: سنيهو، پيغام، پارانيو.

نيارو: نرالو، الڳ، علحدو.

نيبهه: سلامت، قائم.

نيرُ: پاڻي.

نيرَ: پيرن جا زنجير.

نيسَ: عدم.

نيسرَ: نارَ جو اهو عضوو، جنهن ۾ پاڙڇ جو پاڻي پوي.

نيسان: (بهار جي مند جو مينهن، جنهن جي ڦڙن ڪري، سپ ۾ موتي پيدا ٿئي ٿو)،مينهن.

نيلُ: آسمان، نانگ.

نيلُ: سؤ ارب جو عدد، بيشمار.

نيلمُ: نيري رنگ جو پٿر يا جواهر.

نيمان: آڌواڌ.

نيم شبَ: اڌ رات.

نينَ: نيڻ، اکيون.

نينهُن: عشق.

نيڻَ: ڏسو 'نين'.

نيهڙي: نهوڙي، ناس ڪري.

و

واجٽُ: واڄو، باجو، ساز.

واڄو: باجو، سرود، آواز.

واجهه: ڪوشش.

واچڻُ: پڙهڻ.

واحدُ: هڪ، خدا جو نالو.

وادي: ميدان، ماٿري، درياءُ.

واديسي: پرديسي، مسافر، طالب.

واڌائي: مبارڪ، خوشخبري، ڪيرون.

واڍوڙيو: قتيل، زخمي، قتيل عاشق.

وارُ: لحظو، ويرم، پلڪ.

واسڻ: سرهو ڪرڻ.

واسينگُ: نانگ جو هڪ قسم، ڪارا ۽ ڏکيا وارا.

واصلُ: ملندڙ، مليل.

والله: خدا جو قسم.

وامقُ: عذرا جي عاشق جو نالو. ڏسو 'شيرين'.

واهڙُ: نديو واهه، واهه.

واهڻُ: ٻهراڙي، ٻهراڙيءَ جو ڳوٺ.

واهيرو: آڪيرو.

Gul Hayat Institute

وايو: واءُ، هوا، زور سان هوا جو لڳڻ.
وَبالُ: عذاب.
وَبِي يَنطِقُ: وَبِي يَنطِقُ وَبِي يَبصِرُ (حديث) ۽ مون سان ڳالهائي ٿو ۽ مون ڏسان ڏسي ٿو.
وَتُرا: گهڻو، زياده، وڌيڪ.
وَتُعِزَ: وَتُعِزَ مَن تَشاءُ وَتُذِلِ مَن تشاءُ. (قرآن) جنهن کي وڻيئي تنهن کي عزت وارو ڪرين، ۽ جنهن کي وڻيئي تنهن کي ذلت وارو ڪرين.
وٽُ: وِٿِيَ، وِڇوٽي، مفاصلو.
وٽَڪَ: ڦيرو، وڪڙ.
وُٺو: وسيو، مينهن وسيو.
وڄارَڻُ: ڏسو 'اجارڻ'.
وِڄُ: کنوڻ، بجلي.
وڄڻُ: ٻرڻ، آواز ٿيڻ.
وڄهلَڻُ: جهرڻ، جهڄڻ، ڳرڻ.
وِڇاءُ: وڇان، منجهان.
وِڇُٽ: وڇوٽي، مفاصلو.
وِچِين: ٽيپهري (جي نماز)، پيشي، پيشن. ڏسو 'وڇاءُ'.
وَحدَتَ: اڪيلائي، هيڪڙائي. ضد 'ڪثرت'.
وَحِي: حضرت جبرئيل، ملڪ هٿان نبيءَ ڏانهن خدا جو پيغام.
وڏُوڻِڻُ: ڪاوڙ ۾ اچڻ، غصي ۾ اچڻ، جوش ۾ اچڻ.
وَڏُون: (جا زال ٻيءَ جي گهر کان مڙس جي گهر تائين پهچائي وڃي ٿي) زالون.
وڏُون: رنڊڪون، پيچڪڙيون.
وَرَ: واهر، مدد.
وَرُ: وڪڙ، ڦيرَ، اٽڪل.
وَرُ: مڙس.
وَرُ: موٽ.

وردُ: روزمره جو ڪم، ٺهرايل ڪم، وظيفو.
وَرَعِي: پرهيزگار، پارسا.
وَرنائِڻُ: آگهائڻ.
ورهَ: برهه، جدائي، ڦوڙائو، عشق.
وَرِيامُ: بهادر، وير، پهلوان.
وَسَ: وَسندي، اصلوڪي جاءِ.
وَستُو: آبادي، جڳهه.
وسرامُ: آرام.
وَسواسُ: وَسوَسو، سَنسو، وَهم، شَڪ.
وِسهَڻُ: ڀروسو ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ، يقين رکڻ.
وصالُ: ميلاپ، ملاقات. ضد 'هجر'.
وَظيفو: ورد. ڏسو 'ورد'.
وَفِي اَنفُسِڪُم: وَفِي اَنفُسِڪُم اَفَلا تُبصِرُونَ (قرآن) ۽ اوهان جي اندر ۾ آهن (خدا جي قدرت جون نشانيون) پوءِ اوهين ڇو نٿا ڇتائي ڏسو؟
وڪاڻيون: ڳالهيون، تعريفون.
وکرُ: مالَ، سامانَ.
وڳُ: ٽلو، گلو، قطار.
وِڳوڙُ: بگاڙو، مونجهارو.
وڇاري: آٻالي، غمگين، غريب، بي گهر.
وَلَ: / وَلا: وڪڙ، وراڪا.
وَلاٽي: وَرَندِي، موٽَ، جواب.
وَلاوَڻ: موٽائڻ، ورائڻ.
وَالقَدر: وَالقَدر خَيره وَشَره مِنَ الله تعاليٰ (قرآن) تقدير چڱي ۽ بڇڙي الله ڏانهن آهي.
وَلو: ناغو. ڏسو 'ول'.
وَلَهو: پيتار، مڙس، پيارو.
وِلهو: سيو، سَڪٽو، ڪنگال.

وَلِي: خدا جو پيارو محبوبِ خدا، دوست. 'ولي' جو درجو 'نبي' کان گهٽ آهي.

ونجهلي: بينسري.

وَنَحنُ: وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِن حَبلِ الوَرِيد. (قرآن) اسين هن (انسان) کي، سندس گردن جي رڳن کان به ويجها آهيون.

وَنَفَختُ: وَنَفَختُ فِيهِ مِن رُوحِي (قرآن). ڦوڪيو مان روح پنهنجي کي، ان ۾.

وَنجارو: واپاري.

وَٽَراهَه: وٽڪار.

وَٽِڪارَ: هڪ منزل يا جُوءِ جو نالو. ڏسو 'وٽراهه'.

وِٽوانڊَ: اجايو، مفت، ضايع، فضول.

وَهَ: چرٻي، سٿپ.

وِهُ: زهر، وِڪَ.

وِهانءُ: شادي، پرڻو.

وَهُسڻُ: ڪِلڻ، خوش ٿيڻ، ٽڙڻ.

وَهَلَ: ميڇيءَ جون ٻوريون، آنڊا. ڏسو 'وَهَ'.

وَهَلورُ: بيزار، ڪڪِ، پريشان.

وَهَندو: جلد، ترت، سَتت.

وَهُوَ: وَهُوَ مَعَڪُم اَينَمَا ڪُنتُم. (قرآن) اهو اوهان سان گڏ آهي، جتي اوهين هجو.

وَهِيٽو: وس، اختيار، پَروس، محتاج.

ويڄ: طبيب، حڪيم.

ويچارو: بي مدد، بي سهارو.

ويڌَن: پيڙا، درد، حالت، ماجرا.

وير: ويلَ، وقت، مهل.

وير: دشمني.

ويراڳي: بيراڳي (فقير)، تارڪِ.

ويراوير: هميشه سدائين، هر ويل، هر وقت. ڏسو 'وير'.

ويري: دشمن.

ويري: سَنڌو، پٽ.

ويڙهه: جهنگ، ٻيلو.

ويسَهُ: ويساهه، اعتبار، ڀروسو.

ويڳاڻو: بيگانو، ڌاريو، مُوڙهَلَ. ڏسو 'بيگانو'.

ويلَ: ڏسو 'وير'.

ويساهي: ويساهه ڏيئي، ڌوڪو ڏيئي. ڏسو 'ويسهه'.

هه

هاتڪُ: داناهه، قابل، پارکو.

هاجَ: ڪم، ڪار.

هاڃو: نقصان، ٽوٽو، ڇيهو.

هاري: هار ڪاڏل، ڪمبخت.

هاري: هارپ ڪندڙ، ڪڙمي.

هاڙو / هاڙهو: جبل جو نالو، مڪران جي سرحد تي جبلن جي قطار.

هاڪارڻُ: هڪلڻ، اڪٽي هلائڻ.

هامُ: قبوليت، ڊاڙ، ٻٽاڪَ.

هٺُ: تڪبر، وڏائي.

هجر: جدائي، فراق.

هَجوَ: گلا، ننڊا.

هُجومُ: اَنبوهه، ميڙ.

هجي: حرف کي اعراب سان ظاهر ڪرڻ.

هَچڻُ: هَچڻَ، ڳَمڻَ، ڳرڻ.

هَڏُ: هڏو، عزيز، مائٽ.

هراسُ: خوف، ڊَرَ.

هرتالُ: سنکئي جو قسم.

هردو: هينون، دل.

هِماليه: هندستان جي اتر ۾ هڪ وڏو جبل.

Gul Hayat Institute

هِرَناڪشُ: مهارجا هرناڪشپ، جو پهريائين چڱو هو، پر پوءِ راجائي نشي جي اَندَ ۾، رعيت تي طرحين طرحين ظلم ڪرڻ لڳو. حڪم ڪيائين تہ سندس بندگي ڪئي وڃي. انهيءَ تي سندس پٽ پرهلادَ سائس لڙيو ۽ ناس ڪيائينس. ڏسو ’پرهلاد‘.

هَزارو: گل جو قسم.

هَستي: وڏائي، هٺ.

هَسوارُ: سوار، گهوڙي سوار.

هَسي: ڪِلي، خوش ٿي.

هلالَ: نئون چنڊ، ترار.

هَلاهَلُ: زهر قاتل جو قسم.

هَمُ: غم، اندوه.

هَمراهُ: ساٿي، مددگار.

هَنجُون: اڪ جا ڳوڙها، لڙڪ.

هَنجُون هابُ: اشڪبار، هنجون هاريندڙ. ڏسو ’هنجون‘.

هَنگامُون: شور.

هَنگلاجُ: ديويءَ جو مندر، فقيرن جي زيارت جي جاءِ، هڪ صوفيانہ منزل.

هَنُومانُ: رڇن ۽ باندرن جي بادشاهہ سگريو جي ملازم جو نالو، جنهن راجا رامچندر کي لَنڪا (سلون) تي چڙهائيءَ وقت مدد ڪئي هئي.

هننون: دل.

هَوتُ: پيارو، محبوب.

هورُ: ٻيو.

هورُ: فڪر، انتظار، ڊپ.

هُوڙهو: بيوقوف، اَٻهرو، جلد باز.

هولُ: ڊپ، خوف.

هولِي: هندن جو هڪ وڏو ڏڻ، خوشي، شوق، محبت.

هو مُشتاق علي لقاءِ الله (قول)
اهو الله جو ديدار جو عاشق آهي.

هٿان: هتان، هن جاءِ تان.

هُويدا: ظاهر، عَيان، نمودار.

هَيبَتَ: ڊپ.

هيجُ: شوق، محبت، خوشي.

هيچِ: ٿورو، ڪِي ڪينَ، ڪجهہ بہ نہ.

هيسِ: سڌَ، خواهش، شوق.

هيڪاند: / **هيڪند:** ملاقات، ميلاپ.

هَيهات: افسوس.

ي

ياڪي: ڦريل، نافرمان، بي وفا، جدا.

يَدبيضا: معجزو يا ڪرامت. فرعون، نَوَن چاول ٻارن مان، نبيءَ جي سچائپ لاءِ هرهڪ ٻار جي ترِيءَ تي ٽانڊو رکائيندو هو. اهڙيءَ طرح حضرت موسيٰ جي ترِيءَ تي بہ رکيو ويو، ليڪن ان ۾ قدرت طرفان مصلحت رکيل هئي، جنهنڪري سندن هٿ بہ سڙي پيو، ۽ وڏي هوندي، اهوئي سڙيل هٿ سندن معجزو ٿي ويو، يعني پنهنجو هٿ بَغَل ۾ وجهي، ٻاهر ڪيندا هئا، تڏهن سج وانگر روشن ٿي ويندو هو.

يَسمَعُ يُبصِرُ: ٻڌي ٿو، ڏسي ٿو.

يَنطِقُ: ڳالهائي ٿو.

Gul Hayat Institute

يَـيِقن: بيشڪ، بِلاشڪ، سچ، ٺيڪ، درست،اعتبار.
يقين جا ٽي قسم آهن:
1- علمِ اليَقين 2- عَين اليَقين
3- حَقَ اليَقين.

يَڪايَڪ: هڪ ئي وقت، اچناڪ، اوچتو، گڏو.

يڪتا: اڪيلو، بينظير.

يَڪسانُ: هڪجهڙو.

يَگانو: بينظير، لاثاني، بي مثل.

يوسُفُ: هڪ مشهور پيغمبر. حضرت يوسف عليه السلام حضرت يعقوب عليه السلام جو پٽ هو. نهايت حسين هو. حضرت يعقوب جي سائس ڏاڍي دل هئي، انهيءَ ڪري سندس ٻيا ڀائر حسد ڪندا هئا. اهوئي سبب هو، جو ڀائرن حضرت يوسف کي کوهہ ۾ وڌو، جتان مالڪ نالي سوداگر ڪڍي مصر جي عزيز بادشاهہ وٽ وڪيو. آخر مصر جو بادشاهہ ٿيو. سندس عمر هڪ سَوُ ڏهہ ورهيہ هئي ۽ وفات 1792 قبل مسيح ۾ ٿي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

A ROSHNI BOOK
Poetry / Classic
Pakistan Rs. 200.00